
# دل وراڪو دوست سين

(ڏات، ڏانءُ، ڪرت ۽ ڪردار)



سهيڙيندڙ

**انور سومرو**

SAMBARA PUBLICATION HYDERABAD

# دل وراڪو دوست سين

(ڏات، ڏانءُ، ڪرت ۽ ڪردار)

سهيڙيندڙ

انور سومرو

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

كتاب نمبر 118

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | دل وراڪو دوست سين |
| صنف: | ذات، ذانءُ، ڪرت ۽ ڪردار |
| سهيڙيندڙ: | انور سومرو |
| ڇاپو پهريون: | جون 2018ع |
| ڪمپوزنگ: | احسن رحمان ابڙو |
| ٽائيٽل: | طارق علي |
| ڇپائيندڙ: | سمبارا پبليڪيشن |

منو ٽاور سامهون عبرت پريس ويجهو دُوابا پوليس لائين، گاڏي کاتو حيدرآباد
03003513966

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

مُله:120

***DIL WARAKO DOST SIEN***

***(Personality and Role)***

***by: Anwar Soomro***

***First Edition: June 2018***

***Sambara Publication Hyderabad***

***03003513966***

## ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

پيتائي ڪتاب گهر حيدرآباد،. سمبارا ڪنول بڪ هائوس حيدرآباد، ادبي بورڊ بڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد، قليچ ڪتاب گهر سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد، ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد، ڪامريڊ بڪ اسٽال ڄامشورو. رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو. وسيم ڪتاب گهر شڪارپور، سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر. تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس، ٿر ڪتاب گهر مٺي. الفتح نيوز ايجنسي سکر.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سُپرين اوڏا ڏُور بہ ڏُور، ڪي اوڏائي ڪي
مُور وِسِرن ڪي نہ، ڪڏهين چَڙهنِ نہ چِتِ ڪي
جِئن مَينهنِ ڪُنڍِڙيءَ پُور، تِئن دل وراڪو دوست سِين
(شاهہ عبداللطيف ڀٽائي)

## ارپنا

ارپيان ٿو دوستيءَ جي هيءَ پيڻا
دوستيءَ جي نانءِ
دوستي جيڪا دنيا جو وڏو سچ آهي
دوستي جيڪا ڏکيائين جا درياءَ پار ڪرڻ لاءِ آٽت بڻبي آهي
دوستي جنهن لاءِ خليل جبران چيو آهي:
دوست کان پنهنجو ڪجهه بہ نہ لڪايو
ايتري تائين جو پنهنجا عيب بہ متس ظاهر رکو.
۽ هن ڪتاب جي اها خصوصيت آهي
تہ هن ۾ منهنجي دوست جون سموريون خوبيون توڙي خاميون
ڪجهہ بہ لڪيل ناهي

انور سومرو

## فهرست


| | | |
|---|---|---|
| پبلشر نوٽ | ساجد سنڌي | 07 |
| من اندر جي ڳالهه | انور سومرو | 09 |
| بي چين ۽ مضطرب نسل جو نمائندو | مظهر ابڙو | 11 |
| جيون اسڪيچ | | 17 |
| جيون ۾ جهاتي | ڳالهه ٻولهه: انور سومرو | 19 |
| محبتي شربت پيئڻ جو شوقين شاعر | ڊاڪٽر روشن گولاٽي | 28 |
| محبتون اُٽيندڙ، وشال امير | ضراب حيدر | 32 |
| دل ٻري ٿي جڻ اُماڙي | حبيب ساجد | 37 |
| ڏات ، ڏانءُ ۽ ڪرت | عبدالرزاق عمراڻي | 43 |
| هڏ ڏوکي دوست ۽ جيون ساٿي | تسليم سحر | 46 |
| وشال امير هڪ منفرد شاعر | بشير منگي | 49 |
| هڪ فساديءَ جو لائيف اسڪيچ | انور سومرو | 52 |
| امر جليل جي ڪهاڻين جو ڪردار | ساجد زخمي چانڊيو | 65 |
| اُپ ڏي اُڏامون ساري سوچ ڪمال! | انور سانول | 68 |
| وشال امير جي ڪاميابين جو سفر | ثمينه وقار | 72 |
| وشال امير جون ڪهاڻيون ۽ شخصيت | سلميٰ قادري | 74 |
| اڏ ماني پورو ڪتاب | حنا ڪاڪيپوٽو | 76 |
| هڪ سچو انسان | سيده قدسيه حيدر شاهه | 78 |
| منهنجو استاد ، منهنجو رهنما | نور افشان شيخ | 79 |
| هڪ بهترين دوست | عمران علي رڏ | 82 |
| سنڌوءَ جل جهڙو سياءُ رکندڙ شخص | شمشاد علي رڏ | 85 |
| وشال سوچ جو مالڪ ادا وشال امير | ريحانه چانڊيو | 86 |
| آءِ لَوِ يو پاپا | شهزادي جماڻي | 88 |
| بهترين انسان ۽ تعليمي خدمتگار | مهوش عباس قريشي | 90 |
| هڪڙو محبتي ماڻهو | ماجد علي جسڪاڻي | 91 |
| وشال امير اديبن، شاعرن ۽ دوستن جي نظر ۾ | | 93 |

# پبلشر نوٽ

زندگيءَ جا ميلا بہ عجيب ٿين ٿا، ڪڏهن خوشين کي پاڪرن ۾ پري ناهيون ٿڪبا تہ ڪڏهن ملندڙ دردن ۾ بہ ميناس جا متلاشي بڻجي مڙئي گهڙيون گذارڻ جا بهانا ڳولي وٺندا آهيون ۽ پوءِ ساروڻين جا نہ ڪٽندڙ سلسلا پاڻمرادو جيون سان ڳڱاڻجي هڪ پرسرار راهہ طرف ڏڪيندا رهندا آهن، جڻ تہ هر انسان خوبين ۽ خامين جي مٽيءَ مان ڳوهي اشرف المخلوقات جو نپو لڳائي زمين جي تتل ريت تي پچڻ لاءِ اڇلايو ويو هجي ۽ جيستائين اهو پچي راس ٿئي يا ڪچو ئي ڪائجي وڃي، تيستائين جسماني، روحاني ۽ دنياوي رشتا محبتي مايا کان بي نياز ٿي پنهنجي خوديءَ ۾ خود ئي گم ٿي وڃن ٿا. توڙي جو رت جي رشتن کي اڻٽٽ قدرت جا جوڙيل رشتا سڏيو وڃي ٿو، جڏهن تہ محبت ۽ دوستيءَ جي ڳنڍيل تندکي وڌيڪ جٽادار تصور ڪرڻ باوجود بہ هترادو ۽ ناپائيدار سمجهيو وڃي ٿو، جيڪي سمجهن ٿا شايد اهي سهي بہ هجن پر زندگيءَ جا اصل يا ڳجها راز هميشہ دوستن وٽان ئي عيان ٿيندا آهن. جوتہ فطري ۽ تصوراتي طور دوست ئي دل جي ويجهو رهندڙ اهڙو رشتو بڻجي وڃي ٿو، جنهن سان دل کولي دل جون وارتائون، اڻ ڇهيل آشائون ۽ پاڪ يا ناپاڪ تمنائون ونڊي هبڪڻو نہ ٿو پوي. اڳين جي دل ۾ ڇا آهي، اهو، اهو ۽ ان جو رب ڄاڻي، پاڻ پنهنجي دل جو بار لاهي لاشعوري طور جڻ ان کان ان جي بدلي ڪجهہ ملڻ جي اميد رکي ٽڪڻ لڳندا آهيون، واقع ڪنهن کي گهڻو ڪجهہ ملي بہ وڃي ٿو ۽ ڪو انامید ٿي پنهنجي بيوسيءَ تي ڳوڙها ڳاڙڻ تي مجبور ٿئي ٿو، اهو دنيا جو دستور رهيو آهي ۽ رهندو ايندو.

هي ڪتاب ”دل واڪو دوست سين“ بہ هڪ دوست جو ٻئي دوست کي پيار ۽ پيٽا جو اهڙو املهہ تحفو آهي، جيڪو ورلي ڪنهن ڀاڳوند جو پاند پڪڙي ٿو، وشال امير بہ اهڙو ڀاڳ ڀريو دوست آهي، جنهن کي اهڙن دوستن جو ساٿ نصيب ٿيو، جيڪي سندس مٿان پاڻ وارڻ سميت ڪيس زندگيءَ ۾ ئي ڀرپور پيٽا پيش ڪري سندس جو مان مٿاهون ڪيو

آهي، هونئن بہ خود پرست دنيا ۾ اهڙن ماڻهن جو ملڻ مشڪل ٿيو وڃي، سچ تہ سهڻي ليکاري ۽ سينيئر صحافي دوست انور سومري پنهنجي پرين پياري وشال امير تي وڏا پال پلايا آهن، جنهن سان نہ فقط وشال امير جي شخصيت ۽ سندس ادبي، صحافتي، تعليمي ۽ سماجي خدمتن جو مڪمل نچوڙ اسان سامهون پڌرو ٿيو آهي پر سندس فني ۽ فڪري حوالي سان دوستن جا ويچار بہ هيئين سان هنڊائڻ جهڙا آهن، هونئن بہ وشال امير جو قلم هميشہ ظلم ۽ ظالم خلاف للڪار ۽ تلوار جي صورت ۾ سامهون آيو آهي، هو سچو، کرو ۽ مخلص دوست هئڻ جو حق ادا ڪرڻ جو ڏانءُ بہ رکي ٿو تہ پنهنجي سچائيءَ بدولت وچوٽيون، ناراضگيون ۽ دشمنيون سهڻ جي سگهہ بہ رکي ٿو.

ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ وشال امير بي ڊپي ۽ بيباڪ صحافي ۽ ليکڪ سميت بهترين دوست، والد ۽ وَر جون ذميواريون ۽ فرض نڀائڻ لاءِ ڪنهن بہ حد تائين وڃي سگهي ٿو ۽ موجوده معاشري ۾ اها خوبي ڪيس ٻين کان گهڻو ممتاز بڻائي ٿي، هونئن خاميون تہ انساني وجود جو حصو رهيون آهن پر سندس هڪ وڏي خوبي اها بہ رهي آهي جو پاڻ سرڪاري ڪامورو رهندي بہ سرڪار جي ڪنهن بہ اڻ وڻندڙ ۽ غلط قدم خلاف بي ڌڙڪ ٿي قلم جي جنبش ڪي اپاريو آهي ۽ پرپور آواز اٿارڻ ۾ اڳ کان اڳري رهڻ جي جستجو ڪي هٿان وڃڻ ناهي ڏنو. هڪ اهڙي شخصيت ڪي پيٽا ڏئي سچ تہ انور سومرو ڪيرون لهڻي، شال سندس محبت ساپ پوي ۽ هڪ دوست جي ٻئي دوست لاءِ محبت ۽ اُنسيت ۾ ڪوبہ داغ محسوس نہ ٿو ٿئي، سمبارا پبليڪيشن جي هن سوڪڙيءَ ڪي پڙهندڙ دوستن لاءِ دوستيءَ جي تحفي طور پيش ڪجي ٿو، اميد تہ ساڳي محبتي سان نوازيو ويندو.

ساجد سنڌي
سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد
03003513966

<u>پنهنجي پاران</u>

## من اندر جي ڳالهه

شعوري يا لاشعوري طور تي جڏهن به لفظ "هئا" جو استعمال سماعتن سان ٽڪرائجندو آهي يا پڙهڻ دوران نظرن آڏو گذرندو اٿم ته نه ڄاڻ ڇو حساس من ۾ بائيتال مچي ويندو اٿم، چاهڻ باوجود پاڻ تي ضبط رکڻ ڏاڍو ڏکيو لڳندو اٿم، فطرت جي پنجوڙن کي ٽوڙي ڦٽو ڪرڻ تي دل چاهيندي آهي پر هيل تائين نه ته مان ئي ، نه ئي ڪو ٻيو ان اياڳ "هئا" مان پنهنجو پاند آجو ڪرائڻ جو ستُ ساري سگهيو آهي. لفظ "هئا" جي جاءِ تي لفظ "آهن" جو استعمال وقت سر ٿئي ته هوند من ۾ پيڙائن کي سانت جي لوري (لولي) ملي وڃي. ان وارتا ۾ فطرت سان گڏوگڏ اسان جي بيحسيءَ جو عمل دخل پڻ سوايو رهيو آهي. "آهي" يا "آهن" جو قدر نه ڪرڻ سبب ئي جڏهن "هئو، يا "هئا" جو استعمال ٿيندو آهي تڏهن ڪَلَ پوندي آهي ته هڙ ئي هلي وئي.

گهٽ ۽ ٻُوسٽ واري هن ماحول ۾ پاڻ پسندي ۽ پسند ، ناپسند جي روش قدرن جي ڳلا گهٽ ڪندي ويڳاڻائپ کي هٿي وٺرائيندي، احساسن جو انت آڻيندي ڇسائپ جو وايومنڊل جوڙي ورتو آهي، جنهن سبب حساس فردن پاڻمرادو بنواس ماڻيندي اڪيلائي جي ڪُن کي پنهنجي جيئدان بخشيو آهي. جيئري ناقدري ۽ مئي پڄاڻان تعريفن جا بند ٻڌڻ واري عمل جتي جو ساڄاهه وند حلقي ۾ فردن جي "هئڻ " واري اهميت کي هانجو رسايو آهي ته اتي ئي مجوتيءَ کي ٿياس تي ٽنگيندي ڪوتا ڪيتر جي حساس سرجڻهارن کي ڪنڊائتو ڪرڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

ڏکهي عرصي کان اسان مٿان اها تُهمت مڙهجندي رهي آهي ته سنڌي مُرده پرست قوم آهي ، جو هتي ڪنهنجي وئي پڄاڻان ئي چاهيندي يا نه چاهيندي مڃتا جي مڙهي جوڙي جڳ جهان جا مثال ساڻس منسوب ڪيا ويندا آهن، اهڙي ريت جتي مهنداريءَ جي رستا روڪ پئي ڪئي وئي آهي ته ساڳئي جاءِ تي "منهنجو ڇا" جهڙي تلخ ۽ ترڇي روايت جا بنياد به پئي وڌا ويا آهن، اهڙي صورت ۾ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ماڻهوءَ کي سندس ئي حيات ۾ ڪيل خدمتن تي خراج پيش ڪندي،

روايتن جو ٽوڙ آڻجي ۽ سنڌيت جي سينڌ ۾ ڪاري چُٽي جيان ڏيک ڏيندڙ "مرده پرست" لڪير کي ميساري ثابت ڪجي ته اهي محض ڏندڪٿائون ئي آهن ، جن جو حقيقتن سان ڪو واسطو ناهي، اسين زنده قوم جا زنده فرد پنهنجي امر ڌرتيءَ جا مثالي فرد ، تاريخ جوڙيندڙ ۽ مانائتين روايتن جا امين آهيون.

منهنجي ڊگهي عرصي کان اها ڪوشش رهي آهي ته فرد جي ڪردار کي سندس حيات ۾ ئي مڃتا ڏيندي سندس صلاحيتن جي آبياري لاءِ پتوڙيو وڃي ته جيئن هو مايوسيءَ جي منڌ مان آجو ٿي، ڌرتي ۽ ڌرتي ڌڻين لاءِ پنهنجون صلاحيتون ڪتب آڻي سگهي.

غير معمولي فردن کي سندن حياتين ۾ ئي مانائتي مڃتا ڏيڻ لاءِ مون ان اميد سان هيءَ وڪ کنئي آهي ته هيءَ ڪِجندڙ وک روايت جو ٽوڙ ضرور ثابت ٿيندي، هي پهرين وک پنهنجي ٿهيءَ جي پلوڙ شاعر ، البيلي دوست، ڪالم نگار ، ڪهاڻيڪار ، سماج سڌارڪ ، انسانيت کي اُتم ڄاڻيندڙ، پيار محبت سان گڏ وطن پرستي ۽ انساني خوشحالي جي خواهان ، ڪجين جي ديس خيرپور ميرن واري جي وشال تاريخ جي سيني تي پنهنجي هڻڻ جا ڇٽ ڇٽيندڙ ، اندر جي اجري انسان ، روشن آئيندي جي آجيان لاءِ آتي، ڳٺائتي ۽ وڙائتي "وشال امير" جي ذات، ڏانءَ، ڪرت ۽ ڪردار تي " دل وراڪو دوست سين" جي عنوان هيٺ مختلف سرجڻهارن ۽ سندس چاهيندڙن پاران لکت ۾ ڏنل مڃتا کي سهيڙ جي روپ ۾ ڪٺي آيو آهيان، ان اميد سان ته منهنجي اها ننڍي ڪوشش وک مان وکون ثابت ٿيندي مڃوتيءَ جي مهنداريءَ جو شرف ماڻيندي .

انور سومرو
حيدرآباد سنڌ

## مهاڳ

### ”بي چين ۽ مضطرب نسل“ جو نمائندو شاعر: وشال امير

اهو سوال اڪثر پڇيو ويندو آهي تہ، ”ادب ڇا آهي؟“ ان جو جواب ڏيڻ کان اڳ جيڪڏهن آئون اوهان کان اهو سوال ڪندس تہ، ”زندگي ڇا آهي؟“ تہ ان جواب اوهان وٽ ڇا هوندو؟ ۽ دلچسپ ڳالهہ اها هوندي تہ اوهان جيڪو بہ جواب ڏيندا اهو مستند نہ هوندو، ان ۾ فقط اهو زاويو هوندو جنهن سان اوهان زندگيءَ کي ڏٺو آهي يا ڏسي رهيا آهيو. ضروري ناهي تہ ٻيو ڪو بہ اوهان جي جواب سان اتفاق ڪري يا ان مان مطمعن ٿئي. ”ادب ڇا آهي؟“ وارو سوال بہ ڪجهہ اهڙي نوعيت جو آهي ۽ ان جو سبب اهو آهي تہ خود ادب بہ ”زندگيءَ“ جي اظهار جو ناءُ آهي. ادب جيئن تہ لفظن جي ترتيب ۽ تنظيم سان وجود ۾ ايندو آهي، ان لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ لفظن ذريعي جذبن، احساسن يا فڪر ۽ خيال جي اظهار کي ادب چئجي ٿو. پر مون وانگر اوهان بہ اها ڳالهہ ڄاڻو ٿا تہ هر اها ڳالهہ جيڪا قلم سان ادا ٿيندي آهي، ادب نہ هوندي آهي. جيئن عام طور تي اخباري ڪالم يا اداريا ادب نہ چئبا آهن، جيتوڻيڪ انهن ۾ لفظ بہ هوندا آهن تہ اثر ۽ تاثير جي قوت بہ. اهڙي طرح خط اسان سڀ لکندا آهيون، پر اهي سمورا خط ادب جي دائري ۾ نہ ايندا آهن، پر ان جي برعڪس غالب ۽ اياز جا خط ادب جي دائري ۾ اچن ٿا.

ادب اهڙو اظهار آهي جيڪو زندگيءَ جو شعور ۽ ادراڪ حاصل ڪرڻ لاءِ بنيادي حيثيت رکي ٿو. ادب ۾ انسان جي تخليقي تجربن کي اجاگر ڪرڻ جي اهڙي تہ زبردست قوت سمايل هجي ٿي جيڪا پڙهندڙ کي ان تجربي جو ادراڪ بخشي ٿي. ادب ۾ متحرڪ ڪرڻ ۽ اسانجي روح ۾ موجود صلاحيتن کي بيدار ڪرڻ جي غيرمعمولي قوت هجي ٿي. ادب جي ذريعي اسان زندگيءَ جو شعور حاصل ڪريون ٿا. اهو ئي ادب جو خاص منصب آهي. اديب هڪ اهڙو انسان آهي جنهن ۾ ادراڪ جي صلاحيت بہ هوندي آهي تہ اظهار جي قوت بہ. ان جي ادراڪ ۽ اظهار ۾ ايتري داخلي ۽ خارجي وسعت هوندي آهي جو سندس سرجيل ادب انفرادي ۽ ذاتي هجڻ باوجود آفاقي ٿيندو آهي. جيترو

وڏو اديب هوندو ان جي تجربي جو ڪئنواس، ان جو شعور ۽ ادراڪ ۽ سندس اظهار اوترو ئي آفاقي هوندو. وڌيڪ ان ڏس ۾ اهو چوندس ته ادب اها شيءِ آهي جنهن جي ذريعي اسان ٻين جي تجربن ۾ شريڪ ٿيندا آهيون. ان لاءِ ئي ادب جي سطح تي هڪ اديب پنهنجي ذات کان بلند ٿي ويندو آهي.

زندگي گذاريندي اسان ڪيترن جذبن مان گذرندا آهيون، ڪيتريون ئي اڌوريون معنائون اسان جي ذهنن ۾ ايرنديون آهن، ڪيترن ئي نامعلوم احساسن سان اسان جو واسطو پوندو آهي، پر اهي سڀ اسان لئه گونگا ۽ ٻي ناٺ هوندا آهن. ۽ اسان مٿان مٿاڇرا گذري ويندا آهن. پر جڏهن انهن سان اسان جو واسطو ڪنهن ڪهاڻي، ناول، شعر يا ناٽڪ وسيلي لفظن جي حسين، پُر رس ۽ جاندار ترتيب ۽ تنظيم سان پوندو آهي ته اسان انهن جو ادراڪ حاصل ڪري وٺندا آهيون. ۽ اهي جذبا، اهي احساس، اهي تجربا اسان جي شعور جو حصو بڻجي ويندا آهن. ۽ اهڙي طرح اسان زندگيءَ جي هڪ نئين معنيٰ تلاش ڪري وٺندا آهيون.

ادب زندگيءَ جي معنيٰ تلاش ڪرڻ جو ناٺ آهي. ۽ ان لاءِ ئي ادب شعور جو ناٺ آهي. انهيءَ شعور ذريعي ئي اسان بدلبا آهيون. اسان اهي نه رهندا آهيون جيڪي هن وقت آهيون. زندگيءَ جا اهڙا تجربا جنهن سان اسان جو ڪڏهن واسطو نه پيو هجي، ادب ذريعي براھ راست اسان جا تجربا بڻجي ويندا آهن ۽ اسان کي ۽ اسان جي فڪر جي انداز کي بدلائي ڇڏيندا آهن. جڏهن آئون چوان ٿو ته، ادب جي ذريعي اسان ٻين جي تجربن ۾ اهڙي طرح شامل ٿي ويندا آهيون جو انهن جا تجربا اسان جا پنهنجا تجربا بڻجي ويندا آهن ته شايد اها ڳالھ اوهان کي ڪجھ پُراسرار ٿي لڳي. پر ان کي هڪ مثال طور هيئن سمجهو ته، پنهنجي محبوبہ کي رقابت يا حسد جي شدت جي اثر هيٺ قتل ڪرڻ جو تجربو حاصل ڪرڻ اسان لاءِ آسان ڪونهي، پر شيڪسپيئر ۽ اوٿيلو سان شريڪ ٿي اهو تجربو اسان جو پنهنجو تجربو بڻجي وڃي ٿو. اهڙيءَ ريت فائوسٽ، گوئٽيءَ ٽالسٽاءِ جا تجربا پڻ اسان جا پنهنجا تجربا ٿي وڃن ٿا. مولانا رومي، شاھ لطيف، شيخ اياز کي پڙهڻ سان انهن جا تجربا اسان جا ذاتي تجربا بڻجي پون ٿا، اهو ئي ادب جو ڪم آهي.

ادب حقيقي معنيٰ ۾ ڪنهن قوم جي تهذيب ۽ مزاج جو اظهار هوندو آهي. ادب جو ڪم احساس جي شدت کي تيز ڪرڻ آهي. سنو ادب اهو آهي جيڪو هڪ ئي وقت حقيقت ۽ مجاز متعلق هجي، يعني مجاز کان حقيقت طرف وٺي ويندڙ هجي. سچو ادب هميشہ زندگيءَ جي حقيقتن جو آئينو ٿيندو آهي. حقيقتن جو آئينو هجڻ مان اها مراد هرگز ڪونهي تہ ادب هميشہ حقيقي واقعن تي مشتمل هجي يا وري ان ۾ تخيل جي طاقت کي قيد ڪري ڇڏجي. تخيل اهڙي قوت آهي جيڪا عقل کان برتر ٿيندي آهي. اهو تخيل ئي آهي جنهن سان صديون بعد ايندڙ انقلاب کي محسوس ڪري سگهجي ٿو. ۽ بيشڪ اهو تخيل ئي آهي جيڪو تاريخ جي جهروڪن مان اسان کي اسان جو گذريل وقت بہ ڏيکاريندو آهي. سنو ادب تخليق ڪرڻ ۽ پڙهڻ ان لاءِ بہ ضروري آهي جو ادب جي مختلف صنفن وسيلي اديب معاشري کي ڪاهيءَ طرف وٺي ويندڙ سببن جي نشاندهي ڪندو آهي.

ادب جي سماجيات اصل ۾ ان "معصوميت" جو ادراڪ آهي جنهن کي سماج ۾ "سچ" چيو ويندو آهي. اديب انهيءَ "سچ" جو راز ڳوليندڙ هوندو آهي.

اسانجي سماج ۾ "سچ" ۽ "حقيقت" بن الڳ الڳ معنائن ۾ ڏنا وڃن ٿا. هتي هر حقيقت پنهنجو پاڻ مڃائڻ چاهي ٿي ۽ هر سچ حقيقت جو روپ وٺڻ چاهي ٿو. پر اسان وٽ حقيقتون سچ ناهن ۽ سچ بي حقيقت آهن.

"موزي تنگ" ڪنهن هنڌ چا تہ خوب لکيو آهي:

"There are realities without names and names without realities."

اهڙيءَ ريت اسان وٽ هزارين سچ اهڙا آهن جيڪي حقيقت جو ليبل ٻڌجي نٿا سگهن. اهي آواره حالت ۾ در در ڀٽڪي رهيا آهن. جمهوريت، سياسي جماعتون، مذهب، اسٽيبلشمينٽ، قوميت، حُب الوطني ۽ عوامي طاقت وغيره اهڙيون حقيقتون ٻڌجي چڪيون آهن جيڪي پنهنجي نالي اندر سچ کان بلڪل خالي آهن.

ادب ۽ اديب هميشہ سچ جي قوتن جا نمائنده ٿيندا آهن. سچ جي نانءَ تي فقط "حقيقتون" رهجي وڃڻ وارين قوتن کي بي نقاب ڪرڻ اديب جو ڪم آهي.

معاشري ۾ شاعر ۽ اديب جو ڪردار عام ماڻهن جي نسبت اڻاٽو هوندو آهي. خاص طور اهڙن ملڪن ۾جتي تعليم جي شرح ۽

معيشيت جو گراف گهٽ هجي، ڪتابن خريدڻ ۽ پڙهڻ جو رجحان گهٽ هجڻ باوجود پبلشر امير ۽ اديب غريب هجن. خير هتي آئون سنڌ جي جنهن اديب جو ذڪر ڪري رهيو آهيان اهو معاشي حوالي سان امير نہ سهي، پر نالي جو امير ضرور آهي. ”وشال امير“ جيڪو سنڌي ادبي ڪيتر جي نوجوان ٽهيءَ ۾ هڪ ناليوارو اديب هجڻ سان گڏ رشتي ۾ هڪ ئي وقت منهنجو سؤٽ ۽ ماسات آهي. جيئن تہ اسان جو ٻالڪپڻ هڪ ئي گهر ۾ گڏ گڏ گذريو آهي تنهنڪري اسان ٻائر جائي ڄم کان ڪيس پنهنجو پنجون ڀاءُ سمجهندا آيا آهيون. نہ رڳو ايترو پر سنڌ جو علمي ادبي حلقو بہ وشال امير کي سندس انفرادي سڃاڻ کان علاوه منهنجي ننڍي ڀاءُ جي حيثيت ۾ پڻ سڃاڻندو آهي.

سنڌ جي ادبي ڪيتر ۾ وشال امير جي جيڪا مضبوط سڃاڻ آهي، اها هڪ شاعر واري آهي، هن جا هيل تائين ٽي خوبصورت شعري مجموعا ”نشانا چپن جا“ ، ”ريشم جهڙا خواب“ ۽ ”خوابن جي پنڌ ۾“ جي نالن سان شايع ٿي ادبي دنيا ۾ مڃتا ماڻي چڪا آهن.

وشال امير جي اها خوبي آهي تہ هن پنهنجي خوبصورت شاعريءَ ۽ دلڪش اسلوب وسيلي شعر ۽ سخن سان محبت رکندڙن کي ٿوري عرصي ۾ تمام گهڻو متاثر ڪيو آهي. هن جي شاعري پڙهندي هڪ ڳالهہ شدت سان پنهنجو احساس ڏياريندي آهي تہ سندس شاعري هن جي آس پاس موجود حادثن ۽ واقعن کي حقيقي انداز ۾ بيان ڪري ٿي. وشال پنهنجي شاعريءَ ذريعي جتي معاشرتي مسئلن کي اجاگر ڪري ٿو اتي پنهنجي حيات سان لاڳاپيل ۽ سندس ذهن تي نقش ٿيل زندگيءَ جي تلخ حقيقتن جا نقش پڻ چٽي ٿو. جيتوڻيڪ سماج جو زهر هن جي رڳ رڳ ۾ سمايل آهي، پوءِ بہ هي ان زهر جو توڙ شاعريءَ ۾ ڳولهي ٿو. هو پنهنجي شاعريءَ ذريعي سماج کي سندس ڪوڙهہ ورتل چهرو تہ ڏيکاريندو رهي ٿو، پر پنهنجو پاڻ تي ڪڏهن بہ نفرت وارو جذبو حاوي ٿيڻ نٿو ڏئي. نہ ئي ان جذبي جي تسڪين لاءِ پنهنجي شاعريءَ کي سهارو بڻائي ٿو. ان حوالي سان هو هڪ هنڌ لکي ٿو:

ڪيڏيون بہ نفرتون لٽيون آهن،
اسان پئي محبتون اٽيون آهن.

هڪ اهڙو شاعر جنهن جي سموري عمر هڪ الميي وانگر گذري هجي، تنهن مان درد ۽ ڪرب کان علاوه ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي؟ پر ان جي باوجود وشال سندس شاعريءَ ۾ درد ۽ ڪرب جون ڪيفيتون نہ بيان ڪيون ئي آهن، پر پيار جو پاند بہ مضبوطيءَ سان جهليو اٿس. پيار جي پرچارڪ طور هو پنهنجي هڪ شعر ۾ چوي ٿو تہ:

پيار جي ويريءَ جو پاسو نہ وَٺُ
تون رُسي مونکان ، سندس سنگم نہ ڪر.

مون اها ڳالهہ محسوس ڪئي آهي تہ شاعريءَ ۾ ننڍو بحر وشال جي طبيعت سان گهڻي مناسبت رکي ٿو. ننڍي بحر ۾ هو جڏهن پنهنجيون ڪيفيتون بيان ڪري ٿو تہ شعر جي تاثير ۾ اظافو ٿي وڃي ٿو. وشال پنهنجي شاعريءَ ۾ بار بار مرندي ۽ وري جيئندي نظر اچي ٿو. هو سندس شاعريءَ ۾ عورت کان مرعوب بہ ڏسجي ٿو. ائين بہ هرگز ڪونهي تہ وشال امير سندس شاعريءَ ۾ رڳو عورت کي مردن جي قتل عام جو لائسنس ڏئي ڇڏيو آهي، هن جي شاعريءَ ۾ سرتيءَ سان گڏ ڏرتيءَ جو نينهن بہ نروار ڏسجي ٿو. هو سندس هڪ شعر ۾ لکي ٿو:

تون جا منهنجي سنڌڙي، تون ۾ منهنجو ساهہ
ها ها اهو چاهہ ، رهندو ڏينهن قيام تئين.

وشال امير هن سماج جي ”بي چين ۽ مضطرب نسل“ جو نمائندو شاعر آهي. جنهن جا ڪجهہ خواب آهن جن کي هو حقيقت ۾ بدلڻ چاهي ٿو. اهڙي خواهش جو اظهار ڪندي هو هڪ هنڌ چوي ٿو:


بي ترتيبي هي هٽائي جيڪر،
منهنجو جيون بہ ڪو ناهي جيڪر.

وشال امير جي سنڌي ادب ۾ ثانوي سڃاڻ هڪ سٺي ڪالم نگار واري بہ رهي آهي. ان حوالي سان ”يادون ۽ عڪس“ جي نالي سان سندس ڪالمن جو هڪ ڪتاب پڻ شايع ٿي چڪو آهي. جيئن تہ آئون مٿي بيان ڪري چڪو آهيان تہ، ڪالم نگار ۽ اديب ۾ بنيادي فرق آهي. ڪالم نگار کي حقيقتن جي دنيا ۾ جيئڻو پوندو آهي، پر اديب وٽ پنهنجي من پسند دنيا تخليق ڪرڻ جو انتخاب هوندو آهي. ان

هوندي به ان ڳالهه کان بنهه انڪار ڪونهي ته ڪالم نگار حقيقي دنيا ۾ جيئرو رهندي هڪ مثالي دنيا پيدا ڪندو آهي. هر ڪالم نگار جو پنهنجو نقطه نظر ٿيندو آهي، تاريخ ۽ ادب سان تعلق گهرو نه هجي ته واقعن جو مفهوم اخذ ٿي ويندو آهي. پر جيئن ته وشال امير هڪ اديب هجڻ ناتي ادب سان گڏ تاريخ جي پڻ سٺي ڄاڻ رکي ٿو تنهنڪري سندس ڪالمن ۾ به خوبصورتي ۽ نواڻ سمايل هوندي آهي. خاص طور سنڌ جي مسئلن تي لکيل سندس ڪالم پڙهڻ ڪانپوءِ پڙهندڙ متاثر ٿيڻ کان رهي نه سگهندو آهي.

وشال امير شاعري ۽ ڪالمن کان علاوه ڪافي ڪهاڻيون پڻ لکيون آهن، جن ۾ پڻ ديس ۽ ديس واسين جي ڏکن ڏاکڙن جو اظهار پلٽيو اٿس. هو ڪيترائي سال مشهور ادبي مخزن ”نئين زندگي“ جو ايڊيٽر پڻ رهي چڪو آهي. هي ڪتاب ”دل وراڪو دوست سين“ سندس فن ۽ شخصيت متعلق مضمونن تي مشتمل آهي، جيڪي مضمون سنڌ جي ادبي ڪيتر سان لاڳاپيل مختلف مجيل اديبن پاران سندس محبت ۾ مجتا طور لکيا ويا آهن، جيڪي وشال جي پياري دوست ياءُ انور سومري سهيڙي، وشال کي نوجوانيءَ ۾ ماڻ بخشيندي، هن خوبصورت ڪتاب جي صورت ۾ پڌرا ڪيا آهن. وشال جي شخصيت تي لکيل هِي مضمون پڙهي مونکي بي حد خوشي محسوس ٿي رهي آهي ته، منهنجي ياءُ وشال امير تمام ٿوري عرصي ۾ ادبي ڪيتر ۾ تمام سٺي جاءِ ناهيندي سنڌ جي ادبي ڪيتر ۾ پنهنجا ڪوڙ سارا چاهيندڙ پيدا ڪري ورتا آهن. دعا آهي ته شال هي ججهي ڄمار ماڻي ۽ پنهنجي آخري پساهن تائين پنهنجو قلمي پورهيو جاري رکندي سنڌي سماج کي ڀلائيءَ طرف وني وڃڻ واري جهاد ۾ پنهنجو پاڻ ملهائيندو رهي.

مظهر ابڙو
احمر جو گهر“
گلشنِ نظير، نئين شهباز ڪالوني،
خيرپور ميرن واري، سنڌ.



## جيون اسڪيچ

اصل نالو : امير بخش ابڙو
ادبي نالو: وشال امير
پيءُ جو نالو: ممتاز علي ابڙو
جيون ساٿياڻي: تسليم سحر
اولاد: 2 پُٽَ ( احسن رحمٰن ۽ عبدالسلام)
پرائمري تعليم : گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪولاب جيئل مان
مڊل تائين تعليم : گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪولاب جيئل مان
مئٽرڪ جي تعليم : گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڊرب ميهر شاهه مان
انٽر پاس ڪئي : گورنمينٽ سائنس ڪاليج گمبٽ مان
گريجوئيشن ڪئي : گورنمينٽ ممتاز ڪاليج خيرپور مان
ماسٽرس ڪئي : شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان
پهرئين نوڪري ڪئي: ريما ڪوڪنگ آئل سکر ۾ بحيثيت اڪائونٽس ڪلارڪ
ٻيون نوڪريون ترتيب وار: (1) . يوٽيلٽي اسٽورس ڪارپوريشن ۾ اسٽور مين
(2). ٽيلي ڪميونيڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ جونيئر ڪلارڪ
(3). حبيب بينڪ لميٽڊ ۾ گودان ڪيپر
(4). سي او ڊي آرمي ڊپاٽ ۾ اسٽورمين
(5) ماهوار نئين زندگيءَ حيدرآباد جو ايڊيٽر
اخبارون جن ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو: روزاني ڪاوش حيدرآباد، روزاني خبرون حيدرآباد/سکر/ڪراچي، روزاني فيصلو حيدرآباد، روزاني سنڌ حيدرآباد، روزاني واڪا ڪراچي.
مشغوليون : لکڻ ، پڙهڻ ۽ وقت مليو تہ پڙهائڻ
پسند جو رنگ : ڦڪو (پيلو)
پسند جو ڪاڏو : ساڳُ چانور ۽ ڪير سان جُوئر جي ماني
پسند جي موسم : بهار
پسند جو لباس : شلوار قميص
اسڪول زندگيءَ ۾ پسند جو مضمون : بائلاجي ۽ سنڌي
اسڪول ۽ ڪاليج زندگيءَ ۾ پسند جو استاد :منهنجا محترم استاد ڪرم خان سهتو، محمد دين ڪليري، ولي محمد مهيسر ۽ نثار احمد ميمڻ صاحب

پسند جي اخبار : ڪاوش ۽ روزاني واڪا ڪراچي
انهن اخبارن جي پسند جو ڪارڻ: ڪاوش مان مون گهڻو ڪجهه سکيو ۽ واڪا کي آٽڻ واري ست ۾ شامل هجڻ سبب ان سان مونکي لڳاءُ آهي ، مطلب تہ ٻنهي اخبارن سان منهنجو رشتو اهڙو جڙيل آهي جهڙو پيءُ ماءُ ۽ اولاد جو.
پسند جو ٽي وي پروگرام : ٽي وي ڏسڻ جو موقعو مونکي ملندو ئي ڪونهي.
پسند جون گهمڻ واريون جايون: سنڌ جا تاريخي ماڳ.
ڪم جو وقت : هر وقت ڪو نہ ڪو ڪم هوندو آهي. آرام جو وقت بہ ٿورو ئي ملندو اٿم.
مشهور شخصيتون جن سان ملڻ جو موقعو مليو: ڪافي اديب ۽ شاعر، فنڪار، آرٽسٽ ۽ سياستدان ملندا رهيا جن کي ويجهڙائي کان ڏٺو ۽ پرکيو اٿم، ڪهڙا نالا ڳڻي ڳڻايان، اجان اهو سلسلو ملڻ جُلڻ جو جاري آهي. وقت مليو تہ اهي يادگيريون بہ سهيڙبيون.
ڪهڙي ڳالهہ تي خوشي ملندي آهي: ڪنهن جي بہ ڪم اچي.
ڪهڙي ڳالهہ تي دل ڏکندي آهي: ڪنهن جي بہ ڪوڙ ڳالهائڻ تي ۽ پنهنجي بيوسيءَ تي.
ڪا اڻپوري خواهش : هزارون خواهشين ايسين ڪي هر خواهش پي دم نڪلي.
پڙهندڙن لاءِ پيغام: وقت جو قدر ڪريو ۽ ڪنهن کي فائدو نٿا پهچائي سگهو تہ گهٽ ۾ گهٽ نقصان تہ هرگز نہ پهچايو.



شڪارپور ۾ دوست عبدالجبار عاجز منگيءَ سان



# جيون ۾ جهاتي

ڳالهه ٻولهه : انور سومرو

سوال : توهان ڪڏهن ۽ ڪٿي جنم ورتو؟
جواب : وڏن جي ٻڌائڻ موجب هونئن ته خلقڻهار سڀ جي مند ۾ ڪنهن سڪل پن مثل مونکي به هن ڌرتيءَ تي اڇلائڻ جو حڪم صادر ڪيو هو، پر اسڪول داخلا رڪندڙن منهنجي جنم ڏڻ جي تاريخ 2 آڪٽوبر 1973ع لکي آهي. منهنجو جنم خيرپور ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڪولاب جيئل ۾ ٿيو.
سوال : توهان جو ننڍپڻ ڪيئن گذريو؟
جواب : منهنجو ننڍپڻ به شايد عام ٻارڙن جيان ئي گذريو، بس فرق اهو هوندو ته ٻيا ٻار ڪوڙ ساريون رانديون ڪندا هوندا ۽ انهن جي فرمائش پوري ڪرڻ لاءِ ، انهن کي ڏکن ڏاڍن کان بچائڻ لاءِ سندن پيءُ جو هٿ اڳتي وڌيو هوندو، پر مون اهو هٿ ڪڏهن پاڻ ڏي سُرندي ڪونه ڏٺو. مون رانديون ڪونه ڪيڏيون ۽ راندين کيڏڻ جي وقت ڳوٺ جي گهٽين ۾ مون پڪوڙا، چڻا وڪڻندي ، ماڻهن کان جهڻڪون سهندي نيٽن ۾ تري آيل لڙڪن کي ڪاميابي سان لڪائي پئي ورتو.
سوال : ننڍپڻ جي ڪا ياد؟
جواب : ماضيءَ جي تلخين کي مان وساري ته نه سگهيو آهيان پر انهن کي هتي دهرائڻ به نٿو چاهيان.
سوال : توهان ڀين ڀارن کان مختلف هوندا هئا؟ جي هوندا هئا ته ڪيئن؟
جواب : ها مان شايد ڀين ڀارڙن کان مختلف هئم، ڀين کي پنهنجي گهر جي پڪل ماني نصيب ۾ لکيل هئي، پر منهنجي نصيب ۾ اها قدرت واري ڪونه لکي هئي.
سوال : توهان جي ابتدائي تعليم ڪٿان ۽ ڪيئن رهي؟
جواب : مون ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ڪولاب جيئل مان ئي حاصل ڪئي، منهنجو جيون غربت جي لڪير کان به نهايت هيٺاهين سطح وارو هيو، ڪتاب ۽ ڪاپيون نه وٺي سگهندو هئم، پر ڪتاب

ڪنهن نہ ڪنهن کان خيرات ۾ ملي ويندا هئم، باقي ڪاپين لاءِ استادن جي مهرباني هوندي هئي تہ اهي شاگردن کان پراڻيون ڪاپيون وٺي ڏيندا هئا جن مان صاف پنا ڪڍي اهي ڳنڍي پوءِ ڪاپيون مڪمل ڪندو هئم.

سوال : تعليم دوران ڪهڙي مضمون ۾ توهان جي دلچسپي هوندي هئي؟

جواب : سائنس منهنجو پسنديده مضمون هوندو هيو خاص ڪري نائين ڪلاس کان انٽر تائين بائلاجي منهنجي پسند جو سبجيڪٽ رهيو.

سوال : توهان ڇا ٿيڻ چاهيو هئو؟ جي اهو نہ ٿي سگهيا تہ ڇو؟

جواب : مون ڊاڪٽر ٿيڻ چاهيو هئو پر ٿي ڪونہ سگهيم جو اخراجات پرڻ منهنجي وس جي ڳالهہ ڪونہ هئي، ٻيو تہ مان زندگيءَ جي تلخين ۾ پلجندي پلجندي خود بہ تلخ ٿي ويو هئم ۽ شاگرد سياست ۾ اچي جهڙوڪر پڙهائي کان بہ پري ٿي ويو هئم. بس مون پڙهائي تان توجهہ هٽائي ڇڏي هئي ۽ ڪنهن بہ ميڊيڪل ڪاليج ۾ فارم ڀرائڻ واري تڪليف بہ مون گوارا نہ ڪئي هئي.

سوال : ڇا توهان ڪنهن سان محبت ڪئي ۽ ڪا ڇوڪري توهان تي مرندي هئي؟

جواب : مان تہ اڄ بہ محبت ئي ڪيان ٿو ۽ استاد بخاري جي سِٽُن سان چوان ٿو :

اسان پيار جا آهيون قرضي بخاري،
پلي حُسن وارو اچي ڪو اگاڙي.

باقي ڪنهن مونکي چاهيو، ان لاءِ اهو چوندم تہ شايد ڪنهن کي پنهنجون خوشيون ڪوڙيون هرگز ڪونہ هيون جو مون جهڙي بي سُري، آفريڪي جهنگلن مان تڙپي ڪڍيل بد شڪليي ۽ ڪنگال سان ڪو پيار ڪري ها.

سوال : توهان جي ڪنهن ڳالهہ تي ڇوڪريءَ ڪي ڇڙ ورتو؟

جواب : منهنجو هر پرڪارُ ٻين لاءِ ڪاوڙ جو سبب هوندو آ، تہ پوءِ يقينن منهنجي جيونَ پاڇي ۾ پلجي آيل سڀ ڇوڪريون بہ ضرور مونتي ڇڙنديون هونديون. ٻيو نہ تہ منهنجي پنهنجي ٻجڙي مَنهن تي ڇيري بلاسم هٽڻ واري عادت تيّ ڪرپ تہ ضرور ايندي هوندن.

سوال : توهان جي شادي ڪيئن ۽ ڪنهن سان ٿي؟ پنهنجي ازدواجي زندگيءَ بابت ڪجهہ ٻڌائيندا.

جواب : منهنجي شادي منهنجي ونيءَ سان ٿي، شايد هن جي اکين جي ديد گهٽجي وئي هئي ۽ نڪاح وقت مونکي مڙس قبولڻ مهل هُنجو عقل ٻڪريون چارڻ ويو هو، انلاءِ هن مونکي قبول ڪيو.دراصل منهنجي وني منهنجي ماسات آ، خانداني فيصلي موجب شادي ٿي پر اتفاق اهو آ ته ٻئي لکڻ جي ونڊ ۾ وڪوڙيل آهيون، ازدواجي زندگي خوشگوار آهي.

سوال : توهان جو پنهنجي اولاد سان رويو ڪيئن آهي؟

جواب : اهو ته منهنجي اولاد ئي ٻڌائي ته بهتر آ ، باقي مان سمجهان ٿو ته جيتوٽيڪ اسان ٻئي زال مڙس هنن سان دوستن جيان هلندا آهيون پر پوءِ به يقينن هنن لاءِ اسان دنيا جا ظالم ڪردار هونداسون .

سوال : توهان زندگي گهارڻ جا ڪهڙا اصول ناهيا آهن؟

جواب : منهنجي خيال ۾ ماڻهوءَ کي پنهنجي ڪم سان ڪميٽيڊ ۽ وقت جو پابند هجڻ گهرجي. مان ڪوڙ سان نفرت ڪندو آهيان، ۽ ڪوشش ڪندو آهيان ته ماڻهن جي ڪم اچان.

سوال : توهان جو ماڻهن سان رويو ڪيئن هوندو آهي؟

جواب : مان ڪوشش ڪندو آهيان ماڻهن سان پيار ۽ اخلاق سان پيش اچان پر منافقن، ڪوڙن ۽ بدڪردارن سان منهنجو رويو جارحاڻو ٿي ويندو آهي. اگر جي ڪوئي مونکي تڪليف ڏيندو آهي ته برداشت نه ڪري سگهندو آهيان ۽ منهنجي اندر جو ڪروڌي ويڙهاڪ جاڳي پوندو آهي، مان ڏاڍو جذباتي آهيان پوءِ ڪنهنجي وڏائي، عهدي يا اسٽيٽس کي نه ڏسندو آهيان ، نه اهو خيال رهندو آهيم ته ماڻهو مونکي اديب ٿا سمجهن (جيڪو مان آهيان ته ڪونه پر پوءِ به ماڻهن جو ڀرم رکڻ کپي مونکي). بس مان ڪجهه به ڪري ويهندو آهيان، گارين ڏيڻ کان به نه رهجي سگهندو آهيان، جڏهن ته پنجن منٽن جي ڪاوڙ کان پوءِ وري مونکي شرمندگي محسوس ٿيندي آهي ته ايترو جذباتي به نه ٿيان ها جيڪر.

سوال : توهان کي ڪهڙي قسم جا ماڻهو وڻندا آهن؟

جواب : مونکي نِيتُن جا صاف ۽ سچا ماڻهو وڻندا آهن.

سوال : ڪو شخص جنهنڪان گهڻو چڙندا هجو؟

جواب : هر بدڪردار، جاهل ۽ نوڪري وڏيري توڙي سياستدان کان مونکي چڙ هوندي آهي.

سوال : فلاحي ڪمن ڏانهن توهان جو لاڙو ڪيئن آهي؟

جواب : سڀ کان بهتر فلاح ڪنهنکي تعليم ڏيڻ آهي. مان ڪنهن بہ سماجي تنظيم جو حصو بڻجي فنڊ وٺڻ ۽ فنڊ ڳڙڪائڻ کي فلاحي ڪم نہ سمجهندو آهيان نہ ڪڏهن اهڙي ڪڏائيءَ جو حصو ٿيڻ چاهيو اٿم.

سوال : توهان تعليم جي حوالي سان ڪنهن جي مدد ڪئي آهي؟

جواب : مان ڪوشش ڪندو آهيان تہ تعليمي سرگرمين ۾ سرگرم رهان، مان اعزازي طور بلڪل پڙهائيندو بہ آهيان ۽ جيڪا مونکان پڇندي آهي شاگردن جي رهنمائي ڪندو آهيان.

سوال : توهان جا شوق ڪهڙا آهن؟

جواب : پڙهڻ ۽ پڙهائڻ

سوال : توهان جي لکڻ جو خاص مقصد؟

جواب : مون جيڪو ڪجهہ لکيو آهي پنهنجي روح جي تسڪين لاءِ لکيو آهي، لکڻ مونلاءِ منهنجي پناهگاهہ آهي.

سوال : توهان سان ڪو حادثو ٿيو؟

جواب : منهنجو وجود ئي جهڙوڪر هڪ حادثو آهي تہ باقي ڪهڙا حادثا ياد ڪجن.

سوال : توهان وٽ ڪاميابيءَ جو تصور ڪيئن آهي؟

جواب : ڪامياب ماڻهو منهنجي نظر ۾ اهو آهي جيڪو دلين ۾ جاءِ جوڙڻ ۾ ڪامياب ماڻي ٿو. وڏو عهدو ۽ دولت منهنجي نظر ۾ ڪاميابي ناهن.

سوال : پنهنجي مستقبل بابت ڇا چوندئو؟

جواب : مان اڃان ماضيءَ جا ڏنل گهاءَ مٽائڻ ۾ پورو آهيان ۽ حال بابت ڪجهہ نہ سوچي سگهيو آهيان تہ مستقبل لاءِ ڇا چوندم.

سوال : مشڪري چاهي؟ توهان بہ مشڪري ڪندا آهيو؟

جواب : هر انسان جي اندر ۾ هڪ اداڪاري وجود ضرور موجود هوندو آهي، جيڪو پنهنجا ڏک ڏاڪڙا لڪائي ٻين کي خوشي ارپڻ جا جتن ڪندو آهي، ها مان بہ ڪڏهن ڪڏهن دوستن سان مشڪري ڪندو آهيان.

سوال : توهان جي پسند جو ڪتاب جنهن توهان کي گهڻو متاثر ڪيو هجي؟

جواب : خليل جبران جو ڪتاب "ڀڳل ڪنيڙاتيون" منهنجو پسنديده ڪتاب آهي، هن ڪتاب مونکي جيئڻ سيکاريو ۽ محبت جو حقيقي

مقصد سيڪاريو. ان لاءِ مان پاڻ کي محبت ۾ ڪامياب سمجهندو آهيان، مون اڄ تائين جنهن سان به محبت ڪئي آهي موٽ ۾ ان به منهنجي مقدس محبت کي سمجهندي پاڪ محبت جي ئي موٽ ڏني آهي.

سوال : توهان جي پسند جا ليکڪ ۽ شاعر؟

جواب : شاهه لطيف،سچل سرمست، خليل جبران، سعادت حسن منٽو، ڪرشن چندر، شيخ اياز، استاد بخاري، گلزار، بشير بدر ۽ ٻيا

سوال : چانهه گهڻي پيئندا آهيو؟

جواب : جيتري به چاهه سان ملي وڃي.

سوال : ڇوڪريون پَليون يا ڪتاب؟

جواب : ڇوڪريون به جهڙوڪر هڪ ڪتاب آهن پر انهن کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ علم نه پر عقل ۽ صبر جي گهرج آهي، ۽ دنيا جا گهڻي ڪان گهڻا ڪتاب ڇوڪرين لاءِ ئي لکيل آهن، هاڻي فيصلو توهان پاڻ ڪريو ته ڇا بهتر آهي.

سوال : توهان جي پسند جو گُل؟

جواب : گلاب جو گل

سوال : توهان جي پسند جو منظر؟

جواب : رڻ پٽ ۽ اڪيلائي

سوال : توهان جي پسند جو شهر؟

جواب : حيدرآباد

سوال: خوشبو هڻندا آهيو يا نه؟

جواب : خوشبو نه هڻندو آهيان.

سوال : توهان هيل تائين ڪيترا عشق ڪيا آهن؟

جواب : اڻ ڳڻيا جيڪي ڳڻڻ ويهندم ته ڳڻيندي ڳڻيندي سال گذري ويندا.

سوال : رشتن لاءِ ڇا چوندئو؟ رشتن سان ڪيئن نڀائيندا آهيو؟

جواب : رشتا به منهنجي نظر ۾ هڪ لازمي عبادت آهن، اهي به روزي ، نماز ۽ ٻين عبادتي فرضن وانگر نڀائڻ گهرجن، مان شايد پنهنجو ڪوبه فرض ادا نه ڪري سگهيو آهيان، انلاءِ مان ڏوهي آهيان، جڏهن به قضا جو موقعو مليو ته رشتن نڀائڻ لاءِ به ڪوشش ضرور ڪندم.

سوال : هر ماڻهو انتها جي حد تائين جذباتي هوندو آهي، توهان ڪهڙي ڳالهه تي جذباتي ٿيندا آهيو؟

جواب : مان تمام گهڻو جذباتي آهيان، بس ڪا به غلط ڳالهه برداشت نه ڪري سگهندو آهيان، پوءِ پلي اها ناانصافي مونسان ٿئي يا ڪنهن ٻئي سان مان برداشت نه ڪري سگهندو آهيان.
سوال : پلا جذبات تي ڪنٽرول ڪيئن ڪندا آهيو؟
جواب : پنجن منٽن جي ڪاوڙ ڪانپوءِ منهنجو جذباتپڻو پاڻ ئي خودڪشي ڪري ڇڏيندو آهي. باقي منهنجن پهرئين پنجن منٽن واري ڪاوڙ ٻين کي ضرور خودڪشي ڪرڻ تي غور ڪرائيندي هوندي.
سوال : ماڻهن جي وچ ۾ رهڻ وڌيڪ پسند ڪندا آهيو يا اڪيلائي ۾؟
جواب : مان گهڻي قدر اڪيلائي پسند آهيان، پر دوستن جي گهڻ تعداد وارين گڏجاڻين ۾ شرڪت ضرور ڪندو آهيان.
سوال: مذهب بابت ڇا چوندئو؟
جواب : مان هر مذهب جو احترام ڪندو آهيان، پر ڪٽر مذهبي هجڻ ڪان مونکي شديد ڪرڀ محسوس ٿيندي آهي. ڪنهن به مذهب انسان جي ورهاست نه ڪئي آ. اها ورهاست مذهبي ٺيڪيدارن جي ڪيل آهي، جيڪا مونکي هرگز نه وڻندي آ.
سوال : توهان جي پسند جو شعر؟
جواب : مين ني پلڪون سي دَرِ يار پي دستڪ دي هئي
مين وه سائل هون جسي ڪوئي صدا ياد نهين
سوال : توهان جي پسند جو گيت؟
جواب : سکي پيا کي ملڻ نه ڇئجان ، چانڊني تو سواءِ نه ٿيندي
اڇين ته منهنجي اماس ۾ آ ، چوته ٻي رات ڪانه ايندي
سوال : ڪوڙ کي زندگيءَ ۾ ڪيتري اهميت ڏيندا آهيو؟
جواب : جيتري ڪو مذهبي ۽ پرهيزگار ماڻهو ابليس کي اهميت ڏيندو هجي.
سوال : سچ مان ڪيتري قدر مطمئن آهيو ۽ ڪهڙي اميد رکندا آهيو؟
جواب : سچ سوليءَ چاڙهائيندو آهي ، پر اهو امرتا به بخشيندو آهي. مون سچ کي مايوسي جي نظر سان نه ڏٺو آهي. سچ وهائو تارو آهي اهو منزل جو رخ ضرور ٻڌائي ٿو. باقي منزل تي پڄڻ لاءِ ته ثابت قدمي گهرجي.
سوال : زندگي توهان جي نظر ۾؟
جواب : مان ڪو فيلسوف ناهيان جو زندگي بابت ڪا راءِ يا ڪو نظريو ڏيان، منهنجي نظر ۾ زندگي پيار ورهائڻ ۽ انسانيت جي

خدمت ڪرڻ جو نالو آهي. ڪامياب زندگي اها آهي تہ توهان جي ذات مان ڪنهن کي اهنج نہ پهچي.

سوال : پنهنجي زندگيءَ مان ڪيترا مطمئن آهيو؟

جواب : زندگي جيئن بہ جهڙي بہ آ گذري پئي ۽ گذري ويندي.

سوال : توهان کي ٻيو جنم ملي تہ ڇا ڪندئو؟

جواب : ٻيو جنم مليو تہ وري بہ اهڙا ئي افعال هوندا جهڙا هاڻي آهن، منهنجو سڌرڻ هِن جنم ۾ بہ مشڪل آ، انلاءِ ٻيو جنم يلي نہ ملي افسوس ڪونہ ٿيندو، نہ ئي ٻيو جنم وٺڻ لاءِ خدا پاڪ آڏو ڪو احتجاج ڪبو.

سوال : توهان پنهنجو نئون ڪتاب ڪنهن کي ارپڻ چاهيو ٿا؟

جواب : منهنجي هر تخليق سونهن، سچ ۽ پيار جي نالي هوندي آهي. نئون ڪتاب بہ ان سونهن جي نالي ئي ڪندم جنهن کي پوڄيندو رهيو آهيان.

سوال : سچ ٻڌايو سڀ کان وڌيڪ ڪنهن کي چاهيو اٿوَ؟

جواب : پيار جو اهڙو ماپو مون وٽ ناهي جنهن سان دعويٰ ڪيان تہ مون ڪنهن کي وڌيڪ ۽ ڪنهن کي گهٽ چاهيو آهي. باقي مون جنهنکي بہ چاهيو آهي دل جي سچائيءَ سان چاهيو آهي، اها دعويٰ مان ضرور ڪري سگهان ٿو.

سوال : آرام پسند آهيو يا محنت پسند؟

جواب : نہ آرام پسند آهيان ، نہ ئي محنت پسند آهيان، پر پوءِ بہ مان محنت پرست ٿيڻ جي خواهش رکان ٿو .

سوال : زندگيءَ ۾ ڇا وڃايو ۽ ڇا حاصل ڪيو اٿوَ؟

جواب : مون زندگيءَ ۾ دولت ۽ شهرت وڃائي ، بس رڳو محبت حاصل ڪئي آهي، ۽ محبت سندو سڪون حاصل ڪيو آهي.

سوال: پنهنجي ٻارڙن لاءِ ڇا سوچيندا آهيو؟ انهن کي ڇا ٻڌائڻ چاهيو ٿا؟

جواب : مون سڀ ڪجهہ انهن تي ڇڏيو آهي هُو جيڪو ٿيڻ چاهين اهو ٿين، بس مان اهو چوندو آهيان تہ انسان ضرور ٿين ۽ مطلبي، فريبي توڙي ڪُوڙا ڪانئر ، ديس دروهي ۽ انسان دشمن ڪڏهن نہ ٿين.

سوال : اڃان بہ ڪجهہ حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا؟

جواب : ها اڻ ڪٿ محبتون ۽ اولاد جي ڪاميابي توڙي خوشيون.

سوال : پراڻو پيار وري توهان کي ملي وڃي ته ڇا ڪندئو؟

جواب : ڪهڙو پراڻو پيار؟، مون ته ڪنهن به پيار کي پراڻو ٿيڻ ڏنو ئي ناهي، نه ئي ڪو پيار مونکان پري هليو ويو آهي. مون جنهن کي به چاهيو آهي اهو هميشه منهنجي دل ۾ رهيو آهي ۽ رهندو پيو اچي.

سوال : جيڪڏهن ٻي شادي ڪرڻ جي اجازت توهان کي ملي وڃي ته ؟

جواب : ٻي شاديءَ جي اجازت ! اها ته ڪڏهڪو مليل آهي پر به ڳالهيون آهن. هڪ ڳالهه اها ته ٻيهر عمر قيد جي سزا قبولڻ مونکان به نٿي پڄي، ٻي ڳالهه ته ڪنهن جا نصيب ڦٽندا جو مون جهڙي بيڪار، نڪمي، ڪنگلي ۽ جهڳڙالو سان جيون جا ڪي پل گهارڻ جهڙي غلطي ڪرڻ لاءِ ڪا عورت يا ڇوڪري آماده ٿيندي. هيءَ ته شابس آ منهنجي ونيءَ کي جيڪا زهر جو ڍڪ ان آسري تي پيئندي پئي اچي جو سندس من ۾ رڳو جنت جي آس پليل اٿس، باقي دنيا جي ٻين آسن اميدن کان پري آهي. ٻيو ته وري عينڪ به گهٽ پائيندي آهي ان ڪري منهنجي چيري بلاسر ثقيل منهن کان ڪرٻ ڪارڻ ائين اڇڻ کان به ڪجهه بچيل آهي. بس ويچاري هيءَ نيڪ عورت مونکي برداشت پئي ڪري نه ته ٻي ڪا ته اڇڻ سان ئي زهر ڏيندي. نه بابا نه پاڻ کي خودڪشي جو شوق ڪونهي. ٻي شاديءَ کان الله پناهه ۾ رکندو.

سوال : ڪنجوس آهيو يا فضول خرچ؟

جواب : بلڪل فضول خرچ.

سوال : توهان وٽ دولت جام ٿي وڃي ته ڇا ڪندئو؟

جواب : دل کي بهلاني ڪو غالب يي خيال اڇا هئي.

ياٿو! دولت مونسان نهندي ئي ناهي، جي ٿورڙي به ايندي آ ته پهرئين ڏينهن ئي ڇڏي هلي ويندي آ، اگر دولت جام ٿي ايندي ته پڪ طاقتور ٿي ايندي پوءِ ته بس سڌي طلاق ڏيون ويندي، مان ڇا ڪندم ڪيس ڏسندو سگندو ئي رهجي ويندم.

سوال : ڪنهن ڇوڪريءَ سان ڳالهائڻ تي توهان جي ونيءَ جو توهان سان ردعمل ڪهڙو هوندو آهي؟

جواب : توائي ڪونه ڪائيندي آ. باقي متان صبر ڪائيندي هجي. دل جو پيد لهڻ ئي نه ڏيندي آ.

سوال : پلا توهان جي گهر ياتين ڪي توهان ڪان ڪهڙي شڪايت هوندي آهي؟
جواب : ڪتاب سهيڙي نہ رکندو آهيان، ڪاڏي پيتي جو خيال نہ رکندو آهيان، بي ترتيب رهندو آهيان ۽ گهر جون ذميواريون سٺي ريت نہ پيو نڀايان وغيره جهڙيون اڻ ڳڻيون شڪايتون منهنجي گهر ياتين کي مونکان آهن.
سوال : گهر جي ڪمن ڪارين ۾ ڪيتري قدر هٿ ونڊائيندا آهيو يا گهر جا ڪهڙا ڪم ڪاريون توهان جي ذمي آهن؟
جواب : ڪڏهن ڪڏهن پاڻ هُرتو ماني گهري ڪائڻ جهڙي مدد گهرياتين سان ڪندو آهيان، باقي منهنجو ذمو اهو ئي آهي جيڪو پيءُ جو اولاد لاءِ هوندو آهي، ۽ گهر جي سربراهہ جو گهر جي سمورن ياتين لاءِ هوندو آهي. مان ڪوشش ڪندو آهيان تہ ذميواريون بهتر نموني نڀايان پر مان پنهنجون ذميواريون بهتر نموني نہ نڀائي سگهڻ جو اعتراف ڪيان ٿو. جهڙي ريت مونکي ذميواريون نڀائڻ گهرجن ايئن نہ نڀائي رهيو آهيان.
سوال : توهان کي گهر وارن سان ڪا شڪايت؟
جواب : جن کي مونکان شڪايتون آهن ۽ ظاهر ظهور مان انهن جو مجرم بہ آهيان، هتي پاڻ سڌرڻ بجاءِ ابتو مظلوم بڻجي انهن جي خلاف ويهي ڪوڙيون شڪايتون ڪندم تہ پوءِ پائو گهر ڪان بہ ٻاهر هوندم.



ناميارو ڪهاڻيڪار مظهر ابڙو ۽ وشال امير ننڍپڻ جون يادون

هتي شاعر پنهنجي دلي خواهش کي اظهاريو آهي تہ ڪو مُحب مونسان انگل ڪري تہ چنڊ لاهي اچي مونکي ڏي تہ ، مان ڪيس اُڀ جا ڪُل تارا بہ جيڪر لاهي ڏيانس. عاشق جو اهو مزاج بهاري ڏيندڙ لڳو. هن ڪتاب جو مهاڳ لکندي جناب حبيب ساجد هڪ هنڌ لکي ٿو تہ شاعريءَ جو هي ڪتاب پڙهندي اوهان کي هر صفحي تي هڪڙو اهڙو شعر اوس ملندو جيڪو اوهان جي ذهن ۽ دل ۾ پيهي ويندو. هي صاحب اڳتي هڪڙي هنڌ هيئين چوي ٿو تہ "وشال امير جي شاعري منهنجي نظر ۾ هن جي پيار جو پورهيو آهي". وري هڪ اهڙي شعر جو مثال ڏئي ٿو جنهن کي پڙهڻ سان جيڪو ماحول ذهن ۾ اچي ٿو اهو خيرپور جي ماحول سان چاهہ رکندڙ ماڻهن لاءِ بنهہ نئون نہ آهي.

تنهنجو آواز مدُر ساز، ڪوئل جي ڪُوڪُو،
مندر جو گهنڊُ وڄي ، چڻ پئي آذان اچي.

ڪجهہ بہ هُجي مونکي هي شاعريءَ جو ڪتاب پڙهندي لڳو تہ هن شاعر سونهن ، سرهاڻ ۽ قدرتي ميون، مندن ، ٻيرن تي ذرا وڌيڪ لکيو آهي ، جو سندس سنڌ جي هر چيز عام توڙي خاص لاءِ اڪير ڏيکاري ٿو، هن جون ڪوتائون ڇند وديا يا علم عروض جي قائدن پٽاندڙ هئڻ ڪري سنڌ جا نامچين سنگر تہ ڳائڻ پسند ڪندا پر ٻڪرار ريدار بہ چنگ يا بوڙينڊي جهڙن سازن تي هن شاعر جون ڪي ڏنون ڳائيندي روح جي راحت محسوس ڪندا. مونکي تہ ايئن لڳو وشال امير جي شاعراڻي سونهن ، سندرتا سندس ڳوناڻي ۽ سادي ٻوليءَ ۾ آهي.

وشال امير جو گهڻو تڻو شعر سندس محبوب جي سونهن ۽ عشق جي ساراهہ ڪندي لکجي ويو آهي ، جنهن لاءِ هن ڪتاب مان انيڪ شعر مثال لاءِ ملندا، ڪي مثال پيش ڪرڻ واجب سمجهان ٿو:

منّي مان مرڻ تائين تِنهنجو ئي رهندُم ، تولئہ سوچيندُم ۽ تولئہ ئي جيئندُم
قيامت ۾ توکي ئي گُهرندُم مان رب کان ، نہ گُهرجيم ستر حورُن جو حسابُ
متان ايئن سمجهين! تہ تون مونکان وسري وئي آهين توکي نٿو ياد ڪيان
اڙي! دل هي شاعر جي جيسين آ جيئري ، تنهجي نانءَ جو ئي پيو وڄندو ربابُ

لڳ ڀڳ 40 ماترائن واري ڇند تي لکيل هي لنبين سٽن وارا شعر ٻيا شاعر گهٽ لکندا آهن، ان لاءِ هن صاحب داد لهڻو. وشال امير جي سندس محب لاءِ بيحد اڪير جي ڪشش بہ ڏسڻ وٽان آهي.

منهنجي پريميڪا ! بس مونلئه تون ئي اهم آهين
منهنجي حصي لئه جنت ۾ تون ئي حُور ٿجان
هي شعر پرينءَ ڏي مخاطب ٿي لکيل آهي.
منئي تون ملي آن تہ ماڪي لڳي ٿي
زهر زندگيءَ ۾ ملائي نہ ڇڏجان
مان وشال تولئہ لکان گيت جيڪي
چپن سان چُمڻ بِنِ وڃائي نہ ڇڏجان
غزلن سان گڏ نظم ۽ گيت بہ هن ڪتاب ۾ شامل آهن، انهن جو جائزو نہ وٺون تہ شاعر سان بي انصافي ٿيندي. وشال امير جو هي ڪوريل ٽڪرو ڏسو:
تو ڇهو هو "وشال ! شاعر!."
"منهنجي خاطر رهجان خوش تون"
ڏينهن ٿنهن ڪان خوش مان آهيان
منهنجي نيڻن ۾ ناهي ڳوڙهو
منهنجي چپن تي مُرڪ هاڻيون
ڇٽڪيون پيو روز ڇنبڙايان

' يا وري سندس "ناچڻي " نالي سان نظمي گيت جو شروعاتي ٽڪرو بہ ڏيان طلب آهي:
هڪڙي عورت نچڻي بڻجي
چند روپين جي خاطر ساتي!
بگهڙن ٽولي منجهہ نچي ٿي
اُچلون ڏيئي پاڻ بچي ٿي
چند روپين خاطر ناچڻيءَ جو نچڻ مجبوري آهي ڇو جو چوندا آهن "بک بڇڙو ٽول".
"دعا" سري سان نئين ڪويتا ڇپيل آهي، جنهن ۾ نهايت عمدو ۽ اڻلڀ خيال سمايل آهي.
جي تون چاهين ٿئين مسيحا !
پلي تون ٿيجان
نہ تہ منهنجو خيال آ تولئہ

---

ڪوڙ برايون پاڙن پختيون

کينسر – ڪوڙهه بيماري وانگي
پر تون ! تن کي ٻنجو ڏيجان

------------------------------

مسيحا ٿيجان

وشال امير بدعنواني ۽ ناانصافي جهڙين بيمارين کي ڪينسر ۽ ڪوڙهه وانگر تشبيهه ڏيئي انسان کي اپيل ته ڪري ٿو ته انهن کي ٻنجو ڏجانءِ، ان لاءِ ڪيس مسيحا ٿيڻ جي صلاح ڏئي ٿو.
چئن چئن سٽن جا رباعي يا قطعا ٽائيپ شعر پڻ بهترين آهن، مثال طور :

اجايا خفا

نڪا   ٽئڪس چوري نه آف شور آ
اسان ڪير جا آهيون ڏوتل صفا
توهان شاهه محمود قيري نه سگهندئو
توهانجون   سڀ   آچون اجايا خفا

جناب وشال امير جو هي شعري مجموعو " خوابن جي پنڌ ۾ " ناياب شعري ذخيرو آهي، جو مونکي بي بها لڳو آهي. سچ پچ هن شاعريءَ جي ڪتاب ۾ شاعر جي عالماڻي شخصيت وچ جيان چمڪاٽ ڏيندي نظر اچي ٿي. منجهس مثال ته عمدي شاعريءَ جا گهڻا ئي آهن ، مثال ڪيترا ڏيئي ڪيترا ڏيان. غزلن،رباعين، قطعن وانگر سندس بيت به نواڻ جي زنجير ۾ جڪڙيل آهن. بيتن ۾ به استعارن جو استعمال ڪري وشال امير هڪ انوکو تجربو ڪيا آهي، انهن بيتن ۾ به شاعر جڳ جي نفرتن کي ڪوڙهه ڪوٺيو آهي، پر الائي ڇو شاعر جو هيئن چوڻ سوچن جي ڪن ۾ گهوماٽيون هڻائي ٿو:

منهنجي   قسمت ۾ لکيل   ، رڳو آهي ڏڪار
منهنجو توسان پيار، تون پيي سمجهيو ڪين ڪڏ

ڪجهه به هُجي ڪتاب "خوابن جي پنڌ ۾ " وشال امير جي شاعراڻي شخصيت کي اپارڻ ۾ ڪافي مدد ڪئي آهي ۽ هُن جي محنت ۽ لڳن کي جيتري آفرين ڏجي اوتري ٿوري آهي!، هن ڪتاب جو سنڌ توڙي هند ۾ مناسب آجياڻو ٿيندو اهڙي اميد اٿم.

## محبتون اُٽيندڙ وشال امير

ضراب حيدر

ساهتي پرڳڻي جي چيڙي ڪان هڪ اهڙي سرزمين جي شرعات ٿئي ٿي، جيڪا ميرن جي چؤياريءَ جو حصو رهي آهي. سومرن، سمن ۽ ڪلهوڙن جي دور ڪانپوءِ ميرن جي دور جو بہ سنڌي ثقافت ۽ ادب ۾ اهم حصو رهيو آهي. هي سمورو خطو جيڪو اتر سنڌ جو حصو آهي، سو ميرن واري خيرپور جي نالي سان مشهور آهي، جتي ڪجين جا اونچا اونچا وڻ آسمان سان ڳالهيون ڪندا ڀاسجندا آهن. اونچيون ڳچيون ڪونجن جون هجن يا وري ڪجين جون، رُڏاليءَ جي مشهور گيت "دل هوم هوم ڪري" جي هڪڙي بند ۾ ڳنڍي چڏينديون آهن.

"تيري اونچي اٽاري، مين ني پنک لي ڪٽوائي"

هن بند جون سموريون حسناڪيون هڪ لمحي لاءِ اکيون پوري محسوس ڪجن تہ الائي ڪٿان ڪان ڪٽي ڪٽيو وڃن. اونچا ڳاٽ اُنَن جا هجن يا وري خيرپور وارين ڪجين جا، ڏاڍا ڏکيا ۽ ڏنگا هوندا آهن. ائين ئي جيئن گلزار مٽئين بند ۾ چيو آهي، انهن اونچين ڳچين ۽ ڳاٽن کي رسڻ لاءِ ماڻهوءَ کي پنهنجا پر ڪٽائڻا يا وري وڃائڻا پوندا آهن. محبتن جو جهان ۽ دستور بہ بنھ عجيب آهي، جنهن ۾ سمورا سانگ ۽ سانگا وسري ويندا آهن. خيرپور جي مٽي، جنهن ۾ صحرا ۽ ڪوهستاني خوشبوءِ سمايل آهي، اتي جي ماڻهن ۾ بہ جڻ صدائون ۽ تشنگيون ملنديون آهن، نہ صرف ايترو پر ڪي قدر هن خطي جي زندگي ڪجھہ اڙانگي بہ آهي، سياري جا سيڪارا ۽ جون جولاءِ جا اونهارا پنهنجي انتهائن ۾ شدتن سان ايندا آهن.

انهيءَ ساڳئي خطي جو هي مرڪندڙ ماڻهو جنهن کي 'وشال امير' چيو پيو وڃي، سو تہ سچ پچ دوستين ۾ امير ۽ وفائن ۾ وشال آهي. سندس خاص

جملو جيڪو 'پيارا' سان شروع ٿيندو آهي، ان ۾ ڪيئي سچايون ۽ ارپنائون هونديون آهن. نوابشاهه جون اهي راتيون شايد ڪڏهن وسري نه سگهن، جن ۾ وشال ۽ مون ڏکڻ جي پچاڙڪن واهوندن ۾ هڪ اسپتال جي ڇَتِ تي ويهي ڪچهريون ڪيون هيون. اسان جي ڪچهرين جا موضوع ڪٽي ڪهڙا به هجن، پر لڳندو ائين هو ته ڄڻ ڪي به پراڻي دور جا ماڻهو صدين کانپوءِ گڏيا هجن. انهيءَ زماني ۾ جيتوڻيڪ مظهر ابڙو بخشل باغي، فياض چنڊ ڪليري ۽ ٻيا سنگت به گڏ گڏ رهندي هئي، پر اسان جي انسيت جو عالم ئي ڪجهه ٻيو هو.

هو جيڪو پيدائشي هڪ شاعر جو روح ٻڌيل آهي، تنهن جي اندر ۾ احساسن جي بيئل پاڻيءَ جهڙي هڪ ڍنڍ وسيل آهي، ائين ئي جيئن ڪولاب جيئل واري وستي.... وشال جي اندر ۾ پنهنجي ان وستيءَ، ڳوٺ ۽ ڌرتيءَ جو درد وسيل آهي، جنهن کي هن پنهنجي ڪالمن توڙي شاعريءَ ۾ بيان ڪيو آهي، بنهه سادگيءَ ۽ سچائيءَ وچان وشال پنهنجي آس پاس جي شين کي بيان ڪندو رهيو آهي.

شاعر، جيڪو فطري ماحول سان همڪنار هوندو آهي، سو پنهنجي طبيعت ۾ جماليات پسند ۽ عاشق مزاج به هوندو آهي. ڪوبه شاعر جڏهن عاشق ٿيندو آهي ته سندس شاعريءَ ۾ ان جي جهلڪ عاشقيءَ سان نظر ايندي آهي ۽ اهو عام رواجي به آهي. پر جڏهن ڪو شاعر عاشق ٿيندو آهي ته ان شاعريءَ جا رنگ ئي نرالا هوندا آهن، جيتوڻيڪ اهو تمام گهٽ ٿيندو آهي، دنيا جي سون هزارن عاشقن مان ڪي چند ماڻهو ئي شاعر ٿي سگهندا آهن. وشال، جيڪو بنيادي طور تي هڪ عاشق آهي، سندس عشق جو دائرو پنهنجي ذات جي گرد ئي ويڙهيل ڪونهي، پر هو پنهنجي تخلص جيان ان معاملي ۾ وشال آهي. هن جي عشق جي شروعات ان نقشي کان ٿئي ٿي، جيڪو سهڻي سنڌ جو نقشو آهي... هي نقشو جنهن ۾ هزارين قصا ۽ ڪهاڻيون آهن، لڪين درد ۽ الميا

آهن، هو جڏهن ڪان شعور سنڀالي ٿو تہ پنهنجي ڌرتيءَ جي نقشي ۾ موجود هرشيءِ کي حساس نظر سان ڏسي ٿو.

ائين ئي هن جو عشق پنهنجي ڌرتي ۽ سرزمين ڪان شروع ٿئي ٿو جنهن ۾ مجازي ڪيفيتون پوءِ شامل ٿين ٿيون، سندس هڪ غزل جو بند اها گواهي ڏي ٿو تہ وشال پنهنجي معمول جي زندگيءَ ۾ شين ۽ يادن کي ڪيئن سنڀالي ٿو.

مون سنڀالي رکي نشاني تنهنجي،
سنڌ نقشو ،رومال ساڳيو آ.

هن بند جي خوبصورتي پنهنجي جاءِ تي، پر رومال حقيقت ۾ ذو معنيٰ طور استعمال ٿيل آهي. رومال، جيڪو اڪثر پيار جو تحفو سمجهيو ويندو آهي، سو ئي رومال لڙڪن اگهڻ جي ڪم پڻ ايندو آهي. هونئن تہ وشال جي سموري شاعري غزل ۽ نظم سادگيءَ سان گڏوگڏ حيرت ۾ وجهي ڇڏين ٿا. بنهہ سادڙا بند وڏين وڏين معنائن سان گڏ زندگيءَ سان لاڳاپيل مسئلن جو عڪس پيش ڪن ٿا. مٿئين بند جي گهرائيءَ ۾ وڃڻ ڪانسواءِ ئي رڳو رومال ساڳئي جي ڳالهہ ڪجي تہ واضح ٿيو وڃي تہ وشال جڏهن ڪان شعور سنڀالي ٿو وتس سنڌ ۽ سنڌ جي نقشي سان لاڳاپيل درد تہ ساڳيا ئي آهن. پر اهو رومال (جيڪو بظاهر پل ڪا مادي شڪل نہ رکندو هجي) موجود آهي ۽ جيڪو سندس ڳوڙها اگهندو رهيو آهي. اهو رومال هن پنهنجي اندر ۾ پنهنجي احساسن ۾ جوڙي ڇڏيو آهي، ها شايد اهو ئي رومال، جيڪو نديڊڻ ۾ ڪيس پنهنجا اهي ڳوڙها اگهڻ جي لاءِ تہ مليو سگهيو هو جيڪو تقدير طرفان ڪيس هڪ الميي طور مليا هئا.

ذاتي طور مان سندس زندگيءَ جي ان اولڙي کي ڪنهن بہ ربت بيان ڪرڻ نہ ٿو چاهيان، پر ايترو سو ضرور چوڻ گهران ٿو تہ معصوم عمر ۾ جيڪي رسمي يا سماجي رقابتون سندس گهر جي چوديواريءَ ۾ داخل ٿيون هيون. تن

ڪي هن پنهنجي امڙ جيجل جي اڪين ۾ پڙهي ۽ ڏسي ورتو هو.... پوءِ هو گهر جي چوديواري ۽ پوءِ ڳوٺ جي حدن کان ٻاهر نڪتو تہ ڪيس سموري ماحول ۾ اهي ساڳيون رقابتون نظر آيون، جن کي هن ڪنهن ٽشو پيپر وانگي ڪٽي دور اڇلائي ڇڏيو ۽ پنهنجي ان احساساتي رومال سان محبتون ميڙڻ ۽ سهيڙڻ شروع ڪيون، گڏوگڏ انهيءَ رومال سان پنهنجا ۽ ٻين جا لڙڪ اگهڻ شروع ڪيا.

ڪيڏيون بہ نفرتون لٽيون آهن،

اسان پٺي محبتون اُٽيون آهن.

وشال سان هڪڙو طويل عرصو حيدرآباد ۾ بہ گذريو آهي، جڏهن هو هتي رهندو هو اڪثر ڪري سندس آفيس ۾ بيٺڪون ٿينديون هيون. مان ان زماني ۾ مهراڻ ٽي ويءَ تي پروگرام مئنيجر هوس، مون کي حيرت ٿيندي هئي تہ وشال گهٽي ڪم باوجود دوستن لاءِ نہ صرف ٽائيم ڪڍندو هو پر پنهنجي وَس آهر ايمانداريءَ سان دوستن جا ڪم ڪرائيندو ۽ مسئلا حل ڪندو هو. هڪ سپاهي شخص جيان هن آڌر هر ڪنهن لاءِ لاپائتو رهيو.

شروع شروع ۾ جڏهن ڪيس پي. آءِ .ڊي ۾ نوڪري ملي تہ هن 'نئين زندگي' رسالي کي ٻيهر جاري ڪيو ۽ پنهنجي ساڳي معيار سان نروار ڪيو. سچ پچ تہ عبدالواحد سنڌيءَ جون سموريون سڪون لاٿيون. پوءِ اڳتي هلي ڊپارٽمينٽ جي پاليسين سبب 'نئين زندگي' کي بند ڪيو ويو.

وشال پابند شاعريءَ سان گڏ جيڪي نظم لکيا آهن، سي دِل لڀائيندڙ آهن. ننڍين ننڍين مسئلن ۽ اِشوز تي هو ائين لڳندو آهي تہ نظم جي صورت ۾ ننڍڙيون ننڍڙيون مختصر ڪهاڻيون لکندو آهي، جن ۾ سونهن ۽ سادگي يڪسان هوندي آهي. هو ڪنهن بہ ڇاپَ ۽ نعري کان پاسيرو رهي هڪ عام ماڻهوءَ وانگي بيان ڪندو آهي، جنهن ۾ ڪو بہ آجايو پَراءُ ناهي هوندو. ائين ئي وشال جا ڪالم ۽ مضمون هوندا آهن، جن ۾ سچائي نظر ايندي آهي. سندس ڪالم موضوع سان ڀرپور ۽ وڏي ڳر وارا هوندا آهن، جن ۾ تاريخي حقيقتون،

يادگيريون ۽ چاڻ موجود هوندي آهي. سندس ڪالمن جو ڇپيل ڪتاب ’يادون ۽ عڪس‘ هڪ تاريخي دستاويز آهي، جنهن ۾ بنهه ساراهه جوڳو مواد شامل آهي. ٻوليءَ جي حوالي سان وري بہ ايترو ئي چوندس تہ وشال جي ٻولي پنهنجي بيان ۾ نهايت سئولي ۽ سادي آهي، جنهن جو اسلوب بہ پنهنجو آهي.

وشالَ جي شخصيت ۽ ڪلا تي لکڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ لکي سگهجي ٿو. سندس ڪم ۽ پورهيو ستائش لائق آهي، پر جيڪا ڳالهہ يا خوبي وشال جي سر فهرست آهي، اُها اِها تہ هو هڪ ڀلو ماڻهو آهي، جنهن کي پيار ۾ ٿورو ’ڪِنو‘ چئي سگهجي ٿو.

16 اپريل ـ 2018ع



وشال امير جو ننڍپڻ

# دلِ پري تي ڇڻ اُماڙي

حبيب ساجد

ڪوڙين سال گذري ويا آهن، ادب ۾ اٿبو ويهبو هُيو، شاعريءَ سان شامون ڪٽبيون هيون. ڪتابن جا ڪٻٽ ٻانهون کولي ٻاڪرن ۾ پرڻ لاءِ هر وقت تيار هوندا هيا، ڪوڙ ساترو پڙهبو هيو ۽ ڪوڙ ساترو لکبو هيو........ ساڏبيلي جي سامهون "پرين گهاٽ" تي اديب دوستن جا ميڙاڪا متل هوندا هيا... هر غزل، هر نظم تي واهه واهه جا هوڪرا پئجي ويندا هيا.... دوستن جا غزل انهن ڪان وٺي ڊائريءَ تي اتاري وٺبا هيا...... ۽ هفتن تائين اهڙين محفلن جو سرور ذهن جي زبان تي جليبيءَ جيان مناڻ ڏيندو رهندو هيو.
پوءِ هيئن ٿيو..... جو هوريان هوريان دوست مصروف ٿيندا ويا. موبائيل فونون اچي ويون، اسمارٽ فونن هر هٿ کي سجائڻ شروع ڪيو، پر دل جو اِن باڪس وري آباد نہ ٿيو...... سڀ ٽڙي پکڙجي وياسين.
پر ! هڪڙو دوست اهڙو هيو..... جيئن جُون جي اُسات گرميءَ ۾ ٽاريءَ جي گهاٽي ڇانو ۾ ٿڌو ڪو ڪوهہ هوندو آهي. آهڙو ئي آهي اهو دوست جنهن ڪڏهن بہ ناتو نہ ڇنو، هن هميشہ محسوس ڪرايو تہ هُو اسان ڪان باخبر آهي. وشال امير .... ويڪري منهن تي مرڪندڙ بہ چپن ۽ شيشي جي اکياڙين پويان ذهانت وچان گهوريندڙ وشال امير ڪمپيوٽر جيان هن جي ڇهري تي ......! جڏهن بہ ملبو آهي ڇڻ تہ رنگين سلائيڊيون ..... پيون هلنديون آهن. گهڻ ڇهرا ايترا جاندار لڳندا آهن ۽ گهڻ اکين ۾ ايترا خواب هوندا آهن جو شاعريءَ جو "خوابن جي پنڌ ۾" ڪتاب رچي وجهن.
ڪولاب جيئل خيرپور پرسان هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي ۽ اتان جيڪي ماڻهو اربنائيز ڪري شهرن ڏي شفٽ ٿيا آهن انهن ۾ وشال امير بہ آهي. وشال جو اصل نج سنڌي نالو امير بخش ابڙو آهي پر ڪيس هرڪوئي وشال اکيندو آهي. وشال سان ملاقات ڪوڙ ساترا سال اڳ ۾ ٿي هئي. خيرپور ۾ هڪ هوٽل تي ادب نواز دوستن سان ڪچهري هلي رهي هئي تہ مظهر ابڙو هڪ Ten age نوجوان سان گڏ اتي پهتو ۽ ان نوجوان جي دوستن سان امير بخش ابڙو جي نالي سان واقفيت ڪرايائين. اهو سنهڙو ۽ سيبتو نوجوان پوءِ لاڳيتو مختلف ڪچهرين

۾ ملندو رهيو ۽ ”وشال امير“ جي نالي سان رسالن ۾ شاعري ڀ لکڻ شروع ڪيائين... هوريان هوريان خيرپور ۽ سکر جي ادبي ميڙاڪن ۾ پنهنجي هجڻ جو زوردار احساس ڏيارڻ لڳو، تان جو مون محسوس ڪيو ”اهو امير بخش مڪمل طور وشال امير جي روپ سروپ ۾ جلد ئي ڍلجي ويندو“... پر هُو اوچتو منظر تان غائب ٿي ويو، جيئن فوٽو شاپ تي گروپ مان هڪ تصوير غائب ڪري ڇڏجي....

هڪ دفعي عزيز ڪتاب گهر سکر تي حسب عادت ڪتابن ، رسالن جي خوشبوءِ سنگهي آنند وٺي رهيا هئاسين ته ”نئين زندگي“ رسالو رنگين ٽائيٽل سان نظر آيو، رسالي جو گيٽ اپ ايترو ته سهڻو هيو جو سمورا چار رسالا خريد ڪيم. مون حيران ٿي ڏٺو ته نئين زندگي رسالي جي ايڊيٽر طور وشال امير جو نالو لکيل هيو. رسالي جي خوبصورتي ۽ اندروني مواد جي بهترين چونڊ ۽ ترتيب ڏسي من ڏاڍو خوش ٿيو. مونکي لڳو مولانا عبدالواحد سنڌي ڪانپوءِ مس مس نئين زندگيءَ کي هڪ سنو ۽ ذميوار ايڊيٽر نصيب ٿيو آهي. نئين زندگي رسالو نئين آب تاب سان شايع ٿيندو رهيو، پر جلد ئي رسالي جي ڇپائي بند ٿي وئي . معلوم ڪرڻ تي خبر پئي ته وشال امير رسالي جي ايڊيٽرشپ ڇڏي ريجنل آفيس پي آءِ ڊي لاڙڪاڻو بدلي ٿي آيو آهي.

وشال امير.... امير بخش چنيءَ جي نالي سان ممتاز علي ابڙو جي گهر 2 آڪٽوبر 1973ع ڪولاب جيئل ۾ جنميو. پيءُ پاران ٻي شادي ڪري ڪين ڇڏي هليو وڃڻ ڪارڻ وشال امير جي پالنا ۾ هن جي امڙ جو ميجر ليول جو ڪردار رهيو آهي، ان ڪري هن جي شاعريءَ ۾ نسواني نرمي ۽ ڪوملتا اوهان کي هر سٽ ۾ ملندي. سنڌي ٻوليءَ ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڪندڙ وشال امير جا هن کان اڳ ۾ ٽي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن :

نشانا چپن جا (شاعري) 2005ع نيوٽنڪرس فورم حيدرآباد
ريشم جهڙا خواب (شاعري) 2009ع راول پبليڪيشن خيرپور
يادون ۽ عڪس (ڪالم) 2009ع واڪا پبليڪيشن ڪراچي

۽ هي شاعريءَ جو چوٿون ڪتاب ” خوابن جي پنڌ ۾“ هن مهل اوهان جي ريشمي آڱرين ۾ نظر اچي رهيو آهي.

شاعريءَ جو هي ڪتاب پڙهندي اوهان کي هر صفحي تي هڪڙو اهڙو شعر اِش ملندو جيڪو اوهان جي ذهن ۽ دل کي Touch ڪندو.

پيار رتبو تہ اميراڻو آ
جُهڪاءُ پوءِ بہ فقيراڻو آ

مان ڏسان توکي رڳو، تون رڳو مونکي ڏسين
ڪاش! تون منهنجي فقط، منهنجي فقط، منهنجي هُجين

بي ترتيبي هي هٺائي جيڪر
منهنجو جيون بہ ڪو ناهي جيڪر

ڪري ڪو چنڊ لئہ انگل مونسان
ڏيانس ڪُل تارا ڀي لاهي جيڪر

تون چُپ تي رهين ، مان بہ چُپ تو رهان
دل ٻري تي پئي جڻ اُماڙي مني

مان شاعريءَ سان عشق ڪندو آهيان۽ من ۾ هميشہ اهو سوداءُ هوندو آهي تہ سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ جي بهترين کان بهترين شاعري پڙهان، ۽ ان تلاش ۾ مان جڏهن بہ خيرپور ۾ " گوگل سرچ" هڻندو آهيان تہ ڪوڙ ساترن نالن ۾ وشال امير بہ شاعريءَ جي باغيچي ۾ هڪ ڪنڊ وٽ پلتي هٽي وينل نظر ايندو آهي. Laities جي سفيد گلن وچ ۾ هن جو ڪنڊ مٽر ۽ دلنواز خوشبوءِ سان واسيل محسوس ٿيندو آهي. شاعريءَ جي دلفريب جهان ۾ هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي خوشبوءِ ڦهلائي آهي. وشال امير جي شاعري منهنجي نظر ۾ هن جو پيار جو پورهيو آهي. مونکي ٻنتو سونهين تہ مان بحر وزن يا ڇند جي +2 عينڪ پائي شاعريءَ جي ڇنڊڇاڻ ڪيان. محبت ۾، محبت لاءِ ۽ محبوب هٿڙن سان لکيل شاعري پاڻ ئي پاڻ ذهن جي خاموش تلاءَ تي ڪلڪ ڪري ترورا پيدا ڪندي آهي. مان وشال امير جي شاعريءَ جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ ۾ جهانڪڻ بجاءِ هن جي Verses تي ئي فوڪس ڪيان ٿو، ان ڪري جيڪڏهن ڪنهن سجڻ کي لڳي تہ مان One side لکيو آهي تہ ان جو خير آهي. جيئن سرائڪي ۾ چوندا آهن :
تسي لنگهہ جائو، سادي خير اي
شاعريءَ جي پهرئين پني تي هي جيڪو شعر آهي ان ۾ ڪيتري تہ ڇڪ آهي:

پيار رتبو تہ اميراٽو آ
جُهڪاءُ پوءِ بہ فقيراٽو آ

يا جيئن

پاڻ کي مونکان پري هڪ دَمُ نہ ڪر
زندگي منهنجي مني چهلم نہ ڪر

ان شعر کي جيڪڏهن سڄي ڪتاب جو روح چئجي تہ غلط نہ ٿيندو. هتي چهلم لفظ جو استعمال ڇرڪائي وجهي ٿو.

تنهنجي ساروڻين سهارو پيي
دل جي ٽر لئہ مينهن ڪٽيون آهن

گلن شبنم جيان مهڪين، بهارون پاڳ تو ٻڌجن
هجي جنت تولئہ ڌرتي ۽ خوشيون ماڳ تو ٻڌجن

هن شعر پڙهڻ ڪانپوءِ مونکي محسوس ٿيو تہ هن شاعري ڪتاب جي قيمت ٻيڻ تي نڪري وئي آهي

منهنجي جوانيءَ جو رنگ چاندي ٿيو
تنهنجو جانان جمال ساڳيو آ

۽ هن شعر پڙهڻ سان جيڪو ماحول ذهن ۾ اچي ٿواهو خيرپور جي ماحول سان چاهہ رکندڙ ماڻهن لاءِ بنهہ نئون نہ آهي

تنهنجو آواز مڌر ساز، ڪوئل جي ڪُوڪُو،
مندر جو گهنڊُ وڃي ، جڻ پئي آذان اچي

.... ۽ دوستو ! اوهان جيئن جيئن پنا ورائيندا ويندا ڪونہ ڪو شعر، ڪانہ ڪا سٽ جان مان سيئاندا ڪدي ڇڏيندي.

شاعري هڪ ذميواري آهي ۽ وشال امير پنهنجي پر ۾ اها ذميواري سهڻي نموني نڀائي آهي. پنهنجي جذبن جي اظهار ۾ هن ڪٿي بہ جملن ۽ احساسن جي پيچ ڊاهہ نہ ڪئي آهي، هن جيئن محسوس ڪيو آهي تيئن ئي لکي ڇڏيو آهي. شاعري جي ٽن ڪتابن ۽ ڪالمن جي هڪ ڪتاب جو سرجڻهار وشال امير اجان بہ اڳتي وڃڻو آهي. منهنجو خيال آهي تہ تصوراتي ڪائنات ڏانهن ويندڙ شاعريءَ جي هيءَ ڏاڪڻ جيڪا ڏاڍي سهڻي آهي، ڏاڍي دلفريب آهي، پر ان تي مٿاهينءَ جو سفر ڏاڍو اٽانگو آهي ۽ وشال امير ان ڏاڪڻ تي پير رکي هڪ منزل سر ڪري ورتي آهي.


اوپري دنيا جي چنريءَ، گلن ۽ ميون تي شاعري سرجڻ بجاءِ وشال امير سنڌ ماتا جي اکن ۾ ٻهرن ، ٻيرن تي وڌيڪ لکيو آهي.... مان پُراميد نويد ڏيان ٿو تہ وشال امير جي شاعريءَ کي جڏهن بہ ڪو عوامي مزاج وارو سنگر (راڳي) مليو تہ اُن مان اُٺ ڪتابن جا پڙهيل ادبي پروفيسر تہ مزو وٺندائي وٺندا، پر اهو ٻڪرار ، ريڊار بہ وٺندو جيڪو ڪنهن ٿاريءَ هيٺان ويهي چنگ يا بوڙينڊي تي هن جي ڪا ڏن ڳائيندي نظر ايندو.

۽ ها دوستو! وشال امير جي جهڙي طرح سان غزلن ۾ گوناگون منظر ۽ تغزل جا جهلڪا اوهان محسوس ڪندئو. ساڳئي ريت سندس نظمن ۾ بہ هڪ سيبتي ورائٽي چٽي چانڊاڻ جيان اوهان کي ملندي. يونان جي سيفو ۽ ان جي سهيلي بلائيٽر کان وٺي اڄ جي ارجنٽائيني شاعره ماريا ايزفونا تائين عالمي نظم هڪ ساهہ سيبائيندڙ سفر ڪيو آهي ۽ ان سفر ۾ سنڌيءَ جي شاعرن ڪاميابي سان پاڻ نشانبر ڪري ڏيکاريو آهي. شيخ اياز کان وٺي اسد عباسيءَ تائين سنڌي نظم ڪٿي بہ پنهنجو سر جهڪايو ناهي، اُئين ئي وشال امير جا هن ڪتاب ۾ ڏنل نظم بہ پنهنجي الڳ ۽ نويڪلي سونهن رکن ٿا. ممڪن آهي چند پڙهندڙن کي وشال امير جي نظمن جي ٻولي اڳري ۽ اڻ نهڪندڙ لڳي پر منهنجو خيال آهي تہ سنڌي نظم ۾ ڪمال جي وسعت ۽ پنهنجو پڻ موجود آهي ۽ اهو هر لفظ کي پنهنجي سٽاءَ ۾ بهترين جاءِ ڏئي سگهي ٿو. مان تہ ان خيال جو بہ آهيان تہ هڪ گاريلي لفظ لکيا کي بہ نظم ۾ جاءِ ملي ويندي آهي. هونئن بہ نظم عام وهنوار واري زندگيءَ مان ڪنيل شاعراڻا تڪرا/منظر هوندا آهن ۽ اسان پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ جن لفظن جو انتيميٽ استعمال ڪريون ٿا انهن کي نظمن ۾ بہ جاءِ ڏيڻ گهرجي.

وشال امير جي سنڌي نظم جي سونهن ان جي سئولي ۽ ڳوناٽي ٻولي آهي، جتي سٽ سٽ ۾ ڪو لفظ اوچتو اوهان جي اکڙين جي پنبٽين کي جهٽ پل لاءِ حيران ڪري ڇڏي ٿو.

مثال جي طور تي ڪوڙ ساترا اهڙا حوالا ڏئي سگهجن ٿا جن ۾ وشال امير جي نظم جو چڙواڳ درياءُ پڙهندڙن کي ٻوڙي هليو وڃي ٿو، جيئن نظمن ۾ روشني، ماتم، نيڻ، خوش ڪيئن رکان، سهارو بي سهارن جو وغيره ۾ هڪ ڇيڳلي رواني ۽ ڪنوار کي لڳل ڪنڙو ٻوٽي جهڙو واس حواسن کي نشا ڏئي ڇڏي ٿو.

دوستو! اوهان کي هي ڪتاب ڪڍڻ ٻه منهنجي تحرير وچان ناهيل چشمي وچان نه پڙهڻ کپي پر هي ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ صرف ايترو ئي ٻڌائجو ته مان هي جيڪو ڪجهه لکيو آهي ڇا اوهان ٻه اهي منظر محسوس ڪيا آهن ۽ انهن مان ايتري ئي انسپائريشن ورتي آهي جيتري مون ورتي آهي؟



وشال امير جي ننڍپڻ جو عڪس

# ذات ، ڏانءُ ، ڪرت ۽ ڪردار

عبدالرزاق عمراڻي

ذات جي ڏيهه ۾ هُنجو نالو ڪو نئون هرگزُ ناهي، هُو ڄاتل سڃاتل شاعرن ۽ ڪالم نگارن ۾ پنهنجو نالو ڳڻائي چڪو آهي، ونس لکڻ جو نہ پنهنجو الڳ ڏانءُ آهي پر هُن وٽ دوستي جي ڳنڍ ۾ ڪنهنکي بہ ڳنڍي وجهڻ جو ڏانءُ بہ آهي. منهنجي پهرين غيررسمي سڃاڻ ساڻس سان يقينن ڪنهن اخبارجي ايڊيٽوريل واري صفحي تي ٿي هُئي پر ساڻس سان رسمي ملاقات تقريبن 2015ع جي پوهہ وارن پڇاڙڪن ڏينهن ۾ حيدرآباد جي حيدرچوڪ تي هڪ نما شام ويلي ٿي هئي. مان ڪنهن بہ ڪم سانگي نڪرندو آهيان تہ حسب عادت دوستن جي سارسنڀال لهندو ساڻن سان ملاقاتون ڪندو ايندو آهيان ۽ بڪ اسٽالن تان نوان آيل ڪتاب بہ خريد ڪندو ايندو آهيان. ان ڏينهن بہ مان جيئن حيدرچوڪ تي پهتم تہ دل اُڌمو ڪاڏو تہ دوستن ساجد سنڌي ۽ انور سومرو سان ملندو وڃان، مان جڏهن سنڌن آفيس پهتم تہ همراهہ ڪنهن سان موبائيل فون تي ڳالهائڻ ۾ رُڌل هئا، مون سنڌن آخري لفظ هي ٻُڌا : " ڪاٿي پهچو آن ؟ بس سڌو هتي اچجان ، اسان تنهنجي انتظار ۾ ويٺا آهيون، جي او آر نہ وڃجان ، اُتي پوءِ وڃجان، في الحال سڌو هتي اچ".

فون تي ڳالهائڻ بند ڪري ڀاڪر پريندي چيائون وشال امير پيو اچي ٿورڙي دير ويهو تہ پوءِ گڏجي ٿا هلون، اڄ ڪتاب بہ ڏسنداسين تہ رولاڪي بہ ڪبي.

ساجد ۽ انور وٽ وشال لاءِ پيار ڏسي يادگيرين جي هڪ ٻي هڙ بہ کلي پئي تہ ڪڏهن دوست واحد پارس هيسباڻي، مرتضيٰ سيال ۽ ظفر عباسي وٽ بہ وشال امير لاءِ اهڙو ئي پيار محسوس ڪندو آيو آهيان، هاڻي يقين ٿيو تہ هن شخص وٽ دوستيءَ جي ڏاڳي ۾ دوستن کي پوئي رکڻ وارو ڏانءُ ضرور آهي ۽ پوءِ جڏهن هي اسان وٽ پهتو، تہ پل ڪن ۾ اسان دوستيءَ جي اڻ ٽٽ ڳنڍ ۾ ڳنڍجي وياسين.

وشال ڪرت جي حوالي سان پتو پيو تہ يارنهن سال ماهوار نئين زندگي حيدرآباد جو ڪامياب ايڊيٽر رهيو. جنهن رسالي جو ايڊيٽر مولانا عبدالواحد سنڌي رهيو ۽ هن يعني مولانا عبدالواحد سنڌ ۾ ايڏو نالو ڪمايو جو سندس نالو 70 سال گذرڻ جي باوجود بہ زنده آهي

۽ سنڌس ادبي خدمتن ڪي نہ رڳو مڃتا ڏني وڃي ٿي پر سنڌس ڪوٽ ڪي محسوس ڪندي اهو بہ چيو ويندو رهيو آهي تہ مولانا عبدالواحد سنڌي جهڙو بيو ڪو ايڊيٽر 2000ع تائين نئين زندگيءَ ۾ ڪونہ آيو، سنڌس ڪوٽ شمشيرالحيدري ۽ غلام رباني آگرو بہ بحيثيت ايڊيٽر ۽ جوائنٽ ايڊيٽر نئين زندگي پوري نہ ڪري سگهيا. پر 2000ع ۾ جڏهن وشال امير نئين زندگي جو جوائنٽ ايڊيٽر ٿي آيو ۽ ايڊيٽر وارا فرائض سرانجام ڏيڻ لڳو تہ هن گهٽ ۾ گهٽ اهو تاثر ضرور ڏنو تہ مولانا عبدالواحد سنڌي کان پوءِ نئين زندگيءَ ۾ وري نئون روح ڦوڪجي رهيو آهي. وشال امير نئين زندگيءَ ۾ بلڪل نئون روح ڦوڪيو سنڌس دور ۾ نئين زندگيءَ جي سرڪيوليشن جيڪا اڳ ۾ 200 کان 300 مس هئي اها 3000 ڪاپين تائين پهتي، ان کان وڌيڪ بهتر ڳالهہ اها هئي تہ هن ڪيترن ئي نون ليکڪن کي سندن محنت جي آڌار تي نئين زندگيءَ ۾ جائز جڳهہ ڏئي همٿايو. اها وشال امير جي ايمانداراڻي ڪرت هئي جيڪا هميشہ ياد رکي ويندي.

وشال امير جي فن تي ڳالهائڻ لاءِ تہ گهڻو ڪجهہ ڳالهائي سگهجي ٿو، پر مان سنڌس شخصي پهلوئن تي فوڪس رکڻ چاهيان ٿو، ڇو جو سنڌس ليکاري واري پهلوءَ تي ڪوڙ ساريون لکڻيون اڇي ويون هونديون.

مون جڏهن بہ وشال امير جي باري ۾ دوستن کان ذڪر ٻڌو آهي تہ وٽن وشال لاءِ بي انتها پيار کي بہ محسوس ڪيو آهي، وشال سان سنڌس دوست ڪيتري محبت ڪن ٿا ان جو ثبوت هي بہ آهي تہ دوست انور سومرو مٿس هي ڪتاب ترتيب ڏنو آهي جيڪو وشال سان دوستن جي محبت جي پيڙا آهي، جيڪا سنڌس جيئري ڪيس ڏني پئي وڃي، جڏهن تہ اسان مُردن جي قبرن تي وڃي گڻ ڳائڻ جا عادي آهيون ، جيئرن انسانن کي مڃتا ڏيڻ اسان جي عادتن ۾ شمار ناهي. وشال امير بابت آيل هن ڪتاب جون واڌايون انور سومرو کي بہ گهڻي کان گهڻيون هجن جو هي نثري نظم ۽ آزاد نظم جو سٺو شاعر هجڻ باوجود پنهنجي شاعريءَ جو ڪتاب آڻڻ جي ڀيٽ ۾ دوستن کي مڃتا ڏيڻ کي اهميت ڏيندي ان جاءِ تي بيٺو آهي جو ڪيس بہ مڃتا ڏيڻ کان رهي نٿو سگهجي.

وشال امير جي حوالي سان سنڌس دوستن کان ٻڌل ڳالهين توڙي مٿس لکيل لکڻين کي پڙهڻ بعد پتو پوي ٿو تہ وشال جي ڪرت

محبتون ونڊڻ آهي. وشال جڏهن حيدرآباد ۾ نئين زندگيءَ جو ايڊيٽر هوندو هيو تہ وٽس دوستن جا ميڙا متل هوندا هئا. صحافي دوست توڙي ليکاري دوست وٽس هر وقت موجود هوندا هئا، ڪنهن بہ معاملي تي ساڻس صلاح جهڙوڪر ضروري سمجهندا هئا ۽ انڪري بقول انور سومروجي تہ وشال ڪين چيڙائيندي چوندو هيو تہ "دنيا جون سموريون سازشون منهنجي موجودگيءَ ۾ منهنجي آفيس ۾ پيا ڪريو، ڪڏهن منهنجي نوڪري تيل ڪرائيندئو، پر پوءِ پارت اٿو تہ ڪنهن اخبار ۾ ملازمت ڏيارجو".

وشال هميشہ کان يارن جو لاڏلو رهيو آهي اهو سندس اخلاقي ڪردار آهي يا وري ڪو جادو اٿس جو دوستن جي دل ۾ گهر ڪري ويندو آهي، پر بدڻ ۾ اچي ٿو تہ وشال جي پڙهندڙن جو ڪجهہ حلقو بہ ساڻس ايتري ئي محبت ڪري ٿو، وشال جيڪو پاڻ ڪي بي ترتيب زندگي گهاريندڙ سڏيندو آهي جڏهن سندس ڪالمن جو ڪتاب "يادون ۽ عڪس" سهيڙجي رهيو هئو تہ وٽس سندس ڪالم محفوظ نہ هئا پر اهي سڀ سندس هڪ پڙهندڙ وٽان پلاسٽڪ ڪوٽنگ ۾ محفوظ ٿيل صورت ۾ حاصل ٿي سگهيا هئا. هن واقعي بعد اسان جو خيال هيو تہ هاڻي وشال پنهنجون لکڻيون محفوظ ڪندو پر ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ اڄ بہ هي بي ترتيب ماڻهو بي ترتيب زندگي گهاري رهيو آهي ۽ هن جون لکڻيون شايد وٽس محفوظ نہ هجن، پر پوءِ بہ هي پنهنجي ڪرت پيار پوڄا ۾ ساڳئي ترتيب رکيون پيو اچي ان ۾ ڪڏهن بہ وکريو ناهي يا ٽڙيو ناهي، وٽس پيار جي جيڪا ترتيب آهي اها ساڳئي ترتيب رهندي پئي اچي، هن پنهنجي پيار کي ڪڏهن بہ لڄايو ناهي نہ ئي ان جي پوترتا ۾ ڪا گهٽتائي آڻڻ ڏني اٿائين. دعا آهي شل هي پنهنجي دوستن سان ساڳيو پيار قائم رکي ۽ دوست بہ ساڻس سان ان کان وڌيڪ محبتن جو اظهار ڪندا رهن.



وشال امير ۽ سندس مامو استاد نويد

# هڏ ڏوڪي دوست ۽ جيون ساٿي

تسليم سحر

جڏهن ادا انور سومرو مونکي وشال امير جي شخصيت تي لکڻ لاءِ چيو تڏهن مان ڪافي پريشان ٿي ويم ته آخر ان شخصيت تي ڪيئن ، ڪٿان ۽ ڪهڙي ريت سندس ڪهڙي پهلوءَ تي لکان، جيڪا شخصيت مونسان هرپل پاڇولو بڻجي گڏ رهندي آهي ، جنهن شخصيت منهنجي خوشيءَ خاطرپنهنجي هر خوشي پاسائتي ڪري ويهاري ڇڏي آهي، جس آهي ان شخص کي جيڪو مونلاءِ پابند ٿيو آهي، جڏهن ته هُو هميشه کان هڪ رولاڪ بادل جهڙي طبيعت رکندڙ شخص رهيو آهي، ايئن ڪٿي چئجي ته هڪ رولاڪ بادل پنهنجو روپ مٽائي هوا ۾ اڏامندڙ لغڙ بڻجي پنهنجي ڏور منهنجي هٿ ۾ ڏني آهي. منهنجي لاءِ ته هاڻي هُو هڪ اهڙي مورتي بڻجي چڪو آهي جنهن کي پوڄڻ جي اگر اسلام کانِ گنجائش ملي ها ته ڪيس ضرور پوڄيان ها.

وشال کي جيتري ويجهڙائپ ۽ گهٽي عرصي کان مان سڃاڻيان شايد ئي ٻيو ڪوئي ڪيس ايترو سڃاڻيندو هجي. هي شخص جڏهن به ڪو ڪوڙ ڳالهائيندو آهي يا مونکان ڪا ڳالهه لڪائڻ چاهيندو آهي ته دل ئي دل ۾ مونکي سندس معصوميت تي کل ايندي آهي، محسوس ٿيندو آهي جڻ اڃان به ڪو ٻار هن جي دل ۾ لڪيو وينو آهي ، جيڪو ڪنهن ڪنهن مهل سندس اندر مان جاڳي ، گهمي ڦري وري وڃي سمهي رهندو آهي. وشال ڪا به ڳالهه لڪائڻ مهل ايئن سمجهندو آهي ته شايد هُو مونکي مطمئن ڪري ويو آهي ، پر ايئن هوندو ناهي، مان ته اهو به يقين سان چوان ٿي ته جڏهن هن جي دماغ ۾ ڪا ڳالهه ڪا الجهن ڊوڙي رهي هوندي آهي تڏهن مان محسوس ڪري وٺندي آهيان ته هي ڇا سوچي رهيو آهي؟

مون نندپڻ کان وشال کي ڏٺو آهي، زندگي جا گهڻا سارا پل ڪنهن به ريت هن سان گڏ گهارڻ جو موقعو ملندو رهيو آهي، شايد هي منهنجي نندپڻ کان منهنجو ساٿي رهيو آهي، جڏهن مون کو ٿابو ڪاڏو ته هن جو جيءُ جهريو، هن مونکي اٿارڻ لاءِ پنهنجو هٿ اڳتي وڌايو ، هن مونکي اظهارڻ جي سگهه ڏياري. هي رشتي ۾ پهريون منهنجو سئوٽ، ماسات هيو پوءِ منهنجو جيون ساٿي بڻيو ۽ اڄ هڪ بهترين دوست آهي، جيڪڏهن مان ايئن چوان ته هن جي ڪارڻ

منهنجي حياتيءَ جون هي رونقون آهن ۽ هي منهنجي ڪاميابين ۾ هميشہ منهنجو ساٿي آهي تہ اها ڳالهہ ڪنهن بہ ريت غلط نہ ٿيندي.

توهان سمجهي ويا هوندئو تہ اهڙن احساسن کي لکڻ لاءِ تمام گهڻو سگهارو قلم گهرجي ، شايد مونکي تہ اهڙو قلم دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ مان نہ لڀي سگهندو ، جيڪو منهنجي احساسن کي ڪوري ڪاغذ جي ڪينواس تي اتارڻ ۾ مددگار ٿي سگهي، منهنجا احساس لکڻ واري گرفت ۾ اچڻ لاءِ تيار ناهن، بس اهي صرف محسوس ڪري سگهجن ٿا.

هتي جيڪڏهن آئون صرف وشال جي تعريف ئي ڪندم تہ پڙهندڙ سمجهندا شايد آئون ڪنهن ڪوجهي ميري جيون کي اجري ڪرڻ لاءِ رنگن جو سهارو وٺي رهي آهيان،پر جي وري گلائون ڪرڻ لڳندم تہ اهي ئي پڙهندڙ سوچيندا تہ پلا ڪائي عورت مڙس ويچاري جي پرڪارن تي ڪڏهن خوش ٿي آ جو مان خوش ٿيندم؟

مان هڪڙي ڳالهہ ايمانداريءَ سان چوندي هلان تہ اها سچي حقيقت آهي تہ هر انسان ۾ ڪجهہ خوبيون تہ ڪجهہ خاميون بہ ضرور هونديون آهن، پوءِ ڪنهن ۾ ڪجهہ خاميون وڌيڪ تہ ڪنهن ۾ ڪجهہ خوبيون خاصيون هونديو آهن. منهنجي خيال ۾ وشال ۾ وڏي ۾ وڏي خامي اها آهي تہ هُو حد کان وڌيڪ جذباتي آهي ، جڏهن تہ منجهس خوبيون ڪوڙ آهن جنکي بہ سندس اها هڪ خامي ڪڏهن ڪڏهن ڪوما ۾ اماڻي ڇڏيندي آهي. خير اڄڪلهہ منجهس ٿوري تبديلي نظر اچڻ لڳي آهي ، پوءِ ان جو ڪارڻ ڪهڙو بہ آهي ڪيس وري ڪو نئون نينهن لڳو آهي يا سندس محبوبا پنهنجي شاديءَ جي دعوت ڪيس ڪونہ ڏني آهي ۽ ان صدمي ۾ مونجهارو ٿي ويو آهي، سبب ڪهڙو بہ آهي پر هاڻي آهستي آهستي پنهنجي جذبات تي ڪنٽرول ڪرڻ لڳو آهي. مون محسوس ڪيو آهي تہ زماني جي محرومين هن کي پيار جو پياسو بڻائي ڇڏيو هو، هڪ بي انتها پيار هن کي هرپل ڪپندو هيو. مون محسوس ڪيو آهي هڪ اهڙو خال هن جي اندر ۾ هوندو هيو جيڪو پرجڻ جو نالو ئي نہ وٺندو هيو، پر هاڻي منجهس ڪافي فرق اچي ويو آهي، جڻ سندس اهو خال پرجڻ لڳو آهي، دعا اٿم تہ شل هي مڪمل ٿي وڃي، منجهس ڪو خال باقي نہ رهي ڇو جو هي هڪ هڏ ڏوکي انسان، انسانيت سان پيار ڪندڙ ، پيار جي حقيقت ۽ پوترتا کي سمجهڻ وارو، پيار ڪندڙ ماڻهن جو قدر ڪرڻ وارو

# وشال امير هڪ منفرد شاعر

بشير منگي

تخليق جڏهن زندگيءَ جي ڏکين تجربن مان گذري ٿي تڏهن ان جو اظهار اثرائتي نموني سان ڪندي شاعريءَ جو ويس پهري ٿي. وشال امير اسان جي ٿهيءَ جو خوبصورت شاعر آهي هن جي شاعريءَ ۾ زندگيءَ جي سيني اولڙن جا اندلني رنگ موجود آهن. سندس شاعريءَ ۾ زندگيءَ جون سيئي ڪيميسٽري ايڪوئيشنس موجود آهن، غزل ۾ غنائيت ۽ رومانوي آهنگ موجود اٿس، درد جون تيز لهرون ۽ خيالن جي جنبش قاريءَ جي ذهن کي ڇهندڙيون پائين ٿيون ، جيڪي اسان جي سماج ۾ عيب آهن، نقص آهن انهن جو به پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪليل اظهار ڪيو اٿائين:

ڪالهه ڪلاچي جا پنهنجي هُئي، اڄ ٿي ڏور ڏکي
مانگر ساڳيا، مورڙو ناهي، بندر ٿو جيءُ جهوري

يا

پيار جي ويريءَ جو پاسو نہ وَٺُ
تون رُسي مونکان ، سندس سنگم نہ ڪر

هُو جڏهن عورت جي ڪردار تي لکي ٿو تہ وڏي بيباڪيءَ سان ڀرپور لکي ٿو، عورت جي معصوميت واري ڪردار سان خوب نيائيندي نظر اچي ٿو. عورت جي سمورين خوبين ۽ خامين کي نروار ڪيو اٿائين. وڏي درد انگيز لفظن سان ڪيس پيٽا ڏني اٿائين.

"نظم ناچڻي"

هڪڙي عورت نچڻي بڻجي
چند روپين جي خاطر ساتي!
بگهڙن ٽولي منجهہ نچي ٿي
اُجلون ڏيئي پاڻ بچي ٿي

يا

"نامرد"

ڪيترا غليظ ذهن
حوس جي بک ۾ اچي
عورتن جو ماس چڪي
وسڪي جا گلاس لُبي

ٽشو پيپر وانگي پوءِ
پيار جون دعوائون سڀ
ڊسٽبن حوالي ڪن

ناچڻي ۽ نامرد نظر ۾ سماج تي وڏي ڪرب ۽ تنقيد ڪري ٿو. سوسائٽي ۾ اوباش ۽ بدڪردار ، مرد ڪردارن جي تصويرن ڪي پيٽ تي ٽنگي عام آڏو آڻي سنگسار ڪرڻ جي ڪلئي عام دعوت ڏئي ٿو اهو ئي سندس شاعريءَ جو اصل خمير آهي. وري عورت جي حسن لاجواب ۽ سادگيءَ بابت سندس اڇوتا خيال به ڏسو. هُو پنهنجي پريميڪا کي ڪيئن ٿو منفرد ڪري بيهاري، تڏهن ته شاعر پاڻ به منفرد ٿيندي منفرد ڪوتا سرجي آهي.

نه ڪا آ حور تو جهڙي
پري پي ڪانه ڪا اهڙي
صفا تون منفرد آهين

يا

ڏسڻ ۾ سانوري صورت
تون دل جي آرسيءَ ۾ پر
ڪا ديوي سونهن جي آهين
ڏسي چنڊ توکي شرمائي

غزل ۾ وشال پنهنجي ذات جي خوبصورتي سان نظر اچي ٿو. سندس غزل ۾ بياني انداز وڻندڙ آهي، پيار ڪرڻ جو، يادن کي سانڍڻ وارو ڪم شاعر خوب نڀايو آهي.

تنهنجا فوٽو، ڪتاب مون وٽ ڏس
سانديون نشانيون اڄ ڳٽيون آهن

يا

۽ منهنجي پيار جا سڀ رنگ رهيا ڏنڌلا بس
نه ڪا تصوير آ جُڙي ڪيڏا پي بُرچ ها ڏئي

درد جون انيڪ ڪيفيتون وشال جي خوبصورت شاعريءَ ۾ ملن ٿيون، حياتيءَ جي ڀيانڪ روين ، اميدن ۽ آسرن جي سيني احساسن تائين محبت واري مامري ۾ اذيتن کان عظيم رشتن ناتن جي لڳ لاڳاپن تائين هڪ وڏو ڪينواس وشال جوڙي رکيو آهي. جيڪو هن جي پرنور شاعريءَ مان جهلڪي رهيو آهي.

# هڪ فساديءَ جو لائيف اسڪيچ

انور سومرو

اها انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن خبرون اخبار حيدرآباد مان شايع ٿيندي هئي ۽ سندس اوج وارا ڏينهن هيا. خبرون جي ايڊيٽوريل پيج کي سنڌ جي هڪ ٻي وڏي اخبار جي مقابلي ۾ بيهارڻ لاءِ پنهنجي ٿهيءَ جي منفرد ليڪاري وشال امير کي خبرون ۾ آندو ويو هيو. هي پنهنجي طبيعت جي لحاظ کان شروعاتي ڏينهن ۾ ته ڪنهن کي سمجهه ۾ ئي نه پئي آيو، اچڻ شرط ايڊيٽوريل پيج تي مقرر پروف ريڊرن مان ٻن ٽن ڄڻن کي پهرين ٻن ٽن ڏينهن ۾ ئي فارغ ڪري ڇڏيو هئائين، ان ڪري ڪن ماڻهن ته ڪيس ڪڙوس جهڙي لقب سان به نوازيو هو. پر پوءِ آهستي آهستي خبر پئي ته هي پنهنجي ڪم سان ڪميٽيڊ ماڻهو آهي ۽ پروفيشن جي حوالي سان هن ايڊيٽوريل پيج کي بهتر بڻائڻ لاءِ اهو قدم کنيو هيو. هو جڏهن به اخباري دفتر ۾ پهچندو هيو ته يڪدم پنهنجي ڪم کي لڳي ويندو هيو ۽ تيستائين ڪنهن سان ڪونه ڳالهائيندو هيو جيستائين پنهنجو ڪم مڪمل نه ڪري وٺندو هيو. ڪم ڪار کان فارغ ٿي پيج جي پرنٽ ڪڍرائڻ پڄاڻان جڏهن دفتر کان ٻاهر نڪرندو هيو ته ان ويل مان به پنهنجو ڪم مڪمل ڪري چڪو هوندو هئم ۽ مان به دوستن کان موڪلائي ٻاهر نڪري ايندو هئم. ايئن اسان جي آفيس کان نڪرڻ بعد دعا سلام شروع ٿي جيڪا ويجهڙائيءَ کي پهتي ته خبر پئي، هي شخص دراصل انيڪ پيڙائن مان گذري، پڇي راس ٿي پنهنجي منزل تي پهتو آهي تنهن ڪري سندس ڪوشش هوندي آهي ته ساڻس سان گڏ ڪم ڪندڙ نوجوان پنهنجي ڪرت ۾ پڙ هجن.

سندس ويجهڙائي ۾ اچڻ سان خبر پئي ته هنجي شخصيت جا ڪيئي رخ ۽ پاسا آهن ، هو هڪ همدرد دوست ته آهي پر اڻجاڻ به ڪيس ڳهاٽي ڇانو وارو ڪو درخت سمجهي وٽس ڇانو وٺڻ ايندا هئا. حيدرآباد ۾ سندس نانءُ ڪنهن جهوني ٻڙ جي ڇانو جهڙو پاسندو هيو، سنڌ جي ڪيترن شهرن ۽ ڳوٺن جا نوجوان جڏهن سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهڻ لاءِ ايندا هيا يا ڪنهن ڪاتي ۾ انٽرويو ڏيڻ لاءِ ايندا هيا ته انهن جي ساهه پٽڻ جو پهريون نڪاڻو وشال امير جي آفيس جو ڪمرو يعني پي آءِ ڊي حيدرآباد جي آفيس هوندي هئي.

ڪجهه سنڌي نياڻيون به سندس گهر جون مهمان ٿي تيسين وٽن ترسي پيون هونديون هيون جيستائين ڪنهن ٻي بهتر رهائش جو بندوبست ڪن. هتي اها وضاحت ڪندو هلان ته ان عمل ۾ اسان جي ڀاڄائي تسليم سحر اسان جي دوست وشال امير جي اهڙي ساٿياڻي رهندي آئي آهي جنهن هر قدم سندس قدم سان گڏ اڳتي وڌايو آهي.

وشال امير جو لائيف اسڪيچ جيڪڏهن ڪنهن پني تي اتاربو ته هن جي جيون جا ڪجهه مختلف رنگ نظربا، هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ يتيمي جهڙا ڏينهن گهاريندي چڻا ۽ پڪوڙا وڪڻي رات جو ڏيئي جي وٽ ٻاري پڙهندڙ وشال امير جواني رت ڪي رسي سمورا خواب ڪنهن ڊسٽبن ۾ اڇلائي ڇڏيا هئا رڳو ان ڪارڻ ته هن کي پڙهائي ۾ اها مدد نه ملڻي هئي جنهن سان هُو ڊاڪٽر بڻجي سگهي ها، انڪري هن پڙهڻ تان ارواح ڪڄندي ئي ڪجهه ڏينهن اهڙا به گهاريا جن ۾ قومپرست سياست ۾ حصو ورتائين ۽ سنڌ جي وڏيرڪي ذهن سان اٽڪاءُ ۾ سامهون ٿي بيٺو، پر پوءِ ڪيس لکڻ جي سگهه ملي ۽ هن شاعريءَ ديوي جي گهاٽن وارن ۾ پناهه ورتي. ڏات ديوي وشال کي پنهنجي موهه ۾ اهڙو ته جڪڙي ورتو جو هُو هاڻي ٻيا سڀ ونڊ ۽ ونڊر ته ڇڏي ويو پر پنهنجي اندر جي ان فساديءَ کان پاڻ نه ڇڏائي سگهيو جيڪو فسادي سندس اندر ۾ ڪروڌ جا مچ مچائيندو رهندو هيو. پهريان هُو تر جي وڏيرڪن ذهنن خلاف هو هاڻي سماج ۾ ٿيندڙ هر برائيءَ تي هڪ بجو لڪٽيءَ جي صورت گهروڙي انهن ڪردارن کي ڏيڻ لڳو جيڪي سماج ۾ اڻ برابري ۽ ناانصافيون توڙي برايون پيدا ڪندڙ هئا.

وشال امير جي لکڻ جي حوالي سان هُو هڪ شاعر هجڻ سان گڏ بهترين ڪالم نگار به آهي ته هن ڪجهه ڪهاڻيون پڻ لکيون آهن. سندس ڪهاڻين جي حوالي سان ذڪر ڪبو ته اهي تقريبن اسان جي سماج ۾ بگاڙ جي صورت اختيار ڪيل ان مسئلي تي آهن جنهن ۾ ڪجهه نوجوان ناريون ۽ ٻي سمجهه نينگريون اڻڄاڻ ٿي پنهنجن عزتن کي وڃائي پوءِ هٿ ملڻ ۽ پڇتاءُ ڪرڻ تي مجبور ٿينديون آهن. وشال پنهنجي سڃاڻ ڪهاڻيڪار طور نه ڪرائي سگهيو آهي اها حقيقت آهي، پر سندس شاعر ۽ ڪالم نگار واري سڃاڻ کان ڪير به انڪاري نه ٿيندو. امير باغي جي نالي سان شاعري جي ڏيهه ۾ پير پائي وشال امير طور پنهنجي سڃاڻپ جوڙيندڙ هن شاعر ۽ ڪالم

نگار جا هن مهل تائين چار ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن جن ۾ ٽي شاعري جا مجموعا اٿس ۽ هڪ ڪالمن جو ڪتاب.

وشال امير جي پهرئين شعري ڪتاب "نشانا چپن جا" جو اگر جائزو وٺبو تہ اهو سندس غزلن جو پهريون مجموعو آهي جنهن ۾ سندس شاعريءَ ۾ نوان استعارا ۽ تشبيهون بہ نظربيون تہ انهيءَ ساڳئي مهل تي سندس پيار جي شدت ۽ احترام ڪي بہ محسوس ڪري سگهجي ٿو:

ڏامر رستي تي هن اڄ پيي ٿُ نهنجا پير چٽيل
تُنهنجي قدمن پويان رُلندو اڄ بہ رهان ٿو آنءُ

يا

هي جسمن جو آهي وڇوڙو روح تہ گڏ آهن
منهنجي من ۾ تُنهنجي تسبيح ، هرپل تنهنجي تات

يا

هي منهنجا شعر سڀ آهن ، تنهنجا ئي عڪس تصويرون
تون آهين جل پري سهڻي ، وشال ساگر ڪٺي پسجان

يا

تُنهنجي پيرن جي جا پٽي آهي
مونلئہ مقدس اها گهٽي آهي

هتي وشال جي بي انتها محبت ۽ عقيدت جا عڪس نمايان آهن، محسوس ٿئي ٿو تہ وشال جنهن حسينا کي چاهيو ۽ پيار ڪيو آهي انهيءَ کي هن ڪڏهن بہ وساريو نہ آهي نہ ئي هُو ان کي وسارڻ لاءِ تيار آهي، عاشقيءَ جو اهڙو مثال وشال جي شاعريءَ ۾ تہ برابر موجود آهي پر حقيقت ۾ بہ وشال ايئن ئي آهي، تڏهن تہ راڻي باغ ۾ ايندڙ حسينائون بہ ڪو چار وڇائي ڪيس پنهنجي موهہ ۾ جڪڙي نہ سگهيون ۽ وشال وڏي فخر سان چوڻ لڳي ٿو:

۽ راڻي باغ جي رونق نہ دل تي ڪو اثر ڇڏيو
ڪُتل هون ڳوٺ ۾ پاڙون شهر ۾ دل لڳي ناهي

وشال جي دل حيدرآباد ۾ شايد ڪونہ لڳي تڏهن ئي زندگيءَ جا يارنهن سال هتي گهارڻ باوجود بہ حيدرآباد کي بہ الوداع چئي هليو ويو آهي جو هتي سندس محبوبا جو ڪوبہ پاچو شايد ڪونهي.
وشال جيڪو محبت کي عبادت ٿو سمجهي اهو پيار نہ ڪندڙ ماڻهن لاءِ ڪجهہ هن طرح جا ويچار رکي ٿو:

پيار ڪان جي هن عاري ماڻهو
ڪينسر، ڪوڙهہ بيماري ماڻهو

وشال جي پهرئين ڪتاب "نشانا چپن جا" ۾ اجان بہ ڪوڙ سارا نوان استعارا ۽ تشبيهون ملنديون جن جو ذڪر ڪري سگهجي ٿو پر پاڻ هاڻي سندس ٻئي شعري مجموعي " ريشم جهڙا خواب " کي بہ ڏسي ٿا وٺون. سندس هن شعري مجموعي ۾ نظم ، آزاد نظم، وايون ۽ بيت وغيره شامل آهن جن بابت وشال خود رايو ڏيندي چوي ٿو تہ ڪيس سندس نظم وڌيڪ پيارا آهن . اهو شايد انڪري تہ نظم ۾ وشال پنهنجن جذبن جو اظهار آزاديءَ سان ٻي ڊپو ٿي ڪيو آهي. سندس نظم " حرامي ٻار، محبوبا ڏانهن، تارو، تحفو، مان آڊيوپس آهيان، فيصلو، ڪينسر، هل هلون ، تاج محل ، شاعري ، سهيڙ مونکي، الوداع، آخري نظم، بهارن کي چئجو، درد جي موسم" بهترين تخليقون آهن جن ۾ هن جي پيار جا پاڇا بہ آهن تہ سماج لاءِ سندس ڪوليل پنجن آڱرين جا نشان بہ.
وشال جي محبت جو محور رڳو ڪا هڪ حسينا ناهي پر هُو پنهنجي ديس سان بہ محبت ڪري ٿو ۽ سندس محبوبا سنڌ جي ڌرتي بہ آهي اهو راز سندس هن شعري مجموعي مان کلئي ريت ظاهر ٿي بيهي ٿو:

تون جا منهنجي سنڌڙي، تون ۾ منهنجو ساهہ
ها ها اهو چاهہ ، رهندو ڏينهن قيام تئين

يا

گيت کي گوليون ٻم، گيت ڪيئي رابيل
ماتر پومي هيل ، توکي ارپيون ٿو وجان

وشال ديس سان رڳو پيار نٿو ڪري پر هي امن جو شاعر به نظرجي ٿو تڏهن ته چوي ٿو:

قلم ڪڻي دوستو! امن لئه سوچيو
ذهنن ۾ پوکيو، پوکون رڳو پيار جون

وشال امير جو ٽيون شعري مجموعو " خوابن جي پنڌ ۾" آهي جنهن ۾ به غزل، نظم ، چوسٽا ۽ بيت وغيره شامل آهن، ان ڪتاب جو جائزو به وننداسين ته اهو ظاهر ٿيندو ته هي دوست جيون جي پيڙائن کي مسلسل ڀوڳڻ جي باوجود به ڪڏهن ٿڪيو ناهي ۽ مسلسل ان ڪوشش ۾ رهيو آهي ته نئين نسل کي به اهو اتساهه ڏيندو وڃي ته اهو جدوجهد جي پنڌ ۾ نااميد ۽ مايوس ڪڏهن به نه ٿئي. وشال هتي پڻ محبت جو سفير به نظرجي ٿو، تڏهن هُو پنهنجي پاران لکيل سٽن ۾ اعتراف ڪري ٿو:

"مون توکي دل جي سچاين سان چاهيو آهي. منهنجي لکڻين جو محور به تون آهين ته منهنجي جيئڻ جو مقصد به تون آهين.
تون چوندي آهين، مان شاعر آهيان، سونهن پرست آهيان. پيار پوڄاري آهيان. مڃيان ٿو تون سچ ٿي چئين منهنجي آڏو سونهن جو هڪ وڏو سنسار موجود آهي جنهن ۾ سوين حسين ڇوڪريون، پوپٽ رنگن، چنڊ جي چاندوڪي ۽ ٻين هزارين سونهن نظارن جي سونهن کي گهٽائيندي ۽ شرمائيندي نظرجن ٿيون، ۽ اهي حسينائون منهنجي نيڻن ۾ نينهن جو نشو به اوتينديون رهنديون آهن، پر يقين ڄاڻ ته انهن سمورين حسينائن جي سونهن ۽ هن سنسار جي سموري سندرتا جو حقيقي محور مون آڏو بس هڪ تون ئي آهين.
مون پيار جو واپار ڪڏهن به نه ڪيو آهي، مون جسمن مان سواد ماڻڻ لاءِ ڪڏهن به ناهي سوچيو، مان ته رڳو پيار کي مقدس عبادت سمجهي ، سونهن کي سجدا ڪندو رهيو آهيان، ۽ منهنجي خيال ۾ پيار ته هڪ عبادت آهي، جنهن ۾ مڪمل پاڪائي آهي ته پوءِ مان ڪوئي گناهه ته نٿو ڪريان؟، ها مان پيار پوڄاري ضرور آهيان پر مان گناهگار ناهيان نه تنهنجي آڏو نه ئي وري ڪائنات جي خلقڻهار خداءِ ذوالجلال آڏو.

سوچيان ٿو! جڏهن مان ڪو گناهه به نه ڪري رهيو آهيان ته پوءِ به آخر هي ڀوڳنا جي سزا ڇو پيو ڀوڳيان؟منهنجي وجود کي ويراڳن جا ڏينهن آخر ڇو ڏنگيندا رهيا آهن ازل کان وٺي؟ ڇو منهنجو وجود ڏکي رهيو آهي.“

وشال جي هنن سٽن پڙهڻ کانپوءِ الائي ڇو دل چوي ٿي سنڌس شاعري واري رخ کي وڏيڪ پرکڻ جي تڪليف مونکي هرگز نه ڪرڻ گهرجي ، هو هڪ منفرد شاعر آهي ۽ سنڌس شاعري بابت ٻين گهڻن دوستن به ڪوڙ لکيو آهي، مونکي هي نثر ۾ به منفرد نظر اچي ٿو ان لاءِ مان هاڻي سنڌس ڪالمن جي ڪتاب ” يادون ۽ عڪس“ طرف توهان کي وٺي هلڻ چاهيان ٿو.

وشال امير جو سياءُ سنڌس ڪالمن ۾ به نرالو ئي نظر اچي ٿو هي هڪ ئي وقت جڏهن ڪروڙي انسان ٻڌجي سماج کي جهڙوڪر پوندا ڏيکاري ٿو ته ساڳئي وقت سنڌس لکڻين ۾ طنز ۽ مزاح واري ڪيفيت به نظر اچي ٿي.

”خيرن سان نيڪ هڪ مهيني بعد نيون چوندون ٿيڻيون آهن، اسيمبلين ۾ پهچي نندون ڪرڻ ۽ ترقياتي اسڪيمن جي آڙ ۾ فنڊ وٺي ڳڙڪائڻ سميت وزير، مشير ٿيڻ جا خوبصورت خواب اکين ۾ سانديِ سنڌ جي ڪيترن ئي پيرن، ميرن ۽ وڏيرن ٽڪيٽون خريد ڪري توڙي آزاد اميدوار طور فارم ڀرائي پنهنجن پنهنجن تڪن ۾ چونڊ مهم دوران ڊاڙون ۽ نڪاءَ زور شور سان هڻڻ جي شروعات ڪري ڇڏي آهي، ووٽرن آڏو سنڌن ڳوٺن ۽ پاڙن ۾ سيئي بنيادي سهولتون مثلن بجلي، گئس، روڊ رستا، ڊرينيج سسٽم وغيره سميت تعليم ۽ صحت جون سموريون سهولتون فراهم ڪري ڏيڻ جا ڪوڙا واعدا ڪري ڪين سگهٽا دلاسا به ڏنا پيا وڃن ته بيروزگارن کي روزگار ڏنو ويندو جون دعوائون به ڪيون پيون وڃن ۽ انهن سيني سياسي دولابن ۾ ڦاسي عقل کان عاري سالن کان وٺي دهلن جي ڏڏڪي تي ڏمالون هڻندڙ عوام جا ڪيترائي افراد هڪ دفعو وري ساڳئي ڏمال هڻي پنهنجن ئي عزيزن پاران مخالف پارٽي جي حمايت ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ساڻن تعلقات ختم ڪرڻ جا اعلان پياڪن ۽ اهو هرگز به نٽا

سوچين تہ هيل تائين انهن ساڳين پارٽين پلا هن عوام سان کهڙيون چڱايون ڪيون آهن؟ جو هاڻي انهن مان ڪنهن چڱائي جي اميد رکجي؟" (ڪالم : اچو ته نئون سماج جوڙيون!)

وشال جو هي ڪالم اليڪشن جي پسمنظر ۾ آهي ۽ اليڪشن اسان جي ملڪ ۾ پلي ڪٽي هاڻي مقرر مدي تي پنجين سال ٿيندي آهي پر اليڪشن جي حالتن ۾ ڪوبہ ڦيرو نہ آيو آهي، وشال جن ڳالهين جو ذڪر ڪيترا سال اڳ ڪيو هو ساڳئي صورتحال ايندڙ چونڊن ۾ بہ نظر اچڻي آهي. وشال پنهنجي هن لکڻيءَ ذريعي اسان جي عوام کي سمجهہ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي الله ڪري هن قوم کي سمجهہ اچي.

"اوچتو ئي اوچتو الائي ڇا ٿي ويو، منظرن جا رنگ مٽجي ويا، جيئي ڀٽو جا نعرا روج راڙي ۾ بدلجي ويا، امن جي جهنڊي مٿان رت جا ڇنڊا ڪريا ۽ گل مرجهائجي ڀيلا ٿي ويا.

**ڇڻ نظر لڳي ويئي هن گهر جي بهارن کي،**
**ڪو نانگ سراپي ويو نت نينهن نظارن کي.**

نينهن جا نغارا اوسارا بڻجي ويا، شهيد پيءُ جي نياڻي جي شهادت واري خبر ٻڌڻ سان دماغ ۾ هوبهو اهڙا نڪاءَ ٻڌجي رهيا هئا جهڙا نڪاءَ شايد شهيد پيءُ جي شهادت ماڻيندڙ نياڻي تي هلندڙ گولين ۽ آپگهاتي حملن ۾ ڦاٽندڙ بم مان ٿيا هوندا. هر ماڻهوءَ جي اک آلي ٿي وئي، ڪنهن کي بہ يقين نہ ٿي آيو تہ ڪو ائين بہ ٿي سگهي ٿو پر اها حقيقت نيٺ هر ڪنهن کي مڃڻي پئي ماتم مچي ويو، اوسارن جا آواز گونجڻ لڳا.

**آڪاش ڏنو روئي ڇا ٿي ويو ستارن کي،**
**خاموش فضا ۾ ڪو کهائي ويو بهارن کي.**

موهن جي دڙي روئي رڙي آهون ۽ دانهون پئي ڪيون ۽ شهيد نياڻي جي بيگناهہ موت تي جڻ پٽائيءَ کي ميارون ٿي ڏنيون جن ميارن جو آواز اجا بہ گونجي ٿو." (ڪالم : توکان پوءِ ڪير اسانجي سپرين لهندو سار)

هن ڪالم ۾ وشال جيڪا منظرڪشي ڪئي آهي اها ڏاڍي نرالي آهي، ايئن لڳي ٿو جهڙوڪر اهو سڀ ڪجهہ هاڻي هاڻي اسان جي اکين آڏو ٿي رهيو آهي. وشال امير جو تعلق هن وقت ڪنهن بہ

سياسي تنظيم سان هرگز ڪونهي، هُو سياست کي فريب سمجهي ڌڪارڻ لڳو آهي پر سنڌ جي شهيد نياڻيءَ کي پيئنا ڏيڻ شايد پنهنجو فرض سمجهي ٿو يا سندس دل هن سانحي تي ايڏي جهري آهي جو هن هي ڪالم سرجي ورتو آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سندس دل ڏاڍي حساس آهي.

هاڻي سندس طنز ۽ مزاح واري لکڻين طرف ٿا اچون:

منهنجو هڪ دوست سچو سودائي سهڪندو سهڪندو اچي مون وٽ پهتو، چيائين، ”مون کي هڪ صلاح ڏي، مان هڪڙي روزاني اخبار جو مالڪ بڻجڻ ٿو چاهيان!“ چيومانس، توکي وري ڪنهن اها صلاح ڏني تہ وڃي لُنڊيءَ تي پير رک تہ ڦٿڪي مرين؟ !منهنجي ان ڳالهہ تي ڏاڍي منيان لڳس، ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ ڪاوڙ ۾ چيائين ”واقعي ئي تون آفريڪا جي جهنگلن مان ترڇي نڪتل شيدي نسل جي موڳي باقيات آهين، چٽ ڄاٽوڙي جا پٽ !مان هڪ بهترين ۽ عزت وارو پيشو اختيار ڪري ڏوڪڙ ڪمائڻ ٿو چاهيان ۽ تون آهين جو پنهنجي موڳائپ ۾ الوٽ ٿي الائي جي ساڙ منجهان سڙي پڇي مون کي چئين ٿو تہ مون کي ڪنهن لنڊيءَ تي پير رکڻ جي صلاح ڏني آهي؟!. هو ڪاوڙ ۾ اٿي واپس وڃڻ لڳو تہ هٿ کان پڪڙي زوريءَ ڪيس ويهاريندي چيم !ڪاوڙ جڏ مان پنهنجا چيل لفظ واپس ٿو وٺان، مون تہ مذاق پئي ڪئي.

چيائين اهڙي مذاق پنهنجي پڳ مٽ يار مجو موالي سان ڪرين تہ توکي سونهين ٿي، پر مان تنهنجو سڌو دوست ناهيان بلڪ مجو موالي‌ءَ معرفت تنهنجو دوست بڻيو آهيان، ان لاءِ تنهنجي مون سان مذاق سونهين ڪونہ ٿي، آئيندي لاءِ خيال رکندو ڪر. هونئن بہ وقت ۾ توکي پنهنجا ڪالم منهنجي اخبار ۾ ڇپرائڻ لاءِ مون کي ايلاز ڪرڻا پوندا. مون کي ڏاڍي حيرت ٿي تہ سچو سودائي هر وقت سودائن ۾ رهندو آهي، پر اڄ موئن جي دڙي جي کنڊرن جهڙي چهري تي خوشيءَ جا آثار سينگاري ٻهڪي رهيو آهي، آخر ماجرا ڪهڙي آهي؟ هن کي وري ڪٿان دولت جي ديگ هٿ آئي جو اخبار جو مالڪ بڻجڻ جو شوق جاڳيو اٿس؟!.

خير مون پنهنجي ان حيرت کي پنهنجي آفيس ٽيبل جي خاني ۾ رکڻ واري عمل کي بهتر سمجهندي، ان تي عمل ڪيو ۽ سچو سودائي لاءِ چانهہ جو چئي ڪانئس پڇيم ڪهڙي صلاح ڪرڻي اٿئي؟ چيائين اخبار جو نالو حتمي ڪري ڏي، ٻيو تہ اهو جانچي ڏي تہ اها اخبار اڳ ۾ تہ ڪٿان نٽي شايع ٿئي. پوءِ هن ڏاڍي فخر سان نالا ڳڻڻ شروع ڪيا. (1) روزاني گدو ٽائيمز (2) روزاني چادر (3) روزاني پٽڪا ڏوڙ“. ( ڪالم :

سچو سودائي جو شوق)
يا وري هن لکڻيءَ ۾ ڏسون:

”ڪجھ ماڻھو مون کي اديب ۽ ڪجھ عجيب سمجھندا آھن، پر منھنجو خيال آ نہ تہ مون ۾ اديب ھجڻ واري خاصيت آھي ۽ نہ وري مان عجيب آھيان. منھنجي خيال ۾ اديب جو ڪردار بي داغ ھجڻ گھرجي، ڇو تہ اديب معاشرن لاءِ پيغامبر وارو ڪردار ادا ڪندا آھن ۽ جڏھن تہ مان بي داغ ناھيان مان سڄو سارو ائين داغدار آھيان، جيئن ماتا جا نشان ھجنم. ٻيو تہ وري نہ ئي مون کي ڪو نالي چڙھيل ۽ نالي لاءِ مرندڙ اديبن وانگر اديب سڏائڻ ۾ خوشي محسوس ٿيندي آھي ۽ نہ ئي مون کي ڪو شوق آھي تہ مان اديب يا شاعر سڃاتو وڃان، تہ پوءِ مان اديب تہ ھرگز بہ ناھيان. ان لاءِ واضح ڪندو ھلان تہ بابا! مون کي اديب سمجھڻ واري غلطي نہ ڪئي وڃي، مان اديب، شاعر ھرگز بہ ناھيان، مون جھڙن لٺ ٻڇي مس مان ٻوڙي ليڪا پائڻ وارن کي جيڪڏھن توھان اديب جو خطاب ڏيندئو تہ پوءِ ڏچي ۾ بہ توھان پاڻ پوندئو. توھان جي ادبي تاريخ شڪل مٽائي ويندي، اصل سڃاڻپندي ئي ڪونہ. باقي مان عجيب بہ ان لاءِ ناھيان جو مون کي بہ بہ اکيون، بہ ڪن ۽ ھڪڙو وات، ھڪڙو نڪ آھي، منھنجو نڪ لوسڻ جو ناھي نہ ئي پلاسٽڪ جو آ، منھنجي وات مان پِلي ڪٽي بصرن جي ڏپ بہ ايندي ھجي پر خون جي ڏپ ناھي ايندي، منھنجا بہ ھٿ آھن ۽ بہ پير آھن ۽ مون کي مٿي تي سڱ بہ ڪونھن جو جنُ لڳندو ھجان تہ پوءِ مان عجيب ڪيئن ٿيم؟

ھاڻي تہ توھان کي پڪ ٿي ھوندي تہ مان عجيب بہ ناھيان ۽ ماڻھو ھرويرو مون کي الائي جي ڇا سمجھي مٿي تي ڪٽندا آھن. ڪي ماڻھو منھنجي ڪاري رنگ کي ڏسي اھو سمجھندا آھن تہ شايد مان آفريڪي شيدين جي سرداري خاندان جو ڀڳدار ھوندم ۽ ڪي وري سمجھندا آھن تہ آمريڪي پرڏيھي معاملن واري وزير ڪونڊو ليزا رائيس سان منھنجي ڪاري رنگ جي سبب منھنجا سنا واسطا آھن. ڪونڊوليزا رائيس سان ھوڻئن تہ منھنجو ڪوبہ تعلق ناھي پر مون کي شيدي نسل جي ان عورت سان فرينڊشپ رکڻ جي مڙئي ٿوري خواھش ان لاءِ آھي تہ ان سان جاڻ سڃاڻ سبب اھو بہ ممڪن آھي تہ سندس سفارش تي مان گڏيل قومن جو سيڪريٽري جنرل ٿي وڃان ۽ اھو بہ ممڪن آ تہ دنيا جي ڪنھن ملڪ تي

وري ائٽمي هٿيار ناهڻ جو الزام مڙهي ان کي ائٽمي طاقت نه ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ مون کي ڪا اهم ذميواري ڏني وڃي ته پوءِ منهنجي هٿن پيرن جون سيئي آڱريون گيهه ۾ هونديون ۽ انهيءَ ملڪ جي معيشت جا ذريعا آمريڪا سميت منهنجي ٻه بئنڪ اڪائونٽ کي وڌائڻ ويجهائڻ جو سبب بڻبا. (ڪالم : منشيات خلاف عالمي ڏينهن ۽ مجو موالي!)

وشال وٽ لکڻ جو بلڪل هڪ نرالو ڍانءُ آهي سندس ڪجهه ڪالم ته ايڏا پراثر ۽ حيرت انگيز هئا جن ۾ " اڇو ته تاج محل وڪٽي ماڻهپو خريد ڪيون " وسارڻ جهڙو هرگز ناهي يا وري " سچ گرهڻ ، چنڊ گرهڻ" سندس اهڙو ڪالم آهي جيڪو جڏهن ڇپيو هئو ته سندس پڙهندڙن ۽ دوستن ۾ بائيتال مچائي ورتو هئائين.
وشال امير سان منهنجو تعلق هڪ ليکڪ يا شاعر ناتي هجڻ کان الڳ دوستاڻو وڌيڪ آهي منهنجون ساڻس سان جيڪي يادون سلهاڙيل آهن انهن جو ذڪر ڪرڻ به لازمي سمجهان ٿو.
اسان دوستيءَ جي ڳنڍ ۾ روزاني خبرون ۾ ڪم ڪرڻ دوران ڳنڍيا هئاسين جتي جون به ڪجهه نراليون يادون آهن، جن جو ذڪر هتي ڪبو هلبو.
روزاني خبرون جي آفيس ۾ هڪ ڏينهن سخت گرمي سبب وشال هڪ بوتل ۾ وسڪي جهڙي مشابهت واري رنگ جو شربت نهرائي کڻي آيو هئو ۽ مون، وشال ۽ ساجد اهو گڏجي پيتو هئو، جنهن تي اسان سان ساڙ رکندڙن اها ڳالهه هُلائي ڇڏي هئي ته هنن آفيس ۾ شراب پيتو آهي. ايڊيٽر صابر فياض، وشال ۽ اسان کي گهرائي وضاحت گهري هئي ته وشال جواب ۾ چيو هئس اڄ صبر ڪيو سڀاڻي پنهنجي ڪمپنيءَ ۾ توهان کي به شامل ڪنداسين. جنهن تي سيني کان ٽهڪ نڪري ويا هئا ۽ ايڊيٽر صابر فياض وڏو ٽهڪ ڏيندي چيو هو، ها ان شرارت ۾ مونکي ضرور شامل ڪجو، مان سمجهي ويم اهو شربت هو".
خبرون ۾ ساجد سنڌي، ساجد چانڊيو، اعجاز ابڙو، وشال ، سرمد سهارڻ ، حنيف پنگر ۽ اسان جو جوڙ هوندو هئو ڪيترن ئي پروف ريڊرن توڙي سب ايڊيٽرن کي تنگ ڪندا هئاسين. پريم نالي هڪ پروف ريڊر هئو جيڪو ڳالهه ڳالهه تي الله پاڪ جا قسم کڻندو هئو. جنهن تي وشال کيس تنگ ڪندو هئو ته سندس مائٽن کي ٻڌايون ٿا

تہ پريم مسلمان ٿي ويو اٿو، پلي آزمائي ڏسو جيئري باھ ڏني ڏسوس، مسلمان ٿي ويو آ ، انلاءِ باھ ڪونہ لڳندس. وشال جي ڳالھ تي پريم ويچارو پريشان ٿي ويندو هئو ۽ چوندو هئو الله جو قسم آ مان مسلمان نہ ٿيو آهيان، مونکي هرپرو ساڙائڻ جي ڪڍ ڇو پيا آهيو؟

خبرون ۾ ڪم ڪندڙ عملي جا ڪافي دوست وشال جي عزت ڪندا هئا ايتري تائين جو هڪ ڪمپيوٽر آپريٽر عبدالحميد لغاري تہ ان ڏينهن اکين مان ڳوڙها ڳاڙي رنو هئو جڏهن وشال خبرون کي الوداع چيو هو ۽ اڄ بہ اهو دوست وشال سان رابطي ۾ آهي جيڪو ڪيس وڏو ڀاءُ سمجهي سندس عزت ڪندو آهي.

خبرون اخبار کي ڇڏڻ کان پوءِ اسان يعني مون، طارق ڪورائي ۽ وشال گڏجي روزاني واڪا آڻڻ جو پلان جوڙيو هو ۽ ان پلان کي عملي جامون پهرائيندي اسان گڏجي اخبار آندي . جنهن ۾ طئي ڪندي اسان واعدو ڪيو هو تہ اخبار کي عوام جو آواز بڻائي ايوانن تائين پهچائينداسين، اسان جي هي ٽن دوستن واري ياري، ياري نہ پر ياٽري هئي جيڪا اڄ بہ قائم آهي ۽ اڳتي بہ قائم رهندي، ڪلھ بہ روزاني واڪا اسان جي خوابن جو محور ۽ خوابن جي ساڀيان هئي تہ اڄ بہ آهي. طارق ، وشال ۽ مون ۾ ڪا وڇوٽي ناهي اسان اڄ بہ گڏ آهيون.

هن کان علاوه بہ اسان چار ٻيا دوست بہ دوستيءَ جي ڳنڍ ۾ ٻڌل هئاسين هڪڙو جاويد جوکيو، ساجد سنڌي ، وشال امير ۽ مان يعني انور سومرو. اهي ڏينهن اڄ بہ مونکي ياد آهن جڏهن خبرون جي آفيس مان نڪربو هو ۽ بدين اسٽاپ تي هڪڙي هوٽل تي ويهي ڪڙهائي گوشت، ماني ۽ سنڌڙي انبن سان گڏ چانور کائيندا هئاسين، وري مٽان لسيءَ جا گلاس پي پُر تي اٿبو هو. ڪچهري جو موضوع ادب تہ هوندو هئو پر سنڌ جي سماجي مسئلن تي بہ خوب ڳالهيون ٿينديون هيون. اسان جو پيارو دوست جاويد جوکيو ڪڏهن ڪڏهن اوچتو فون ڪندو هئو تہ مونکي ڏاڍي سڪ لڳي آ توهان سان ياڪر پائڻ لاءِ اچان پيو، ٽئڪسي ڪرائي تي ڪرائي آ. بس ياڪر پائي وري واپس موٽندم. سندس پهچڻ تي اسان جو ضد هوندو هئس تہ نہ هاڻي ترسي پئہ. پوءِ ڪڏهن هُو اسان جي ڳالھ مڃيندو هئو تہ ڪڏهن اسان کي

سندس ڳالهہ مجي ڪيس چڏڻو پوندو هئو جو ٽيڪسي وارو ضد ڪندو هئو تہ مون مان هٽ ڪيو پوءِ پلي صاحب هتي رهي.
جاويد، ساجد ۽ وشال تي مونکي اڪثر ڏاڍي ڪل اينديءَ هئي تہ هي ايڏا رول آهن مون واريون پاڃائيون تہ پڪ سان هر وقت مٿن ڪاوڙيل هونديون. انلاءِ چوندو هئومان تہ هڪ گڏجاڻي انهن ويچارين جي بہ رکو تہ خوب توهان جي گلا ڪن. جنهن تي ٽئي چوندا هئا تون موڙ بڌ پاءُ ڪي ميندي هٽڻ لاءِ ايندیون تہ ٽئي پاڻهي گڏبيون ، پوءِ تنهنجي شادي جا سهرا ڳائن يا اسان جا واڄٽ وڄائين منهن تون ڏجانءِ.
وشال امير جي حيدرآباد ۾ گهاريل آخري ڏهاڙن ۾ جڏهن سندس فئملي ڳوٺ جا وڻ وڃي وسايا هئا تہ اسان گڏجي رهڻ لڳا هئاسين پوءِ تہ وشال جي رولاڪ طبيعت جي ڪري جي او آر ڪالوني ڪان حيدر چوڪ ۽ حيدر چوڪ ڪان جي او آر ڪالوني جا رستا پنڌ لتاڙبا هئا، جيڪڏهن ٽڪجڻ جي ڳالهہ ڪبي هئي تہ وري ڊاڪٽر ظفر عباسي سان ملڻ لاءِ نسيم نگر ياترا جو حڪم ملندو هئو ۽ اوڏانهن ويندي رستي ۾ سنڌ جي بيباڪ ليکڪ آغا قيوم لالي سان بہ سلام دعا ٿي ويندي هئي.
وشال جي شخصيت ۾ مونکي الائي ڇو هڪ موهہ لڪيل محسوس ٿيندو آهي، خاص طور صنف نازڪ تي سندس ڳجهو طلسم مونکي اثرائتو محسوس ٿيندوآهي. مون ڏٺو آهي تہ سنڌي توڙي اردو ادب سان لاڳاپيل ليکڪائن وٽ وشال جي گهڻي عزت ۽ احترام جڙيل آهي اهو يقينن سندس اخلاق جو اثر آهي ، وشال جي اخلاقن ڪان تہ انڪاري ٿيڻ ممڪن ڪونهي پر سندس لڪيل موهہ ڪان بہ اڪ نٽي ڦيرائي سگهجي ،ياد ٿو اچيم تہ هڪ ڏينهن سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ حيدرآباد وٽان گذرندي هڪ نوجوان نينگريءَ جي هٿن مان گلدستو ڇڏائجي ويو هئو جو وشال سندس پرمان گذرندي اسان ڪي چيو هو "گلن پٺي گلن ڏي نهاريو پرين".
وشال امير ڪي بين گهڻن اديبن جيان سگريٽ ڇڪڻ يا شراب نوشي ڪرڻ جو ڪوبہ شوق يا هير ناهي، بس ڪيس هڪڙو ئي نشو ڪرڻ جو شوق آهي جيڪو آهي مطالعو ۽ مطالعي جي نشي ۾ اهڙو تہ گم ٿي ويندو آهي جو دنيا جهان ۾ ئي جهڙوڪر نہ هوندو آهي.

## امر جليل جي ڪهاڻين جو ڪردار

ساجد زخمي چانديو

وشال امير پنهنجي نالي جيان پاڻ ۾ وشالتا رکندڙ شخص آهي، اجائي "مان" کان پري رهندڙ اسان جو هي ڏوست جديد دور جو "صوفي" لڳندو اٿم، "انڪساري" ۽ "عاجزي" ئي سندس "وڏي" ماڻهو هجڻ جو ثبوت آهي. وشال سان منهنجي ملاقات ان دور ۾ ٿي، جڏهن بيروزگاريءَ جو بار ڪلهن تي کڻي پيا هلندا هئاسون، ان دوران ڳوٺ جي وٽن کي الوداع چئي حيدرآباد جي هوائن ۾ پناهه ورتي هئي، اها ڪهڙي خبر تہ عارضي پناهه وٺندڙ شخص کي حيدرآباد هميشہ لاءِ پنهنجو ڪري ڇڏيندي ۽ پنهنجو جيئڻ مرڻ بہ حيدرآباد سان ئي ٿي ويندو.

وشال امير سان منهنجي پهرين ملاقات روزاني "خبرون" اخبار جي هيڊ آفيس حيدرآباد ۾ ٿي هئي، توڙي جو هڪ دوست سان گڏ حيدرآباد گهمڻ لاءِ آيو هيس، پر ساجد سنڌيءَ اخبار جي ايڊيٽر صابر فياض سان ملرائي خبرون اخبار ۾ پاڻ سان گڏ رکرائي ڇڏيو ان وقت وشال امير ايڊيٽوريل پيج انچارج ۽ ساجد ايڊيشن انچارج هو مونکي پنهيءَ سان گڏ ڪم ڪرڻ جون ذميواريون ڏنيون ويون، اخبار ۾ منهنجو پهريون پهريون تجربو هو اخبارن ۽ رسالن ۾ لکيو ضرور هو پر اخبار نهندي ڪيئن آهي، ڪهڙن ڪهڙن مرحلن مان گذرندي آهي، ان کان اڳ ڪو احساس ئي نہ هو ڪجهہ ڏهاڙا وشال تہ صفا ڏني وٺندو ئي نہ هو دل چوندي هئي تہ اخبار وارن کي بہ ڳولهي هي ماڻهو مليو هو؟ شايد ڪم جي احساس جي خبر نہ هيم، وشال جي ذميوارين ۾ ايڊيٽوريل لکڻ ۽ ليڊ آرٽيڪل پڙهڻ ۽ پروف ڪرڻ هو آرٽيڪلن جي چونڊ ۽ پيج ميڪنگ بہ پاڻ ڪرائيندو هو باقي آرٽيڪل پڙهڻ، پروف ڪرڻ ۽ "اظهار جي آزادي" جي سري سان هلندڙ خطن جو سلسلو بہ مون وٽ هوندو هو ان وقت ۾ امر جليل کان

وشال امير "نئين زندگي" ۾ ايڊيٽر هجڻ دوران رسالي ۾ هڪ نئون روح ڦوڪيو رسالي ۾ معياري مواد شايع ڪرڻ کان وينديءَ ڪيترن ئي نون اديبن کي متعارف ڪرايو پر وفاقي سرڪار ان رسالي کي هٿي ڏيڻ بدران مورڳو ئي ان کي بند ڪري ڇڏيو رسالي جي بند ٿيڻ تي نہ ڪتان دانهن اڀري، نہ ڪائي ڪوڪ! رسالو ائين بند ٿي ويو ڄڻ ڪڏهن نڪتو ئي نہ هو... وشال جي نوڪري ئي پي آءِ ڊي ۾ هئي، ڪيس ڪنهن ٻئي سيڪشن ۾ بدلي ڪري مقرر ڪيو ويو. پر سندس حيدرآباد تان اهڙي تہ دل ڪٽي ٿي وئي جو وڃي خيرپور وسايائين.

وشال

امر جليل جي ڪهاڻين جو ڪردار ئي لڳندو آهي.



شهرين ڪي عيد گڏجاڻي ۽ مشاعري ۾ گهرائي شاعرن ۽ اديبن سان سندن ويجهڙائي پيدا ڪرڻ جي شروعات ٿي.

سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪولاب جيئل جو هوندئن ته هر ميمبر جاڪوڙي رهندو آيو آهي پر هڪ ڪردار سيني کان وڌيڪ جيڪو اڳرو نظرجندو آيو آهي اهو وشال امير آهي، سندس ڪاوشون ايتري قدر اڳريون آهن جو هن سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪولاب جيئل جون دستوري گڏجاڻيون ۽ ادبي ڪلاس هلائڻ لاءِ پنهنجي گهر جو هڪڙو ڪمرو وقف ڪري ڏنو هيو ۽ پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ فردن ۾ مجتا ايوارڊ ورهائي سنگت ڪي پوري علائقي ۾ مانُ ڏياريو.

وشال امير جو تعلق جيتوڻيڪ نهايت ئي غريب گهراڻي سان هُيو ۽ هن ڏاڍا اٽانگا ڏينهن پئي گهاريا پر پوئتي هٽي هُن ڪڏهن به نه ڏنو ۽ جاڪوڙ جاري رکي، تان جو ڪيس 2000ع ۾ سنڌ جي هڪ وڏو مقام رکندڙ ادبي رسالي ماهوار نئين زندگي جو ايڊيٽر ٿيڻ جو شرف مليو. هاڻي ته وشال سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪولاب جيئل کان بظاهر پري ٿي ويو پر هُن پنهنجو تعلق نه پنهنجي ڳوٺ سان ڪٽيو نه ئي هتان جي سنگت سان، پر ويتر هن اجا وڌيڪ جاڪوڙي ڪم ڪندي پنهنجي وچڙي ويل پُٽ علي راول جي نالي سان راول لٽرري اينڊ ايجوڪيشنل سوسائٽي سنڌ قائم ڪندي مونکي به ان ۾ ساڻ ڪٽي جنرل سيڪريٽري جي عهدي تي باربار پئي چونڊرايو. ان دوران اسان ڪافي دوستن کي عملي ميدان ۾ تيار ڪري وشال امير اهو قدم به کنيو جو سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪولاب جيئل ۾ سينئر دوستن کي راضي ڪيو ويو ته هاڻي هنن نون دوستن کي سنگت جا ڪم هلائڻ لاءِ واڳون سندن حوالي به ڪيون وڃن. پوءِ اهڙي ريت اسان ڪجهه نوجوان دوستن کي به سرگرميون ڏيکاري پاڻ مڃائڻ جو موقعو مليو.

مان به ڪيترا ڀيرا ان بعد سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪولاب جيئل جو سيڪريٽري بڻجندو رهيو آهيان ۽ مونکي اڄ تائين جڏهن به سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪولاب جيئل جو سيڪريٽري ٿيڻ جو موقعو مليو آهي ته هن دوست مونسان ڀرپور سهڪار ڪندي مونکي بهترين پروگرام ڪرائڻ جون نه رڳو صلاحون ڏنيون آهن پر انهن پروگرامن تي ايندڙ خرچ لاءِ به ڪنهنجي آڏو وجي ٻيهي چندو گهرڻ جي زحمتن کان به هميشه بچايو آهي . مونکي ياد آهي منهنجي سيڪريٽري شپ

دوران ڪولاب جيئل جي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو ادبي پرگرام غني پبلڪ اسڪول ۾ ٿيو هو جنهن ۾ اسان سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪولاب جيئل، راول لٽرري اينڊ ايجوڪيشنل سوسائٽي سنڌ ۽ غني پبلڪ اسڪول جي گڏيل پليٽ فارم تان 50 کان متي ايوارڊ ۽ 100 کن ميڊل ورهايا هئا. منهنجي سيڪريٽري شپ دوران اسان پنهنجي وڇڙي ويل دوست خادم آءِ بي ملاح جي ياد ۾ پروگرام ترتيب ڏئي 10 کن ايوارڊ ورهايا هئا ۽ اهڙا ڪي ٻيا بہ پروگرام ڪولاب جيئل توڙي پرپاسي جي رهواسين جي ذهنن تي عڪس ٿيل هوندا جيڪي منهنجي سيڪريٽري هجڻ دوران سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪولاب جيئل ۽ راول لٽرري اينڊ ايجوڪيشنل سوسائٽي سنڌ جي پليٽ فارم تان منهنجي هن پياري دوست وشال امير جي سهڪار سان ملهائجي سگهيا آهن.

منهنجو هي دوست وشال امير جاڪوڙي ڪردار جو مالڪ هجڻ سان گڏ هڪ سُنو شاعر ۽ نثر نويس آهي سندس چار ڪتاب "نشانا چپن جا (شاعري)"، "ريشم جهڙا خواب (شاعري)" ، " يادون ۽ عڪس (ڪالم)" ۽ "خوابن جي پنڌ ۾ (شاعري)" ڇپيل آهن. سندس شاعريءَ جو اسلوب الڳ قسم جو آهي. هن جي شاعريءَ ۾ اردو غزلن جي شاعرن واري انوکي ادا سمايل آهي، تڏهن ئي هُو شايد پنهنجي تخليقن کي الائي ڇو جديد شاعرن وانگر ماڻ ماپ واري قيد ۾ قيد ڪرڻ نٿو چاهي.

وشال امير جنهن غربت جي دور مان گذريو آهي اگر اهڙي دور مان گذرندي اڄ جو ڪو نوجوان اهي تڪليفون، ڏک ڏاکڙا ڏسي ها تہ شايد زندگيءَ کان مايوس ٿي جيون جو انت آڻي ڇڏي ها.پر وشال امير ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿيو، هن هر ڏک کي مڙس ماڻهوءَ جيان منهن ڏنو، هن پنهنجي سوچ ۽ فڪر ۾ هميشہ نيڪ نيتي رکي ۽ غربت جي دور کان خوشحالي واري دور تائين يڪسان ئي نظر ايندو رهي ٿو. هن جي چوطرف نج ادبي ماحول رهيو آهي. هن جي شاعريءَ بابت حبيب ساجد لکيو آهي تہ وشال امير ويڪري منهن تي مرڪندڙ ٻن چپن ۽ شيشي جي اکيا ڙي پويان ذهانت وچان گهوريندڙ ڪمپيوٽر جهڙو دماغ ۽ ايل سي ڊي جهڙو چهرو رکندڙ انسان آهي. وشال جي قلم ۾ سگهہ تمام پختي آهي.

پيار ۾ مان بہ آهيان اناڙي مني

پيار ۾ تون بہ آهين لڄاڙي مني
آءٌ راٺي جيان روز پٺڪڻ اچان
نيڻ تنهنجا شهر ڪاڪ ماڙي مني

محبوب جي نيڻن کي مومل جو شهر ڪاڪ سمجهندڙ وشال امير الائي ڪنهن جي نيڻن ۾ گم تہ ٿي ويو آهي پر سندس محبت جي عظمت ڪجھ نرالي آهي جو ڪنهن نظم ۾ هيئن بہ اقرار ڪيو اٿائين:

محبت ڪو جسمن جو سودو تہ ناهي
محبت تہ روحن جو ميلاپ آ
انلاءِ سائڻ تون قرآن آهين
۽ منهنجو مڪمل تون تون ايمان آهين

شاعري جو تعلق شاعر جي بيروني ۽ اندروني ڪيفيتن جي مشاهدي سان ٿئي ٿو. شاعريءَ لاءِ وسيع مطالعو ۽ قدرتي رنگن جو مشاهدو پڻ ضروري آهي، وشال امير جو شاعراڻو مشاهدو ۽ مطالعو اهو ثابت ڪري ٿو تہ وشال هڪ سني فڪر جي شاعري سرجي ٿو.

وشال امير جي زندگيءَ جو هڪ رخ اهو بہ آهي تہ هُو نئين زندگي رسالي ۾ توڙي خبرون اخبار جي ايڊيٽوريل پيج تي ڪم ڪندي سُٺي ايڊيٽر طور بہ پاڻ مڃائي چڪو آهي پر مونکي سندس انهن ٻين سيني پهلوئن کان وڌيڪ جيڪو پهلو وڻندو آهي اهو سندس دوستيءَ ۾ سچائيءَ جو پهلو آهي، هُو يارن جو يار آهي، وقت تي ڪم ايندڙ آهي، دوستن کي رستا ناهي ڏيندڙ سچو دوست آهي. وشال امير توڙي جو اڄ ڪيڏي بہ مرتبي تي پهچي ويو آهي پر سندس طبيعت اڄ بہ ساڳئي آهي يارن جو يار، جاڪوڙي، سچو دوست ۽ سيني جو همدرد. مونکي سندس دوستيءَ تي فخر آهي سندس سان دوستيءَ مان مونکي اديبن سان ويهڻ جي فضيلت سمجھ ۾ اچي وئي آهي.

آخر ۾ دوست وشال امير کي خواجہ ذوالفقار جي لفظن ۾ پيئتا تہ :

اُپ ڏي اُڏامون ساري سوچ ڪمال
جاڻان تو پرين هُن جي دل جو حال
منهنجو دوست وشال مرڪي شل هرمند ۾

# وشال امير جي ڪاميابين جو سفر

ثمينہ وقار (ڊائريڪٽر جنرل اي پي ونگ) اسلام آباد
منسٽري آف انفارميشن، براڊڪاسٽنگ اينڊ هسٽاريڪل هيريٽيج، حڪومت پاڪستان

ڪڏهن ڪڏهن ماضيءَ کي سارينديءَ يادگيرين جي ريشمي ٿان کي کولي ڏسبو آهي ۽ ماضي جي اولڙن مان لطف اندوز بہ ٿيبو آهي تہ پنهنجي منهن ڪلي بہ ويهبو آهي، منهنجي جيون يادن ۾ ڪجهہ ڪٿيون منيون يادگيريون ضرور آهن، جيڪي پنهنجي حساب سان مونلاءِ هڪ تاريخ جي حيثيت رکن ٿيون. منهنجي جيون جا ڪيترائي ورهيہ حيدرآباد جي ٿڏڙين هوائن ۾ گهاريندي گذريا آهن، مون هتان کان ئي پنهنجي نوڪريءَ جو آغاز ڪيو ۽ نوڪريءَ دوران الله پاڪ جا مونتي لکين احسان تہ منهنجي ذات مان ڪنهنکي بہ ڪوبہ نقصان نہ رسيو. البتہ مون هميشہ ڪوشش ڪئي تہ غريبن مسڪينن جي همراهي ۽ مدد ڪجي. مونکي ياد ٿو اچي ريجنل آفيس پي آءِ ڊي حيدرآباد مان ماهوار نئين زندگي رسالو نڪرندو هئو جنهن جي چيف ايڊيٽر هجڻ جو مونکي بہ اعزاز حاصل آهي. ان رسالي لاءِ جوائنٽ ايڊيٽر جي پوسٽ تي انٽرويوز ورتا پئي ويا، مونسان گڏ انٽرويو ڪميٽيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو اديب ۽ ٻولي ماهر ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو ۽ ٻيا ڪجهہ آفيس جا فرد شامل هئا، ڪافي نالي وارا ليکڪ انٽرويو ڏيڻ لاءِ ايندڙن ۾ شامل هئا، جن مان هڪ نوجوان بنهہ ڳوناٺو ۽ سادو هيو، پر جڏهن ڪانئس انٽرويو جو آغاز ڪيوسين تہ منجهس ڪافي مٺيا نظر آئي. ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو تہ ڪيس ايترو بہ چيو تہ تون سنڌ يونيورسٽي ۾ ليڪچرشپ لاءِ اپلاءِ ڪر باقي منهنجي ذميواري آهي تہ مان توکي اتي نوڪري بہ ڏياريندم ۽ توکي اڳتي پڙهائي پي ايچ ڊي بہ ڪرائيندم. جڏهن انٽرويوز جا نتيجا اخذ ڪيا ويا تہ اتفاق سان اهو ئي نوجوان جوائنٽ ايڊيٽر طور سليڪٽ ٿيو، مونکي خوشي ٿي تہ هڪ اهڙو نوجوان سليڪٽ ڪيو ويو جنهن وٽ خدا پاڪ ڪانسواءِ ڪنهن جي بہ سفارش ڪونہ هئي

اهو نوجوان وشال امير جڏهن جوائننگ لاءِ آيو تہ مونکي هڪڙو اهو بہ احساس ٿيڻ لڳو تہ جيڪڏهن هن جي رهنمائي ڪئي ويئي تہ يقينن هي ترقي ڪندو اهڙي منزل يا مٿاهينءَ تي پڄندو جيڪا منزل سندس

ڪاميابين تي رشڪ ڪرڻ لاءِ انهن ٻين نوجوانن لاءِ آئينو هوندي جيڪي ٻه سنڌس جهڙا آهن ۽ اسان جي سماج ۾ رهن ٿا.

يقينن مون وشال امير کي پنهنجي پروفيشن ۾ محنت ڪندي ڏٺو ۽ هن منهنجي اعتماد تي پورو لهندي مونکي يقين ڏياريو ته مون جيڪو سوچيو هيو جيڪا مون پنهنجي پرک واري اک سان سنڌس جانچ ڪئي هئي، منهنجو اهو تجربو غلط ثابت ڪونه ٿيو آهي. وشال امير پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻ ناهي ورتي آهي، ٻُڌو آهي سنڌس چار ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، جيڪي وڪرو ٻه ٿي چڪا آهن ۽ هي سنڌس متعلق اينڊڙ ڪتاب سنڌس کي پيٽا ڏيڻ لاءِ آندو پيو وڃي ته يقينن اها وشال امير جي ڪاميابي ۽ منهنجي خيال ۽ سوچ جي ساپيان آهي.

وشال امير مونسان حجت ڪئي ته مان ٻه سنڌس لاءِ ٻه ٽي سٽون لکان، گهڻين مصروفتين جي باوجود ساڻس انڪار نه ڪري سگهيم، بس هي ٿالهيءَ ۾ ٻه ڪٺا آهن جن ڪٺن ۾ دعا سمايل آهي ته شل وشال امير ادب توڙي پنهنجي پروفيشن واري فيلڊ ۾ اڃان ٻه گهڻي ترقي ماڻي( آمين).



منهنجي استاد ۽ نانا الهداد "سالڪ" ابڙو ۽ ٻين سان سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيندي

## وشال امير جون ڪهاڻيون ۽ سندس شخصيت

سلميٰ قادري

وشال امير سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ هٿ ونڊائيندڙ نوجوان ليکڪ آهي، سندس لکڻين ۾ هر عهد جي ماڻهن جي احساسن جي ترجماني ٿيل آهي. وشال نہ صرف طبيعت ۾ سباجهڙو آهي پر انداز بيان ۽ تڪلم ۾ بہ سباجهڙن خيالن ۽ لفظن کان ڪم وٺندو آهي.سندس لکڻين ۾ رچندڙ احساس ڪائناتي اسرارن سان محوگفتگو هُوندا آهن. وشال امير جي شاعري توڙي نثر جي هر صنف ڌرتي ۽ آڪاش جي رنگين داستانن جي عڪاسي هوندي آهي. هن اداس ليکڪ ۾ وشال شخصيت بڻجڻ جا اهڃاڻ موجود آهن، ڇاڪاڻ جو سندس لکڻين ۾ انساني جذبات ۽ احساسن جي پرک ٿيل آهي، جن کي لفظن جي مالهائن ۾ پوئيو ويو آهي.

وشال امير جيتوڻيڪ تمام ٿورڙيون ڪهاڻيون لکيون آهن ۽ اهي بہ سڀ جو سڀ جنسي مسئلن جي چوگرد ڦرندي نظر اچن ٿيون پر اها حقيقت آهي تہ هن انهن ڪهاڻين ۾ معاشري جي انهن پهلوئن کي ڏيکاريو آهي جن مان ڪيترين ئي خرابيون پيدا ٿين ٿيون. جيئن وشال جي لکيل ڪهاڻي ”ڪاري ڏائڻ“ کي ڏسو تہ هن ڪهاڻيءَ ۾ هن زال مڙس جي ازدواجي رشتي ۾ آيل وٿيءَ جي عڪاسي ڪندي ڏيکاريو آهي تہ ڪنهن بہ هڪ طرف جي بيحسي ئي وڇوٽيون پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجي ٿي، جيئن لکي ٿو:

” شروعاتي ڏينهن ۾ هوءَ مونکي ڏاڍي وڻندي هئي، مان پاڙي اوڙي جي ڪنهن بہ عورت کي ڪونہ ڏسندو هئس. ۽ نہ ئي بس ۾ سفر ڪندي ڪنهن مسافر عورت مٿان ڪا هلڪڙي نظر وجهندو هئس. پر هاڻي هوءَ مونکي اهڙو گل ڀاسڻ لڳي آهي جنهن ۾ ڪا بہ خوشبوءِ ناهي.....! ۽ ها هن جو اڄان بہ اهو ساڳيو ئي ضد آهي تہ ڦهريون ٻتي وساءِ..... ۽ ٻتيءَ وسائڻ ڪانپوءِ بہ هوءَ سرد لاش جيان ئي هوندي آهي.....!

هاڻي مونکي ڀنڪيءَ بجاءِ راڄي وڻڻ لڳي آهي، جيڪا مونکي ڄئور وانگر چنبڙي پوندي آهي.“

اهڙي ريت ڪهاڻي ”لوپ“ ۾ وشال هڪڙي اهڙي عورت جو ڪردار ڏيکاريو آهي جيڪا اونچي مقام تي پهچڻ لاءِ ۽ دولت حاصل ڪرڻ

لاءِ غلط رستو اختيار ڪري ويهي ٿي ۽ مستقبل ۾ اچڻ واري انجام کان اڻواقف آهي ۽ هن لاءِ سچي محبت بي معنيٰ آهي. ان ساڳي ئي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ سچو پيار ڪندڙ ڪردار ڪي به ڏيکاريو ويو آهي جيڪو پنهنجي پيار کي هرحال ۾ قبولڻ لاءِ تيار آهي :
”چيومانس عيني تون ايئن چو ٿي وئي آهين، طارق توکي ڪڏهن ڇڏيو؟
چيائين جڏهن هُن منهنجي جسم تي لڪيل سموريون سُرخيون پڙهي پوريون ڪيون تہ مونکي پُراڻي اخبار جيان اُڇلائي هليو ويو....!
عيني هاڻي بہ ڪجهہ بگڙيو ناهي ، مون وٽ اڄان بہ تولاءِ اهو ئي پيار آهي.
چيائين عظيم مان تنهنجي ڪڏهن بہ نہ ٿيندس، مان اڄان بہ پنهنجي ضد تي قائم آهيان. مونکي اڄ بہ توکان، پيار کان ۽ سُڄَ کان نفرت آهي... ڏِسُ انهيءَ سُڄَ مونکي هن حال تي پڄايو آهي، جو مان ٽيهہ روپين عيوض جسم وڪڻڻ لاءِ تيار آهيان.
نہ عيني تون اڄ بہ غلط آهين، توکي سُڄَ نہ پر لالچ ان منزل تي پڄايو آهي، تون ڪڏهن بہ اهو نہ سوچيو تہ جوين ڪانپوءِ تون جُهور بہ ٿيندينءَ...... اڄ جڏهن تنهنجو جسم پوڙهو ٿي ويو آهي تہ پوءِ لازمي تنهنجو اگهہ بہ گهٽجي ويندو“.
اهڙي ريت وشال جي ڪهاڻي ”ڏگها ساهہ“ هجي يا ”وڃايل چوٽي جي ڳولها“ منجهن هڪ سبق موجود آهي.
وشال امير ڪهاڻين جا ترجما بہ تمام سنا ڪيا آهن.جن تي تفصيل سان ويهي لکبو تہ تمام گهڻي ڊيگهہ ٿي ويندي. هتي بس مون ٿورڙي ڪوشش ڪندي وشال امير جي ڪهاڻين کي ڏسندي سندس شخصيت تي مختصر روشني وڌي آهي . وشال سچ پچ بہ ڪومل احساسن جو ليکاري ۽ نازڪ توڙي ڪومل مزاج جو مالڪ آهي. هُو هڪ سٺو شاعر ۽ طبيعتن نيڪ ۽ پُرخلوص ماڻهو آهي. هن جي گفتگوءَ ۾ پنهنجائپ ۽ سادگي هوندي آهي، پاڻ سچ کي پسند ڪرڻ ۽ سچ جو ساٿ ڏيڻ وارين خوبين جو مالڪ آهي،ان ڪري سندس لکڻين ۾ بہ سچاين جي جهلڪ موجود آهي. وشال جي هن سچ کان ڀلي ڪٿي معاشري جا ڪي فرد منهن موڙي ڪائنس نفرت بہ ڪن پر هڪ ڏينهن سندس ان سچائيءَ کي مڃيو ويندو چو تہ سچائي پاڻ مڃرائي وٺندي آهي.

# اڌ ماني پورو ڪتاب

حنا ڪاڪيپوٽو

شاعري قدرتي ڏات آهي جيڪا شاعر جي داخلي ۽ خارجي ڪيفيتن سان ٽمٽار ٿي ڪاغذ تي لهندي آهي. شاعري جو لفظ شعور مان ورتل آهي جنهن مان مراد آهي "اهو مواد جنهن جي پڙهڻ سان پڙهندڙ کي ڪا اهڙي چاڻ ٿورڙن لفظن ۾ ملي پوي جيڪا سندس شعور ۾ اضافو ڪري". بهترين شاعريءَ جو تعلق شاعر جي وسيع تجربي ، مشاهدي ۽ مطالعي تي ٻڌل هوندو آهي. شاعري شاعر جي داخلي ۽ خارجي ڪيفيتن مان پڻ جنم وٺندي آهي. جيڪي ڳالهيون ڪلاڪن جي ڊگهين تقريرن سان نه ٿيون سمجهائي سگهجن،اهي ڳالهيون شاعرَ ٻن سٽن ۾ سمجهائڻ جو هنر رکندا آهن. شاعرَ جي شاعري ڪيتري قدر عوامي رنگ ۾ رنگيل آهي اها خبر سندس ڪلام مان پئجي سگهي ٿي، ڇو ته شاعرَ جو مطالعو ۽ مشاهدو جيترو وسيع هوندو اوترو ئي سندس شعر پراثر هوندو.

هونئن به شاعري قدرتي ڏات آهي. لفظن ۾ ساهه وجهڻ جو نالو ئي شاعري آهي،جيڪا شاعري هر ماڻهوءَ کي پنهنجي احساسن جي ترجماني لڳي اها ئي شاعري بقا ماڻي ٿي. سر وشال امير جو شمار سنڌ جي ناميارن شاعرن ۾ ٿئي ٿو جن وٽ خيالن جي گهرائي به آهي، فڪري اڏام به آهي ۽ سندس شاعري، شاعريءَ جي فن تي به پوري لهي ٿي. سر وشال امير هڪ سنو شاعر آهي جنهن شاعريءَ جا ڪوڙ سارا ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ لکي نئين نسل ۾ شعور جو اضافو ڪيو آهي. اڄ جي دور ۾ جيتري اهميت اليڪٽرونڪ ميڊيا کي ڏني پئي وڃي اها پنهنجي جاءِ تي برحق آهي پر ڪتاب انسان جو بنياد آهي جنهن جي اهميت ۽ افاديت کان به انڪار ڪري نه ٿو سگهجي. شاعري منهنجي نظر ۾ هڪ اهڙو آبشار آهي جنهن کي ڪٿي به ڪا روڪ ٽوڪ نه ٿي ڪري سگهجي. شعرن ۾ شعور پري ايندڙ نسل تائين پهچائڻ جو ڪم جيڪو سر وشال امير ڪري رهيو آهي اهو به ان آبشارنما آهي. جنهن کي پڙهندڙ ئي محسوس ڪري سگهي ٿو. ڇو ته بنا مطالعي جي شعور جي سگهه نه ٿي وڌي سگهي. مطالعي جي سگهه سان ئي انسان کي مشڪل کان مشڪل سوالن جا جواب ملي سگهن ٿا. تڏهن ته اسلام ۾ علم جي حاصلات لاءِ تاڪيد ڪيو ويو آهي

ڀهريون وحي جيڪو نبي پاڪ صلي الله عليہ والہ وسلم تي نازل ٿيو انهيءَ ۾ بہ ڀهريون لفظ"اقرا" چيو هو يعني پڙهہ.

اسين ڪيتري قدر انهيءَ فرمان جي پوئيواري ڪيون ٿا اهو سوال بہ پنهنجي جاءِ تي اهميت رکي ٿو! سر وشال جي شاعريءَ مان سندس مطالعي ۽ مشاهدي کي بہ پرکي سگهجي ٿو. باقي جيڪي ماڻهو مطالعو نہ ٿا ڪن انهن لاءِ سوچڻ جون ڳالهيون بہ تمام گهٽ هونديون آهن . پر جن ماڻهن ڪتابن سان دوستي رکي آهي انهن لاءِ صرف ٽي شيون ئي درڪار هونديون آهن هڪ ڪتاب ، هڪ ڪرسي ۽ هڪ گرم ڪپ چانهہ جو. پوءِ هو ڪڏهن بہ بور ناهن ٿيندا، تڏهن تہ شيخ اياز بہ اها دعا گهري هئي تہ يا رب ! تنهنجو شڪر آهي جو تو مون کي اڌ ماني پورو ڪتاب نصيب ڪيو.

اڄ جي دور ۾ سنا دوست صرف ڪتابن ۾ ئي ملن ٿا چو تہ ليکڪ شاعر اديب ۽ فيلسفوف صرف ۽ صرف ڪتابن جي دوستي مان ملي سگهن ٿا. سر وشال امير وٽ سنو ذهن وسيع مطالعو ۽ شاعريءَ جي ڏات موجود آهي جنهن سان هو قلم جو پورهيو ڪندو رهي ٿو. مان شاعريءَ سان گهٽي واقفيت نہ هئڻ ڪري ان جي لوازمات کي نہ ٿي ڄاڻان پر خيالن ۽ سوچ جي آڌار تي جيڪو صحيح سمجهيو اٿم اهو لکيو اٿم.

آخر ۾ هڪ ڳالهہ اها بہ ضرور چوندم تہ سر وشال امير سُنو شاعر يا ڪالم نگار آهي ان ڳالهہ سان ڀلي ڪو متفق نہ بہ ٿئي پر اها ڳالهہ هرڪو مڃيندو تہ سر وشال امير سُنو انسان آهي، هي شخص پنهنجي مٽن مائٽن ۽ دوستن جي ڏک سُک ۾ تہ ڪم ايندو آهي پر ڪو اڻواقف بہ وٽانئس نا اُميد نہ موٽيو هُوندو، هروقت ڪنهن آفيشل يا سوشل ڪم جي پويان ڊوڙندو رهندو، ڪڏهن بہ ٿڪبو ڪونہ ڄڻ ڪو جِنُ هُجي .

---

سر وشال امير جو ڪردار سڀ ڪنهن سان شفيق ۽ هڏڏوکي همدرد وارو رهيو آهي ، جيڪو هر ڪنهن سان همدردي ڪرڻ گهري ٿو. پاڻ بهترين رهنما پڻ آهي.
( ماريا حسن)

# هڪ سچو انسان

سيده قدسيہ حيدر شاهہ

منهنجي نظر ۾ بهترين انسان اهو آهي جيڪو خلق خدا لاءِ آسانيون پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ۽ جيڪو ماڻهو بنا ڪنهن غرض جي ٻين جي ڪم اچي، ٻين جي مدد ڪندو رهي. جيستائين مونکي ڄاڻ آهي تہ ادا وشال امير جنهن کي سنڌ جا ڪيترائي ماڻهو هڪ ناماياري شاعر، حساس ليکڪ ۽ ذميوار صحافي طور بہ سڃاڻين ٿا ، ان جي شخصيت جو هڪ نرالو رخ اهو بہ آهي تہ هو حقيقت ۾ هڪ سچو، نيڪ نيت، مخلص ۽ ٻين جو مددگار انسان بہ آهي، مون هميشہ ڪيس ٻين جي مدد ڪندي ۽ ٻين لاءِ آسانيون پيدا ڪرڻ لاءِ مخلصيءَ سان ڀرپور ڪوشش ڪندي ڏٺو آهي.

مان هڪ تعليمي اداري سان لاڳاپيل آهيان جتي بحيثيت پرنسپال نوجوانن کي بهتر تعليم ۽ تربيت ڏيڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهيان. ان اداري ۾ ادا وشال امير جا ٻارڙا بہ پڙهن ٿا ، انڪري سندس تعلق هن اداري سان جڙيل رهي ٿو، هتي ڪيترائي ٻيا بہ لکيل پڙهيل ۽ وڏن عهدن تي فائز ماڻهو پنهنجي ٻارڙن جي تعليم ڪارڻ هن اداري سان رابطي ۾ رهندا ايندا آهن ، پر مون ادا وشال امير کي هميشہ پاڻ سان گڏ هڪ ٻانهن ٻيلي ياءُ طور ڏٺو آهي، هُو ڪڏهن هڪ استاد جي صورت ۾ تہ ڪڏهن هڪ رهنما جي شڪل ۾ شاگردن سان ملي جلي ويندو آهي، شاگردن جي رهنمائي ڪان هن ڪڏهن بہ ڪيبايو ناهي ادا وشال امير منهنجو بهترين سپورٽر آهي، هي سدائين شاگردن توڙي استادن جي حوصلہ افزائي ڪندو رهندو آهي، شاگردن ۽ استادن جا پروفائيل اخبارن ۾ ڇپرائڻ يا انهن جا آرٽيڪل اخبارن ۾ ڇپرائڻ جهڙي حوصلہ افزائي يقينن ٻارڙن ۾ لکڻ پڙهڻ جو چاهہ وڌائڻ لاءِ هڪ بهترين عمل آهي، جيڪو ادا وشال امير جي سچائي ۽ خلوص جو مظهر آهي.

مون هميشہ ادا وشال جي چهري تي اطمينان واري مسڪراهٽ ڏٺي آهي جيڪا ڪنهن انسان دوست، پرخلوص ۽ سچي انسان جي چهري تي ئي نظر ايندي آهي.

دعا آهي تہ رب ڪريم سدائين مٿس ٻاجهہ قائم رکي ۽ سندس فن توڙي فڪر کي اڃان وڌيڪ وسعت عطا ڪري. آمين

# منهنجو استاد ، منهنجو رهنما

نور افشان شيخ

ڪجھ ماڻهو جيترا سنا هوندا آهن. اوتروئي انهن جو آواز سنو هوندو آهي ۽ ان ڪان بہ وڌيڪ سنو انهن جو ڳالهائڻ هوندو آهي. جن سان ڳالهائي ڪري ڪڏهن اجنبيت جو احساس ئي ناهي ٿيندو. ڪجھ اهڙو ئي احساس ادا وشال امير سان پهريون دفعو مون ڳالهائڻ ۾ محسوس ڪيو.

لکڻ جي صلاحيت ۽ شوق مون کي وراثت ۾ بلڪل بہ ڪونہ مليو آهي، ها باقي اک پٽڻ سان ئي والد صاحب کي اخبار پڙهڻ جو ۽ ريڊيو تي بي بي سي نيوز ٻڌڻ جو شوقين ڏٺو، وڏي ڀيڻ کي اردو رسالا ۽ ناول پڙهندي ڏٺا، تنهن ڪري جڏهن ٻئي درجي ۾ پهتس ۽ ڪجھ اردر ۽ سنڌي جي ڄاڻ سڃاڻ ٿيڻ لڳي تہ مان بہ نونهال ، عمروعيار ، ٽارزن ، رسالو گلڙا ، گل ڦل ، ادا سائين ، ساٿي وغيره ۽ جنن پرين ، جادوگرن جون ڪهاڻيون پڙهڻ شروع ڪيون ۽ پڙهڻ جي وري ايتري تہ عادت ٻڌجي ويئي جو جيڪا بہ خرچي ملندي هئي سا انهن ڪهاڻين ۽ رسالن خريدڻ ۾ پوري ڪري ڇڏيندي هيس.

لکڻ جو شوق مون کي نائين ، ڏهين ڪلاس کان ٿيو ۽ منهنجو اهو شوق هن مهل تائين سر وشال امير جي مهربانيءَ سان پورو ٿيندو پيو رهي.

جڏهن اسڪول ، ڪاليج ۾ تقريري مقابلا ٿيندا هئا ۽ اخباري صحافي ايندا هئا تہ انهن کي ڏسي مون کي بہ شوق ٿيو تہ مان بہ انهن وانگر اخبارن ۾ لکان ، ڪجھ بہ سمجھ ۾ نہ ايندو هو تہ ڇا لکان؟ سڀ کان پهريان خبرون اخبار ۾ هڪ بہ خط لکيا جيڪي شايع ٿيا، ان کان پوءِ ربيع الاول جي حوالي سان ۽ نسيما لٻاڻو معاملي تي 2007ع ۾ ڪالم لکيا جيڪي بہ روزانو فون ڪرڻ ،خبرون آفيس وارن کي ياد ڪرائڻ بعد مس وڃي شايع ٿيا. هڪ ڏينهن ادا غازي جهنڊير مون کي چيوتہ ڀيڻ توهان حيدرآباد نئين زندگي رسالو جي ايڊيٽر وشال امير سان رابطي ۾ اچو ، هُو توهان جي سٺي مدد ڪندو . ادا غازي جهنڊير ئي مون کي سر وشال امير جو موبائيل نمبر ۽ آفيس جو پي ٽي سي ايل نمبر بہ ڏنو ، مون سڀ کان پهريون آفيس

جي پي ٽي سي ايل واري نمبر تي ڪال ڪئي تہ آفيس وارن اهو ٻڌايو تہ وشال امير موڪل تي آهي ۽ ڪجھ ڏينهن لاءِ پنهنجي ڳوٺ ويل آهي. پوءِ مون سر وشال امير جي موبائيل نمبر تي ڪال ڪئي . پهريون دفعو ڳالهائڻ سان ئي ادا وشال جي ڳالهائڻ ۾ احترام ، محبت ، عزت ۽ شفقت جو جذبو نظر آيو ۽ ادا وشال امير منهنجي لکڻ جي شوق کي ڏسي مون کي آفيس جي ايڊريس بہ لکرائي ۽ چيو تہ مواد موڪلي ڇڏيو، جيڪا بہ گنجائش هوندي اسان سيٽ ڪري ڇڏينداسين .

اڳتي هلي سر وشال مون کي سيڪاريو تہ ڪالم ڪيئن لکبو آهي ، لکڻ جي منهنجي غلطين جي نشاندهي ڪئي. ان ڏينهن کان سر وشال منهنجو استاد بڻجي ويو ، هينئرمنهنجا اٽڪل 120 کان مٿي ڪالم ۽ 7 کن ڪهاڻيون شايع ٿي چڪيون آهن، جيڪي سڀ سر وشال امير جي رهنمائي آهي، منهنجي وڏي ڀيڻ قرت العين عيني بہ ڪجھ ڪالم ۽ خط لکيا جيڪي بہ سر وشال جي مهربانيءَ سان شايع ٿيا. سر وشال چوندو هو تہ توهان ۾ لکڻ جو ٽيلينٽ آهي بس توهان کي ٿوري پڙهڻ ۽ پرکڻ جي ضرورت آهي.

اڄ تائين جيڪڏهن منهنجي لکڻ جو شوق جاري آهي تہ اهو سر وشال امير جي ڪري ئي آهي ڇوتہ منهنجي شاديءَ کان پهريون يا شادي کان بعد فيمليءَ جي طرفان جيڪڏهن مون کي لکڻ جي اجازت ملي بہ تہ اها ادا وشال امير ۽ انهن جي فيمليءَ کي ڏسي ڪري ملي. منهنجو ڪوبہ آرٽيڪل يا ڪهاڻي ڪهڙي بہ اخبار ۾ شايع ٿيندي هجي مان شروع کان وٺي موڪليندي سر وشال امير ڏانهن ئي آهيان.

مئي 2007ع کان منهنجو باقائدي لکڻ ۽ ادا وشال امير ۽ سندس پوري فيمليءَ سان پيار ، محبت ، چاهت ۽ اپنائيت.جو آغاز ٿيو جيڪو هن مهل تائين آهي، ادا وشال امير جي اميءَ سان فون تي منهنجي گهڻي ڪچهري ٿيندي هئي، پوءِ جڏهن 2010ع ۾ سر وشال امير وارن جي ڳوٺ ڪولاب جيئل ۾ سندن حويلي ۾ سندس ڪٽنب سان ملاقات ٿي تہ سر جي امي منهنجي ديواني ۽ مان ان جي ديواني بڻجي ويس. ايتري تہ پياري ، دوستن جي دوست ، جهڙي اندر جي تهڙي ٻاهر جي پلي ، سر وشال جي امڙ.

ادا وشال امير جي گهر واري باجي تسليم جيڪا پاڻ بہ هڪ ليکڪا آهي ان بہ مون سان گهڻو تعاون ڪيو. سر جا ٻاراحسن رحمٰن

۽ عبدالسلام ﺑﮧ هڪ وڏي پيڻ وانگر مون سان پيار ڪندا آهن. سر وشال امير جي فيمليءَ ڪان مون ڪي ايترو ﺗﮧ پيار ، عزت ۽ محبت ملي جيڪا آءٌ سنڀالي ﻧﮧ پئي سگهان. سندن ڪٽنب جي هر گهر ۾ هڪ ننڍڙي لائبريري ﺑﮧ ضرور نظر آئي ، سر وشال امير جي اميءَ ، گهر واريءَ، ٻارن ۽ مٿن مائٽن ٻيا تحفا ۽ خرچي ﺗﮧ ڏني پر ڪتابن جهڙا خوبصورت تحفا ﺑﮧ مليا جيڪي اڄ تائين مون سنڀالي رکيا آهن.

سياڻا چوندا آهن ﺗﮧ انسان کي سڃاڻڻ لاءِ ان جون ننڍيون ننڍيون ڳالهيون ئي توهان جي ذهن ۾ ان ماڻهوءَ جو خاڪو ٺاهينديون آهن ۽ مان سمجهان ٿي ﺗﮧ سر وشال امير جي سادگي ، سچائي ، ايمانداري ئي هن مهل تائين هڪ استاد ۽ شاگرد واري مقدس رشتي ۾ اسان کي جوڙي رکيو آهي.



## هڪ بهترين دوست

عمران علي رڏ

مان ڪو ليکڪ ناهيان جو ڪنهن ڏاهي ليکڪ بابت ويهي ڪجهه لکان، مان هڪ عام ۽ سادو ماڻهو آهيان تنهنڪري پنهنجي پاڻ جهڙي ڪنهن دوست متعلق لکڻ ۾ مونکي هبڪ نتي ٿئي . ڪنهن ڏاهي جو چوڻ آهي ته دوستي به حقيقت ۾ مٺهيار جي هٿان پويل ڪنهن خوبصورت مالها جهڙي هوندي آهي جنهن ۾ دوست رنگين موتين جيان هڪ نازڪ ڌاڳي ۾ پويل هوندا آهن. دوستي جيئن ته هڪ نازڪ ڌاڳي ۾ پويل هوندي آهي تنهنڪري اهو ڌاڳو ڇڄندو ۽ ڳنڍبو رهندو آهي، مطلب ته دوستيءَ جي تسبيحي داڻن واري تعداد ۾ وقت سان گڏ گهٽ وڌائي ٿيندي رهندي آهي . ڪي دوست ڇڄي هليا ويندا آهن ته ڪي وري نوان اچي ان لڙهيءَ ۾ پوئبا آهن.

مان پنهنجي طبيعت جي آڌار ٿورو الڳ قسم جو ماڻهو آهيان ، مونکان خوشامد ڪونه ٿيندي آهي ۽ اجايو ڪنهن سان چنبڙڻ به منهنجي مزاج جي خلاف آهي، ان لاءِ منهنجي دوستيءَ واري مالها ۾ مشڪل سان ئي ڪي موتي پوئجي سگهندا آهن، جيڪي منهنجي دوستي مالها ۾ شامل نه ٿي سگهندا آهن اهي يا ته مونکان بنهه مختلف هوندا آهن ۽ پاڻ ڪي مونکان الڳ ٿلڳ محسوس ڪندي منهنجي دوستيءَ واري مالها مان نڪري ويندا آهن يا وري مان پاڻ ڪي انهن جهڙو نه پائڻي انهن کان پري ٿي ويندو آهيان . بس ڪجهه ماڻهو ئي اهڙا آهن جيڪي پنهنجي طبيعت ،پنهنجي روين ۽ پنهنجي محبتن سان منهنجي دوستي جي تسبيح جو حصو بڻيل آهن.

منهنجي دوستيءَ جي ننڍڙي پر حسين مالها ۾ پوئيل ڪجهه موتي داڻن مان هڪ خوبصورت داڻي جو نالو وشال امير به آهي جنهن جو اصل نالو امير بخش ابڙو آهي . هي اهو انسان آهي جنهن سچاين ۽ خلوص عيوض پنهنجي جاءِ منهنجي دل ۾ ناهي ڇڏي آهي . وشال امير ابڙو مونکي ايتري ته پنهنجائپ ۽ محبت ڏني آهي جو هاڻي ته مان ڪيس دوست نه پر وڏو ڀاءُ سمجهندو آهيان . بلڪ ڪٿي ايئن چوان ته هي جهڙوڪر منهنجو حقيقي وڏو ڀاءُ آهي . جنهن مون کي هر هنڌ وڏو آتساهه ڏنو آهي.

مون سر وشال امير ابڙو کي سدائين پنهنجي پروفيشن ۾ محبت گاڏڙ ڪم ڪندي ڏنو آهي . وشال امير ابڙو سچ به هڪ جفاڪش ۽

انسان دوست ماڻهو آهي، جيڪو هر ڪم محبت خلوص ۽ سچائي سان عمل ۾ آڻيندو آهي . حد درجي جي مصروفيت باوجود هُو دوستن سان رابطي ۾ رهندو آهي ، ڪم جي گهڻائي يا مصروفيت هن ڪي دوستن ڪان چني ناهي سگهندي، اها خوبي شايد هرهڪ انسان ۾ ناهي هوندي ، گهڻن ماڻهن ڪي تہ دوستن ڪان پري رهڻ جا بهانا ڪپندا آهن . هيڏانهن بهانو مليو، هوڏانهن دوست ويو ، پوءِ جوڳي نہ ڪنهن جا مٺ!. خبر ناهي وشال امير ابڙو ڪهڙي مٽيءَ مان نهيل آهي جو هن جي دوستي، هن جي محبت، هن جو خلوص ۽ هن جي سچائي ، شهر جي تنگ نظريءَ ڪان اجا تائين بچيل آهن ، جيتوڻيڪ جو هي زندگيءَ جا يارنهن سال حيدرآباد جهڙي مصروف شهر ۾ گهارڻ ڪانپوءِ هاڻي وري خيرپور جهڙي ترقي ڪندڙ شهر ۾ رهائش پذير آهي جتي جا ماڻهو بہ ڏاڍا مصروف هوندا آهن. اها وشال امير ابڙو جي فراخدلي ۽ وڏائي آهي جو هُو شهر جي رونقن ۾ وڃائجي نہ ويو آهي ، هن جون وڏايون الائي ڪيتريون آهن جيڪي نہ ڳڻي سگهجن ٿيون ۽ نہ وري ڳٽائي سگهجن ٿيون . وڏا ماڻهو، سچا ماڻهو ۽ باڪردار ماڻهو ائين ئي هوندا آهن ، انهن جي محبتن، سچاين ۽ وڏائين جو ڪاتو نہ ڪري سگهبو آهي . وشال امير ابڙو ڪي مون سدائين ڪونہ ڪو ڪم ڪندي ڏٺو آهي ، ڪڏهن صحافتي ڪم تہ ڪڏهن تعليمي سرگرميون ، گرمي هجي يا سردي پنهنجي آفيس جي ڪم سان لاڙڪاڻي يا سکر ڊويزن جي ڪهڙي بہ ضلعي ۾ ڪهڙي بہ علائقي ۾ پهچي ويندو، اها هن جي پنهنجي اداري ۽ پنهنجي ڪم سان سچائي آهي.

مان هن دوست جي اڻٿڪ محنتن جو گواهہ آهيان ، جو ڪيترن هنڌن تي مان ساڻس گڏ ويندو رهيو آهيان ۽ مون هنڪي سچائي سان ، خلوص سان ۽ محبت سان سندس ذميواريون نڀائيندي ڏٺو آهي. مون تہ هن ڪي پنهنجن رشتن سان محبت ۾ ۽ دوستن سان پيار رکندي آلي ڪانيءَ جيان ٻرندي بہ ڏٺو آهي .

وشال امير جو ڏينهن رات اوجاڳا ڪري ٻين جا سک ڳولهڻ لاءِ جتن ڪرڻ بہ تہ آلي ڪاني وانگي ڏينهن رات ٻرڻ جي مثل آهي. هو پاڻ تہ ٻرندو رهندو آهي ، پر هن جي ٻرڻ سان جيڪا روشني ٿيندي ان روشني سان ، اسان بہ روشن ٿي ويا آهيون ۽ سندس جهڙي واٽ تي هلندي اهو ڪجهہ ڪرڻ جا جتن ڪرڻ لڳا آهيون ، جنهن سان ٻين ڪي

فائدو نہ بہ ڏئي سگهون پر گهٽ ۾ گهٽ ڪو بہ نقصان رسائڻ ڪان پري آهيون.

وشال امير طبيعت ۾ صفا سڌو ، صاف ۽ حق سچ چوڻ وارو ماڻهو آهي، ڪٿي اڳيان ڪير بہ هجي هُو ان ڪي منهن تي سچ چئي ڏيندو آهي، پوءِ پلي ڪٿي اهو ماڻهو متس ناراض ٿئي يا ڪاوڙجي هليو وڃي، هي نام نهاد وڏيرن کي بہ سڌيون ٻڌائيندو رهندو آهي انلاءِ بقول محترم انور سومرو جي تہ سندس خاندان جا ڪجهہ ماڻهو بہ کيس فسادي سڏيندا آهن . هن جي سچ چوڻ واري نرالي طبيعت ڪنهن کي وڻي نہ وڻي پر مون کي تہ ضرور وڻندي آهي . ۽ مونکي خوشي ٿيندي آهي تہ منهنجي هن دوست وشال امير اٻڙو وٽ اهڙي سگهہ آهي ۽ هو ان جو عملي مظاهرو ڪندي سچ چوندو ئي رهندو آهي. ان ڪري نہ رڳو مان ان جي انهي ادا تي فخر ڪندو آهيان ، پر يقين آهي تہ پاڻ بہ پنهنجي ان ادا تي فخر ڪندو هوندو!.

ميخائيل شولوخوف پنهنجي ڪنهن ناول ۾ لکيو آهي تہ "چا تون بالشويڪ آهين ؟" اهڙو ئي سوال منهنجي هن دوست ڪان بہ ڪجهہ ماڻهو ڪري وٺندا آهن چا تون هندو آهين؟ پلا سوچجي تہ نالي جي ڪري ڪهڙو فرق ٿو پوي؟ پر ماڻهو نالي تي پلجي ٿا پون ،انلاءِ مان هتي سندس نالو بار بار وشال امير اٻڙو ورجائيندو رهيو آهيان.

سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز ڪٿي لکيو آهي تہ جڏهن مان انهيءَ تي سوچيان ٿو تہ مون کي چا ڪرڻو آهي؟ تڏهن مان هڪ عقاب وانگر هوا ۾ پرواز ڪريان ٿو ۽ مون کي محسوس ٿئي ٿو تہ مون ۾ پوري پهاڙ کي هٽائڻ جو ٻل موجود آهي. سو مون بہ وشال امير اٻڙو ۾ اهڙي سگهہ ۽ پهاڙ کي هٽائڻ جو ٻل ڏٺو آهي ، هُو عملي طور ذهنن کي مٽائڻ ۽ انهن ۾ پيدا ٿيل فتورن جي پهاڙن کي هٽائڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو، جيڪو ڪم حقيقي پهاڙن کي هٽائڻ ڪان بہ وڌيڪ ڏکيو پر ڪارائتو آهي.

وشال امير پنهنجي ٿهيءَ جو پلوڙ شاعر ۽ چئن ڪتابن جو سرجيندڙ آهي . پاڻ پيشي جي لحاظ ڪان پي آءِ ڊي ۾ سرڪاري ملازم آهي ، مگر لکڻ جي وند سان بہ لاڳاپيو رهي ٿو ۽ جڏهن بہ کيس وقت ملي ٿو تہ ملڪ جي معمارن جي سکيا لاءِ بنا معاوضي وقتي طور تي دي اڪيڊمي آف ايڪسيلينس خيرپور يا غني پبلڪ ايليمينٽري اسڪول ڪولاب جيئل ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي وڃي ٿو.

## سنڌوءَ جل جهڙو سياءُ رکندڙ شخص

شمشاد علي رڏ

سنا خيال سني ماڻهوءَ جي بهترين وصف هوندا آهن . بلڪل اهڙن خيالن ۽ سهڻي صورت وارو منهنجو پيارو ياءُ وشال امير آهي ، هي قداور مڻيادار انسان سندس قربائيتن ڪچهرين ۽ ڏاهپ جي ڪري سنگت جي دائري جو مرڪز آهي. وڏو هجي يا ننڍو هر شخص هن سان پيار ڪندو آهي . هي پنهنجن دوستن جو پائرن کان وڌيڪ خيال رکندو آهي . انهيءَ بي انتها پيار جي ڪري هي دوستن جي دلين تي راڄ ڪندو آهي. خدا تعالي کيس محبت واري دل عطا ڪئي آهي هن جي اندر جو انسان تمام گهڻو حساس آهي. هي ماڻهن جي درد کي محسوس ڪري ٿو ۽ ان کي شاعري ۾ سموهي هڪ آواز بڻائي ٿو. مون هن کي قلم ۽ شاعري جي هٿيار سان وقت جي آمرن ۽ ظالمن سان مهاڏو اٽڪائيندي ، کين للڪاريندي ڏٺو آهي .

بطور ليکڪ ته دوست وشال امير کي ڪافي عرصي کان سڃاڻان پر ساڻس سان ملاقات ٻه سال اڳ خيرپور جي غريب نواز هوٽل تي ٿي هئي، جنهن بعد ملاقاتن ۽ محبتن جو اڻٽٽ سلسلو شروع ٿيو هو ، جيڪو اڃا تائين قائم آهي. ويجهڙائي وارين ملاقاتن ۾ اهو احساس پختو ٿي ويو آهي ته وشال امير نه صرف پنهنجي لکڻين ۾ حساسيت جو گوهر آهي پر عملي ڪردار ۾ به پنهنجي ڌرتيءَ جي ماڻهن سان بي انتها محبت ڪندڙ آهي .

جيڪڏهن وشال امير چاهي ها ته زندگي ۾ کيس ڪيترائي اهڙا موقعا مليا جن مان فائدو وٺي اهو ڪجھ ڪري سگهي ها جنهن لاءِ ڪجھ ترڪٽيون دليون ڪجھ به ڪري ويهنديون آهن پر هن ائين نه ڪيو. هن هميشه دولت جي ڀيٽ ۾ عزت کي اهميت ڏني آهي تنهن ڪري هي پنهنجي ڪردار ۾ سچائيءَ جو روح ڦوڪيندو رهيو آهي. اسان دوستن جون نيڪ دعائون ۽ تمنائون ساڻس سان گڏ آهن اميد ته حياتيءَ جا باقي سال به پنهنجي اپنايل مقصد کان وک به هيڏي هوڏي نه ٿڙندو.

## وشال سوچ جو مالڪ ادا وشال امير

ريحانہ چانديو

ڪي ماڻهو پنهنجو مٽ پاڻ هوندا آهن ائين ئي اڄ جنهن ماڻهوءَ جي زندگيءَ تي مون ڪي لکڻ لاءِ چيو ويو آهي اهو ماڻهو پنهنجي نالي جيئن وشال سوچ ، وشال دل جو مالڪ آهي. ادا وشال امير پاڻ ادب سان تعلق رکن ٿا سندس شاعري جا گهڻا ئي رخ ۽ لاڙا آهن، سندس شاعري پيار محبت ۽ سچائيءَ جو درس بہ ڏيندي آهي، تہ ڪٿي سماج سان ٿيندڙ ناانصافين خلاف آواز اٿاريندڙ باغي جو ڪردار بہ نڀائيندي آهي . چوندا آهن هر ڪامياب انسان پاڻ بهترين سوچ ،اخلاق ۽ ڪردار جو مالڪ نہ هوندو تہ اهو حقيقي ڪامياب بہ هرگز نہ ليکيو ويندو . ادا وشال امير ڪي مون پهريون دفعو حيدرآباد ۾ ڏٺو هو جڏهن تہ سندس شاعري جا ڪتاب ان کان اڳ ئي پڙهيا هئا. جيئن تہ منهنجي پيڻ شبنم چانديو بہ شاعره آهي ۽ ادب جي دنيا جا ماڻهو هڪ ٻئي کي ڪتاب سوکڙي ڪري ڏيندا آهن تيئن آهي هڪ ٻئي سان رشتا بہ مضبوط رکندا آهن ، ان طرح ادا وشال امير سان منهنجو رشتو جڙيل آهي. جيئن تہ مون مٿي بيان ڪيو تہ ادا وشال امير سان پهريون دفعو حيدرآباد ۾ سندس آفيس ۾ ملڻ ٿيو، اها 2010ع جي ڳالهہ آهي منهنجي والده جي طبيعت خراب هئي ، منهنجي والده ڪينسر جهڙي موذي مرض جو شڪار بڻيل هئي، تڏهن ادا وشال امان جي علاج ۾ هر ممڪن مدد ڏياري، ائين محسوس ٿيو تہ ادا وشال ڪو غير نہ پر امان جو سڳو پٽ هجي.

هن دنيا ۾ بنا مطلب جي ڪير بہ ڪنهن جي مدد نہ ڪندو آهي پر ادا وشال انسانيت جو درد سمجهندڙ دل رکي ٿو. سني انسان جي توهان کي ڏک جي گهڙين ۾ خبر پوندي آهي اهو سياڻين جو قول آهي. ادا وشال جو اهو پنهنجائپ وارو رويو مان ڪڏهن بہ نہ ٿي وساري سگهان . ان ڏکئي وقت ۾ خبر پئي تہ ڪير پنهنجو آهي ڪير پرائو . ادا وشال مون کي ڪڏهن بہ پرائو نہ لڳو ۽ نہ ئي پرائو آهي. ادا وشال ديد شناس ، رشتن کي نڀائيندڙ آهي . هو پاڻ پنهنجي ذات کي تڪليف ۾ وجهي ٻين جي مدد ڪري ٻين کي خوش ڏسڻ چاهيندو آهي. مان ائين چوندس ادا وشال ڪڏهن بہ پنهنجي ذات لاءِ نہ جيئندو آهي، هو هميشہ ٻين جي خوشين خاطر پنهنجي خواهشن کي قربان

ڪندڙ انسان آهي . ادا وشال دوستن سان سچو ۽ پنهنجن رشتن سان مخلص آهي ، هُو جنهن سان بہ ڪو رشتو رکندو آهي پوريءَ سچائيءَ سان نڀائيندو آهي.

هن دوکي بازن جي دنيا ۾ جتي فريب ، دوکو ، چالبازي ۽ ٻين کي تڪليف ڏيڻ عام هجي اتي ادا وشال امير جهڙو بهترين انسان اسان کي وفاداري جي صورت ۾ ملندو تہ يقينن اِنَ مثال کي سچ ثابت ڪندو تہ "اڃان هيءَ دنيا سٺن انسانن جي ڪري هلي پئي".

ادا وشال امير جي زندگيءَ تي هي ڪتاب آڻڻ وارو ادا انور سومرو جو فيصلو تمام گهڻو پسند آيو، اسان کي زنده انسانن جو قدر ڪرڻ گهرجي، اڪثر اسان انهن ماڻهن جون جيون ڪٿائون پڙهندا آهيون جيڪي هي دنيا ڇڏي هليا ويندا آهن ۽ جڏهن انهن ماڻهن جون ڪوڙ ساريون خوبيون پڙهندا آهيون تہ دل چوندي آهي " ڪاش ! اهي انسان جيئرا هجن ها تہ جيڪر انهن سان ملجي ها". پر جنهن شخصيت بابت سندس جيئري لکيو ويندو آهي، اهو ماڻهو پنهنجي باري ۾ رايا پڙهندو آهي تہ ڪيس خبر پوندي آهي تہ ماڻهو سندس لاءِ ڇا ٿا سوچين ۽ دوستن وٽان ڪيس ڪيتري محبت ملي ٿي.

آخر ۾ ادا وشال لاءِ دعا ٿي ڪيان تہ ان وشال سوچ جي مالڪ انسان کي الله پاڪ تمام گهڻيون خوشيون نصيب ڪري سندس گهر ، خاندان ۽ دوستن کان محبتون ماڻيندو رهي ، جو تہ هن هميشہ پيار ورهايو آهي. دعا آهي تہ هي پنهنجي پڙهندڙن وٽان پڻ پيار ماڻيندو رهي.



# آءِ لَوِ يُو پاپا !

شهزادي جماڻي

اسان جو تعليمي سفر انگلش ميڊيم اسڪول ۾ جاري رهيو هو ، جتي اسان کي سنڌي پڙهائي تہ ضرور ويندي رهي هئي پر اهڙي نموني هرگز نہ پڙهائي ويئي جو اسان جو پنهنجي ٻوليءَ کي پڙهڻ يا ان ۾ لکڻ جو ڪو اڳاءُ پيدا ٿئي. بس اسان سنڌي مضمون کي لازمي مضمون طور پڙهي ۽ امتحان ڏئي پاس ٿيڻ واري نگاهہ سان ڏسندا رهياسين.

جڏهن اسان دي اڪيڊمي آف ايڪسيلينس خيرپور ۾ سيڪنڊ ييئر ۾ پهتيوسين تہ اسان جي سنڌي جو استاد تہ ڪو ٻيو هيو پر سنڌس جڳهہ تي هڪ استاد اعزازي طور اسان کي پڙهائڻ لاءِ ايندو هئو، جيڪو ڪٽي ڪڏهن ڪڏهن ئي اسان کي پڙهائڻ ايندو هيو، پر هن اسان کي ڪورس مڪمل ضرور ڪرايو. شروعاتي ڏينهن ۾ اهو استاد اسان کي ڪنهن جِنَ جهڙو ڀوائتو لڳندو هيو، اهو ان لاءِ نہ تہ ڪو هن جي شڪل شبيهہ ڀوائتي هئي يا هن جو آواز ايڏو ڀوائتو هيو، بس رڳو انلاءِ تہ هُو اسان کي سنڌي پڙهائڻ مهل اڪثر اسان کي اسائينمينٽ بہ ڏيڻ لڳو هيو، تہ گهران هن ٽاپڪ تي مضمون لکي اچجو. پيلا ڪيس ڪير سمجهائي تہ اسان کي بس رڳو امتحان ۾ پاس ٿيڻو آ. پر سنڌس سامهون اسان کي ڳالهائڻ ۾ بہ ٿورو ڊپ لڳندو هيو جو هُو اڪثر اها ڌمڪي ڏيندو هُيو تہ جيڪڏهن نہ پڙهندئو تہ پوءِ مان ڪلاس ڪونہ وٺندم ۽ توهان جو اصل سبجيڪٽ ٽيچر توهان کي پڙهائڻ ايندو، اها ڌمڪي اسان کي هيسائي ڇڏيندي هئي تہ وري ٻيو نئون ٽيچر الائي ڪيئن پڙهائيندو ، ان کان بهتر هي استاد ئي آهي گهٽ ۾ گهٽ ڪجهہ سکڻ لاءِ تہ ملي ٿو. پوءِ اسان مڙئي اسائينمينٽس پوريون ڪرڻ لڳيوسين ۽ انهن اسائينمينٽس کي سر وشال امير اخبارن ۾ ڪالمن طور شايع ڪرائيندو رهيو. اهڙي ريت اسان کي خوشي بہ ٿيڻ لڳي تہ اسان جو سنڌي مضمون سان چاهہ بہ وڌڻ لڳو. هاڻي اسان کي يقينن هڪ بهتر موقعو مليو هو پنهنجي ٻوليءَ کي سکڻ جو ۽ ان ۾ لکڻ جو . هڪ ڏينهن اسان کي سر وشال امير چيو تہ جيڪڏهن هڪ وڏيڪ ڏکيي اسائينمينٽ توهان کي ڏيان تہ ڪري ويندئو ؟

ڪانئس پڇيوسين تہ سَر ڪهڙي اسائينمينٽ؟ چيائين هي توهانجو آخري سال آهي جيڪڏهن توهان ڪوشش ڪريو تہ هتان هڪ رسالو شايع ڪري، هڪڙي تاريخ جوڙي وڃو. اسان سيني کي اها ڳالهہ وڻي ۽ اسان ان اسائينمينٽ تي ڪم ڪندي رسالو "ايڪسيلنس" شايع ڪري ڏيکاريو، جنهن تي اسان جي ڪجهہ فرينڊس اسان کي ٽوڪيندي چيو پئي تہ اجايو خرچ ڪيو اٿو، ڪيل خرچ بہ پلا واپس ٿيندوَ؟ اسان جو جواب ڪين اهو هيو تہ "اسان جو پرافٽ اهو ئي ڪافي آ تہ اسان پنهنجي ٻوليءَ ۾ خدمت ڪئي آهي ۽ هڪڙي تاريخ رقم ڪئي آهي". اسان کي هي رسالو شايع ڪندي تمام گهڻي عزت بہ ملي جنهن جو سبب اسان جو هي محترم استاد ئي آهي.

سر وشال جو پڙهائڻ اسان لاءِ هڪ سونهري ياد آهي ، پاڻ هڪ بهتر سيڪاريندڙ آهن ، سندن پيرڊ ۾ اسان کي ايئن لڳندو هئو جهڙوڪر سر اسان کي لوليون ٻڌائيندو هجي ۽ اسان کي ننڊ اچڻ لڳندي هئي.

سر وشال سچ پچ اسان جو اهڙو استاد ثابت ٿيو جنهن کي مان گهڻ ۾ گهڻ روحاني پيءُ جو درجو ڏيان ٿي ۽ مونکي اهو چوندي ڪابہ هبڪ محسوس نٿي ٿئي تہ " آءِ لو يو پاپا ! توهان جتي بہ هجو شل ڪاميابين جي ديوي توهان جي سنگ رهي، اسان توهان کي ڪڏهن بہ نہ وساريندوسين ، توهان هڪ ياد بڻجي هميشہ اسان جا رهنما رهندئو".



وشال امير ۽ سندس پُٽَ احسن رحمن ۽ عبدالسلام ابڙو

## بهترين انسان ۽ تعليمي خدمتگار

مهوش عباس قريشي

اڪثر تعليمي ماهرن توڙي دانشورن کان اها ڳالهه ضرور ٻڌندا آيا آهيون ته استادي پيشو پيغمبري پيشو آهي. دنيا جي سڌريل ملڪن بابت جڏهن ڪا ڄاڻ ونڻ چاهيندا آهيون ته اها خبر به ضرور ملندي آهي ته اتي استادي پيشي کي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. سچ پچ سڌريل ملڪن ۾ استادن جو وڏو مانُ مرتبو آهي، پر اسان جي ملڪ ۾ حقيقتون ان جي ابتڙ آهي، اسان وٽ استاد کي اها عزت نٿي ڏني وڃي جنهنجو هُو حقدار آهي. ان جو سبب ڪهڙو آهي؟. اهو ڳولهبو ته ڪيترائي سبب سامهون ايندا. جن مان هڪ اهم سبب اهو آهي ته ڪجهه استاد رڳو پيٽ پوڄا لاءِ پڙهائڻ جي پيشي ۾ آيل آهن، انلاءِ هُو شاگردن سان ڪين ڪهڙي ريت هلڻ گهرجي اهو هرگز نٿا ڄاڻن. جڏهن ته ڪي چند اهڙا استاد آهن جيڪي خدمت جي جذبي تحت هن مقدس پيشي سان لاڳاپجي ايندا آهن. اهڙن استادن مان اسان جو محترم استاد وشال امير به آهي، جنهن لاءِ معلوم ٿيو آهي ته هُو پنهنجي قيمتي وقت مان اگر ڪجهه ٽائيم ڪڍي سگهندو آهي ته اسانجي اسڪول ۾ ٻارڙن جي سکيا لاءِ به هليو ايندو آهي.اعزازي طور ڪڏهن ڪڏهن پڙهائڻ جي خدمت سرانجام ڏيندڙ اسان جي هن محترم استاد جو خيال آهي ته سڌريل ملڪن جا صدر ۽ وزير اعظم جيڪڏهن قومي جذبي تحت اسڪولن ۾ ڪڏهن ڪڏهن پڙهائڻ لاءِ ٽائيم ڏين ٿا ته اسان کي به قومي جذبي تحت ڪڏهن پڙهائڻ کان نه ڪيبائڻ گهرجي، اها ملڪ يا قومي فريضي سان بي ايماني هرگز ڪونهي، اها ته جهڙوڪر قومي خدمت آهي.

مونکي منهنجي هن محترم استاد جي ان موقف سان اتفاق آهي مان ان موقف جي تائيد ڪندي، اهو چوندم ته سر وشال امير جيان شل ٻيا به خدمتگار پيدا ٿين جيڪي تعليمي واڌاري لاءِ شاگردن جي رهنمائي ڪن. سنڌي ٻوليءَ جي هن ليکڪ ، شاعر جون سماجي، ادبي ۽ تعليمي سرگرميون ساراه جوڳيون آهن. ڪيس انهن خدمتن تي مڃتا ضرور ملڻ گهري. مان ته ڪيس ڀيٽا ڏيندي ايترو چوندم ته " پاڻ بهترين انسان ۽ تعليمي خدمتگار آهن. ديس واسي ڪين هڪ ڏينهن ضرور جيءَ ۾ جايون ڏيندا".

# هڪڙو محبتي ماڻهو

ماجد علي جسڪاڻي

سنا خيال سني ماڻهوءَ جي وصف هوندا آهن ، بلڪل اهڙن سنن خيالن ۽ سهڻي اخلاق وارو منهنجو پيارو دوست ، ياءُ وشال امير ابڙو آهي. مون سندس شخصيت ۾ ڪڏهن به وڏائي ڪا نہ ڏٺي آهي ، پاڻ هميشہ سادگي پسند آهي، وڏائي ڪيس ڪڏهن ڇهي به ناهي گذري. رستي هلندي جتي به ملندو آهي سندن منهن تي مرڪ نظر ايندي آهي ، جڏهن خدمت جي ڳالهہ ڪجي تہ هو پنهنجي دوستن سان ، رشتيدارن سان حسن سلوڪ سان هلندو آهي. هي پنهنجي دوستن جو پائرن ڪان وڌيڪ خيال رکندو آهي، انهيءَ بي انتها پيار جي ڪري هي دوستن جي دلين تي راڄ ڪندو آهي . خدا تعالي ڪيس جهڙي سهڻي صورت ڏني آهي اهڙي وري محبت واري دل به ڪيس عطا ڪئي آهي . هن جي اندر جو انسان تمام گهڻو حساس آهي،هي مسڪين ، غريب ، ابوجهہ ، لاوارث ماڻهن جي دلين ۾ لهي سندن درد ڪي محسوس ڪري ٿو، دوستن جي مشڪلاتن ، پريشانين ڪي پنهنجي پريشاني سمجهي ڪري ان ڪي حل ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري ٿو .

وشال امير صفا سڌو، اندر جو صاف ماڻهو آهي ، سنئين سڌي ڳالهہ چوڻ ۾ هٻڪ محسوس نہ ڪندو آهي . جيئن تہ اڄ جي سماج ۾ سچ وڏو ڏوهاري آهي ان ڪري سچ ڳالهائڻ جي ڪري ڪيس ڪڏهن ڪڏهن مشڪلاتن ڪي منهن ڏيڻو پوي ٿو، انهن مشڪلاتن ڪي پاڻ چئلينج (challenge) ڪري وٺندو آهي ۽ هر ڳالهہ ۾ هو (positive) پهلو ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ڪيس ڪتابن پڙهڻ جو تمام گهڻو شوق آهي جنهن جي لاءِ گهر ۾ سندس هڪ ننڍڙي لائبرري پڻ اٿس . پاڻ هڪ سنو شاعر هجڻ سان گڏوگڏ هڪ سنو ليکڪ پڻ آهي .

مهنجي سائين وشال امير جن ساڻ پهريون دفعو ملاقات دي اڪيڊمي آف ايڪسيلينس ۾ ٿي، جتي مان سائين جن سان ملاقات ڪان ڪجهہ ڏينهن پهرين فزڪس جي ٽيچر طور پرتي (Appoint) ڪيو ويو هيم.

سائين جن سان پهرين ملاقات تمام بهترين رهي ، سائين جي ڳالهائڻ ۾ اخلاقيات تمام بهترين لڳي ، جنهن سان سائين ڏانهن دوستي جو هٿ وڌايو. سائين اڄ ڏينهن تائين ڪٿي به پري محفل هجي يا اڪيلائي ۾ ساڻ وينا هجون پر دوستيءَ ۾ عزت هر هنڌ ڏيندو آهي. ڪٿي به سائين جن مون سان تون ڪري نه ڳالهايو آهي مطلب چوڻ جوته دوستي ۾ عزت ، مان مرتبي کي اوليت ڏبي ، اهو سندس وڙ آهي.



پنهنجن اچڻ سان رني ڪوٽ جون يادون

## وشال امير اديبن، شاعرن ۽ دوستن جي نظر ۾

وشال امير جي لکڻين کي پڙهندي سندس بي باڪي ۽ ٻوليءَ جي سادگيءَ مان مونکي ايئن لڳندو آهي وشال ڄڻ منهنجو يعني قمر شهباز جو تسلسل آهي، پنهنجو تسلسل ڏسي مونکي خوشي ٿيندي آهي. (قمر شهباز)

وشال امير تخليقي شعور رکندڙ هڪ پُر اميد ۽ سهڻو شاعر آهي. ( ڊاڪٽر ادل سومرو)

وشال اِمير جي شاعري پڙهجي ٿي ته اهو چِٽي نموني محسوس ٿئي ٿو ته هُو زندگيءَ جي سمورين رنگين ۽ سنگين ڪيفيتن جو شاعر آهي. ( ظفر عباسي)

وشال امير پنهنجي لکڻين ۾ سماج جي مختلف ڪردارن کي آرسيءَ جي سامهون بيهارڻ سان گڏ نئون سماج جوڙڻ لاءِ جستجو ڪندي به نظر اچي ٿو. ڪا به ڳالهه گهمائي ڦيرائي نٿو ڪري ، لفظن جي جادوگري بجاءِ سادي نموني بيان ڪري هڪ سچي ليکڪ هُجڻ جو ثبوت ڏئي ٿو. (مرتضيٰ سيال)

وشال امير سٺو ليکاري هجڻ سان گڏ سندس دوستن جي حلقي ۾ دل گهرين دوستن جي باغ جو خوبصورت گل پڻ آهي.
( ڊاڪٽر مشتاق ڦل)

وشال امير سان منهنجون گهٽيون ملاقاتون ته ناهن پر هُنجي دوستن کان اها ڄاڻ ملندي رهي آهي ته هُو پنهنجي پروفيشن سان سچو آهي ۽ هن دور ۾ ڪنهن ماڻهوءَ ۾ اها هڪ خوبي ئي هُجي ته وڏي ڳالهه آهي.

( نور احمد ميمڻ_ سنڌيڪا اڪيڊمي)

وشال امير جو شاعريءَ ۾ الڳ ئي انداز آهي، سندس شاعري ٻُڌي ئي ڇئي سگھجي ٿو تہ اھا وشال امير جي شاعري آهي.

( واحد پارس)

وشال امير جي شاعريءَ ۾ اڇنيون تشبيهون بہ آهن تہ خيالن جي گهرائي بہ وڌس آهي. سندس شاعريءَ ۾ خيالن جي پختگي سندس فني اُوڻاين تي اوچڻ جو ڪم ڏئي وجي ٿي.

( امين لاڪو)

وشال امير جي لکڻ جو اسلوب نرالو آهي، هي بگڙيل سماج جو عڪس ڪڍي اچي هڪ آئيني اڳيان بيهاريندو آهي، پوءِ ڪافي سارا ڪردار ان آئيني ۾ پنهنجو عڪس ڏسي ڇرڪجي ويندا آهن ۽ دانهون ڪندا آهن تہ وشال هي سڀ منهنجي متعلق لکيو آهي.

( صابر فياض)

وشال امير برابر سهڻو ۽ سيبتو شاعر آهي. ( استاد راهي)

وشال امير پيارو ۽ سباجهڙو دوست ۽ طبيعت توڙي مزاج ۾ انتهائي نفيس انسان آهي.

( منظور اڄڻ)

وشال امير سان روبرو ملاقات ناهي پر هنجي شاعري پڙهندي محسوس ٿيندو آهي سندس شاعري مونسان ڳالهائي رهي آهي.

( مختيار کهڙو)

وشال امير خوبصورت شاعر ۽ بهترين ليکڪ سا ڳڏ پيار ڪندڙ دوست ۽ سُنو انسان آهي.

( عبدالحميد لغاري)

وشال امير سريلو سرجڻهار هجڻ سان گڏ سنجيده دوست آهي.
( حزب الله آءِ سومرو)

وشال امير جي شاعري ۾ کي خيال اهڙا هوندا آهن جيکي جذبن جي بينل پاڻي ۾ پيندڙ اُڇلڻ واريون لهرون پيدا کري وجهندا آهن.
( تسليم سحر)

وشال امير ساه سيباڻو شاعر آهي،سچو پريمي آهي سندس شخصيت جو هر پهلو وشال نظرجندو آهي. هُو انسانيت جي سيني رشتن ۾ وشال آهي، سندس پيغام پيار ۽ امن آهي. سندس لکڻيون گلابي سڳنڌ جيان آهن.
(زينت سحر)

وشال امير پنهنجي شاعريءَ ۾ مکمل طور پيار ۽ خوبصورتيءَ جو شاعر ڏسجي ٿو.
(مارئي ابڙو)

وشال امير جا خيال ۽ جذبا کيس سندس عُمر کان وڌيک وڏو ۽ مانائتو کري پيش کن ٿا.
( فوزيہ بانو)

وشال امير سچاين جي بلند مينار تي بينل اهڙو شخص آهي جنهن ٻين کي نفعو ڏيڻ سان گڏ پاڻ کي نياءَ واري معيار تي پورو بيهاريو آهي.
( شبنم چانڊيو)

وشال امير جي دل جهڙي اُجري آهي تهڙي سندس شاعري خوبصورت آهي.
( بينظير شاه)


وشال امير سيڪارڻ جي معاملي ۾ هڪ قابل استاد ۽ شفيق پيءُ جهڙو ڪردار آهي.
( ثنا گهمرو)

وشال امير جي شخصيت توڙي شاعريءَ ۾ سادگي ۽ توازن موجود آهي، سندس شاعريءَ ۾ محبت ۽ خلوص سان گڏ معاشرتي مسئلن جي نشاندهي بہ سُني نموني ٿيل هُجي ٿي.
( نون سين نير)

سر وشال امير هڪ جاڪوڙي ڪردار آهي، سندس جيون ۾ جهاتي پائي ڏسڻ سان حيراني وٺي ٿي تہ هي ڪردار ايترن ڏکن جي باوجود بہ پيار ورهائي ۽ ٽهڪ ڏيندو رهي ٿو.
( ملڪ عليزه راجپوت)

وشال امير جي لکڻين ۾ بنھ سادي ٻولي استعمال ٿيل هوندي آهي ، پر سندس ان سادي ٻوليءَ ۾ بہ اهڙو اثر هجي ٿو جو چڱن ڀلن کي پنهنجو پٽڪو سُرندي محسوس ٿيندو آهي ۽ سندس لکڻيون پڙهندي يڪدم پنهنجن پٽڪن کي هٿ لائڻ تي مجبور ٿي پوندا آهن.
( استاد نويد)

وشال امير منهنجو ننڍپڻ کان دوست آهي، اسان ٻئي ساڳين ادارن ۾ پڙهندا ۽ گڏ راند يون روند يون ڪندي وڏا ٿيا آهيون، سندس ڪردار ننڍپڻ کان ئي جاڪوڙي رهيو آهي، هي ڪڏهن بہ پنهنجي فرض کان غافل ٿي نہ ستو آهي، سدائين ڪنهن جاکوڙ ۾ رهندو آهي، ڪيس تعليم ڏيڻ ۽ پيار ورهائڻ سان لڳاءُ آهي. وشال امير جي تعليمي توڙي ادبي خدمتن تي ڪيس مڃتا ڏيڻ گهرجي پر سندس شخصيت کي مانائتي مڃتا ڏيڻ لاءِ اهي لفظ بہ ننڍا لڳن جن سان سندس قرض ، لهي سگهي.
( گلشن علي ابڙو)



سنڌ جي هڪڙي ڏاهي ليکڪا
چيو آ هُن لئہ
”ماڻهو نہ پر جڻ آ جڻ هُو
ٽڪجي ڪو نہ ٿو
جيون جي پيڙائن کان“.

مان هُنکي ڪو جڻ نہ چوندم
هُو آ هڪڙو عجيب ماڻهو
هُن جي دل ۾ دردن جو ڪو سمنڊ جُلي ٿو
پوءِ بہ کِلي ٿو
هُو تہ وڏو فنڪار جڻ آهي
اسٽيڪر جيان مرڪ چپن تي چنبڙائي
لڙڪ لڪائي
دانش وارو چشمو پائي
ڪنهنکي دل جو ڀيد نہ ڏئي ٿو.

ٽانڊن جهڙي واٽ لنگهيو آ
ٻاروتڻ کان درد ڏنگيو آ
پر نہ جهُريو آ
مان ڄاڻان ٿو
هن کي جيون گهاءُ ڏنا هن
غيرن کان تہ ڌڪار ورتائين
پنهنجن کان نہ پيار پاتائين
نفرت جي الاءِ کي اوتي
پوءِ بہ نڙي مان پنهنجي هميشہ

محبت وارا گيت ڳاتائين
يارن جو هي يار تہ آهي
انهن ڄاتن لئہ پيار بہ آهي
هن جو دين ڌرم آ محبت
سونهن سڄيءَ سان هن جي ياري
ها ها! هي آ پيار پڄاري
نفرت کان هي ڏُور ڀڄي ٿو
پر ڏاڍن کان ڪون ڏري ٿو
مظلومن تي ظلم ڏسي ٿو
هي تڙپي ٿوءِ لڪي ٿو
مُنهن تي جنهن کي چوٽو آهي
اهو بہ چئي ٿو
هن جي تر جي
هن جي گهر جي
ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي
وشال آهي فسادي ماڻهو
مان بہ مڃيان ٿو!
فرسوده ريتن رسمن تي
۽ ظلمن تي
جيڪو هتي اڪيون نہ ٻوٽي
گونگو ، ٻوڙو ٿي نہ گذاري
آواز اٿاري
فسادي آهي
ها!ها! وشال فسادي آهي.

انور سومرو

## پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٽي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ون ون کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)